

إِنَّ الَّذِينَ فَرَّقُوا دِينَهُمْ وَكَانُوا شِيَعًا لَسْتَ مِنْهُمْ فِي شَيْءٍ

(تحقيق جن دين پنهنجي ۾ تفرقو وڌو ۽ شيعا ٿيا (اي محمد صلعم) تنهنجو انهن سان واسطو ڪونهي)

(سورۂ انعام)

كتاب

رد
ميزان الانصاف

مصنفه

جناب ميان محمد بخش صاحب واصف حيدرآبادي مولف رسائل عديده

سنه ۱۳۵۵ھ — قيمت چار آنا — سنه ۱۹۳۶ع

عدد ۱۰۰۰

عباسي لٿو آرٽ پريس ڪراچي مان ميان نذير احمد
ڇاپائي حيدرآباد
سنڌ مان
شايع ڪيو

باهتمام شيخ عبدالعزيز محمد سليمان مينيجر عباسي ليٿو اليڪٽرڪ پريس ڪراچي ۾ ڇپيا

شُڪريہ

ناظرين تي روشن هجي تہ اسلام پاڪ جو ڪو زمانو تہ اهڙو هو جو دين خدا جا مستانا شمع اسلام تي پروانا ٿي پنهنجو مال ۽ جان قربان ڪري ڇڏيندا هئا - اسلام جي خدمت جي دعوت جڏهن بہ انهن پاڪ نفسن کي ڏني ويندي هئي، تڏهن بنا ڪنهن پس و پيش جي ۽ سواءِ ڪنهن عذر جي يڪدم اچي حاضر ٿيندا هئا - اتفاق في سبيل الله جو انهن بزرگ هستين کي اهڙو تہ ذوق هوندو هو جو جڏهن جنگ تبوڪ جي لڙائي واسطي سيد الانبيا جناب محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم چندي جي اپيل ڪئي تڏهن حضرت صديق اڪبر پنهنجي ساري ملڪيت کڻي آيو ۽ حضرت فاروق اعظم پنهنجي سموري جائداد جو اڌ کڻي آيو ۽ حضرت عثمان ذي النورين چاليهہ اُٺ جي شام جي واپار لاءِ تيار ڪيا هئائين سڀ ساري اسباب سميت آڻي خدمت نبوي ۾ حاضر ڪيا - اهڙيءَ طرح ٻين اصحابن سڀني بہ پنهنجي پهچ آهر دين جي خدمت ۾ ڀرپور ورتو - انهي طبقہ ڪا نمونو بہ مسلمانن اسلام جي خدمت ۾ مالي امداد ڪا ن هٿ نہ روڪيو آهي - مگر افسوس جو هن وقت جڏهن تہ اسلام جي پاڪ تعليم تي دين جي دشمنن جا هر طرح حملا ٿي رهيا آهن تڏهن مسلمانن جو هن طرف ڪو بہ توجهہ ڪونهي - سڀڪو پنهنجي نفس پروري ۾ پورو آهي ۽ دين جي خدمت لاءِ هڪ پائي خرچ ڪرڻ بہ ناگوار ٿي لڳي ٿي - گهڻائي خاندان تہ دين کي خيرباد چئي پنهنجي عاقبت برباد ڪري رهيا آهن - البتہ ڪا ڪا هستي اهڙي وڃي بچي آهي جا هر ٿوري وڌيڪ اسلام جي خدمت ڪري رهي آهي - هن جاءِ تي اسين انهي بزرگ ۽ مايہ ناز هستي جو شڪريو ادا ٿا ڪريون، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي آهي - خداوند تعاليٰ ڪيس هن نيڪ فعل جو اجر عظيم دارين ۾ عطا فرمائيندو ۽ سندس اقبال ۽ جاه و جلال کي قايم رکندو آمين -

واصف

ذي الحج سنہ ١٣٥٤ھ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام على سيد المرسلين وعلى آله واصحابه وازواجه اجمعين

برادران اسلام تي روشن هجي ته كيترن ڏينهن کان مونکي اهو خيال رهندو ٿي آيو ته قرآن مجيد تي هڪ اهڙو جامع ڪتاب لکي پبلڪ جي پيش ڪجي جنهن ۾ ڪتاب الاهي بابت اهل سنت وجماعت ۽ شيعن جا راياءِ عقيدا تفصيل طور ڏناوڃن. انهي ارادي موجب جڏهن مون هي ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ته ڪجهه حصه لکڻ بعد مسٽر ميون خان جو رسالو **ميزان الانصاف** نظرمان گذريو جنهن ۾ اسانجي انهي جواب جو جواب آهي جو لاڙڪاڻه واري اشتهار جي پهرين سوال جو ذيل آهي. جواب ڇا هي مزخرفات جو هڪ ڍير آهي. نه اسانجي جواب کي سمجهيو ويو آهي نه پنهنجن اعتراضن جي بيهودگي کي پرورتيو ويو آهي. پر اهي ساڳيا چند بوسيده اعتراض ڪيا ويا آهن جي هُن اڳي به ڪيا آهن، جن جا جواب هن ڪتاب ۾ مفصل ڏنا وڃن ٿا ۽ پوءِ جيڪڏهن شيعه حضرات ۾ ڪجهه صداقت هوندي ۽ انصاف نه وري هن موضوع تي لب ڪشائي نه ڪندا

فصل پهريون
(تاريخ قرآن مجيد)

واضح هجي ته جيئن اڳين نبين عليهم السلام تي الله تعالىٰ جي طرفان خلق جي هدايت واسطي ڪتاب ۽ صحيفا نازل ٿيندا هئا تيئن نبين جي سردار جناب احمد مختار صلى الله عليه وسلم تي به خدا تعالىٰ جي طرفان قرآن حميد نازل ٿيو. اڳيان ڪتاب جڏهن ته محدود وقت لاءِ هئا، تنهنڪري انهن جي حفاظت جو اهتمام به ڪونه ڪيو ويو، ڇو ته هڪ تعليم کانپوءِ ٻي تعليم اچڻي هُئي. پر قرآن مجيد جڏهن ته دنيا جي فنا ٿيڻ تائين قائم رهڻو آهي ۽ ڪنهن ٻئي نبي جي معرفت ڪا ٻي نئين تعليم اچڻي ناهي، تنهنڪري هن ڪلام پاڪ جي حفاظت جو بندوبست به قدرت کي ئي ڪرڻو پيو جيئن خدا تعالىٰ فرمائي ٿو:-

نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحَافِظُوْنَ (حجر)

يعني هي نصيحت ڀريل ڪتاب اسان نازل ڪيو آهي ۽ اسين ان جا نگهبان آهيون

باهتمام حكيم محمد عبدالعزيز محمد صديق عباسي العكهڙائي ليٿو پرنٽنگ پريس ريڪارڊ كراچي ۾ ڇپيو ١٤٠ ...

صحيح حديث جي ڪتابن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اِها حفاظت خود جناب محمد رسول الله صلعم
جي ئي مبارڪ زماني ۾ سنڌن دست حق پرست سان ٿي آهي - جيئن تہ جڏهن جڏهن بہ
خدا تعاليٰ جي طرفان قرآن شريف نازل ٿيندو هو تڏهن تہ ڪا حضرت جن (صلعم) ہر وقت ڪاتب
کي سڏائي لکائي ڇڏيندا هئا ۽ ڪيترا صحابي يادبہ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ حضرت جن جي
روبرو ختما بہ ڪيندا هئا - ڪيترا اصحاب سڄو ئي تہ پاڻوٽ لکي بہ ڇڏيندا هئا. آخر جڏهن
حضور جن (صلعم) انتقال فرمايو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ خليفو ٿيو تڏهن هڪ لڙائي
۾ ڪيترن حافظن جي شهيد ٿي وڃڻ ڪري حضرت عمر فاروق رضہ حضرت ابوبڪر رضہ کي
چيو تہ قرآن مجيد جو مختلف شين تي لکيل ۽ ماڻهن وٽ تحرير ٿيل آهي ۽ حافظن جي سينن
۾ جمع ٿيل ، انکي هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪري لکائجي - جو هن وقت ڪيترا حافظ
موجود آهن ، جيڪڏهن اهي گذري ويا تہ پوءِ معاملو مشڪل ٿي پوندو - حامل ڪلام
حضرت ابوبڪر صديق قرآن مجيد جي جمع ڪرائڻ جو ڪم شروع ڪيو ، هر هڪ آيت تي ٻہ شاهد
وٺي نهايت خبرداري سان قرآن مجيد جو نسخو تيار ڪرايو.

اِهو ئي هڪ نسخو هو جو حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر جي زماني تائين هلندو آيو ۽
ڪنهن بہ اصحابي اُن سان اختلاف نہ ڪيو. حضرت عثمان رضہ جي خلافت ۾ جڏهن
اسلامي فتوحات جي حد پري وڃي پهتي ۽ قرآن مجيد جي پڙهڻ ۾ عجمين اختلاف
ڪيو تڏهن حضرت عثمان رضہ صحابہ ڪرام جي مجلس شوريٰ ڪوٺائي جنهن ۾ تجويز پيش
ڪئي تہ قرآن مجيد جا نسخا قريش جي لغت ۾ لکائي فتح ڪيل ملڪن ڏي موڪلجن تہ
ماڻهو انهي موڪليل نسخي تي هلن. انهي مجلس شوريٰ جو ممبر حضرت علي رضي الله عنہ بہ هو
ٻين ممبرن انهي رٿ تي بحال ڪيو ، جنهن تي اهو مڪمل نسخو قرآن مجيد جو گهرايو ويو
جو اُن وقت حضور جن (صلعم) جي حرم پاڪ بي بي حفصہ وٽ هو. تنهن اُن تان ٻيا
ڪيترا نقل ڪرائي مُلڪن ڏي موڪليا ويا. هن وقت تائين اهو ئي قرآن مجيد ساري
اسلامي دنيا ۾ تيرهن سؤ سالن کان مشهور معروف هليو اچي ، جنکي مسلمان پنهنجي
دين ۽ ايمان جو بنياد ٿا سمجهن سواءِ شيعہ صاحبن جي. اِنهن جو اختلاف هن
ڪري آهي جو هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن اسين ائين چوندا سين تہ موجوده قرآن
مجيد اهو ساڳيو ڪلام اِلاهي آهي جو جناب محمد رسول الله (صلعم) پنهنجن هٿن سان

مرتب ڪيو هو ۽ اُهو ڪنهن به قسم جي ڦيرگهير ۽ ڪمي بيشي نه ٿي آهي ته ٻيو ۽ اُنهي گڏ ڪندڙن ۽ لکائيندڙن ۽ شايع ڪندڙن جي نه فقط ايمانداري ۽ امانت ثابت ٿيندي پر اُنهن جي هڪ عظيم الشان اسلامي خدمت جو پڻ اقرار ڪرڻو پوندو ۽ اهو اُنهن جو احسان ساري اُمت تي قيامت تائين پُشت به پشت رهندو ايندو. جنهنجو نتيجو اِهو نڪرندو جو نه حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جي خلافت بلا فصل ثابت ٿيندي ۽ نه ٻيا اعتراض فدڪ وغيره جا صحابه ڪرام تي قايم ٿي سگهندا بلڪه شيعه مذهب جي عمارت جو بنياد ئي اُکڙجي ويندو. تنهنڪري هُنن صاحبن ضرور جاتو ته پنهنجي مذهب جي حفاظت خاطر قرآن مجيد کي غير معتبر ۽ تحريف ٿيل ثابت ڪريون نه اصحاب جي غير معتبري از خود ظاهر ٿي پوندي - هي رايو اسان جو فقط نه آهي پر شيعن جي عالمن پڻ اِنهي ڳالهه کي محسوس ڪري اهڙو خيال ظاهر ڪيو آهي جئن علامه نوري پنهنجي ڪتاب فصل الخطاب ۾ ٿو لکي :—

"ان الاخبار في هٰذ الباب متواترة معنًا وطرح جميعها يوجب رفع الاعتماد عن الاخبار راسا بل ظني ان الاخبار في هٰذ الباب لا يقصر عن اخبار الامامة فكيف يثبتوها بالخبر"

يعني تحقيق قرآن جي تحريف (ڦيرگهير) جون روايتون معنًا متواتر آهن (ايتريون آهن جو عقل اُنهن کي ڪوڙو نٿو ٺهرائي سگهي) ۽ اُنهن سڀني روايتن کي ترڪ ڪرڻ سان اسانجي حديث جو سارو فن بي اعتبار ٿي پوندو. حقيقت هيءَ آهي ته تحريف قرآن جون روايتون امامت جي روايتن کان گهٽ ناهن لهٰذا اُنهن کي ڇڏڻ سان امامت جو مسئلو به ثابت نه ٿيندو"

فصل ٻيو

(قرآن مجيد بابت شيعن جا عقيدا)

هِن موجوده قرآن حميد بابت شيعه صاحبن جو عقيدو آهي ته اُنهن اصحابن پنهنجي منت جي ڦيرگهير ڪئي آهي -

(١) اصل قرآن مان ڪڍيو ويو آهي .

(٢) اصل قرآن ۾ وڌايو ويو آهي .

(٣) اصل قرآن جي لفظن ۾ مَٽ سَٽ ڪئي وئي آهي .

(د) حرفن ۾ اعرابن ۾ تبديل ڪئي وئي آهي .

(ھ) سورتن ۾ آيتن جي اصلي ترتيب ڦيرائي وئي آهي .

هنن ٻنهي عقيدن لاءِ خود شيعه صاحبن جون صحيح روايتون موجود آهن جي هيٺ آهن

فصل ٽيو

(اصل قرآن مان گهٽ ڪرڻ جون شيعي روايتون)

شيعه صاحبن جي حديثن جي ڪتابن مان پهرين نمبر ڪتاب **ڪافي ڪليني** آهي جنهن جو مُصَنِّف ابي جعفر محمد بن يعقوب آهي ، جنهن ٣٢٩ هجريءَ ۾ وفات ڪئي . انجو اهو ڪتاب سفيرن جي هٿان امام غائب وٽ غار ۾ پهچايو ويو ، جنهن پڙهي پسند ڪيو ۽ فرمايو ته " هٰذا ڪافٍ لشيعتنا " يعني هي ڪتاب اسان جي شيعن لاءِ ڪافي آهي . انهي ڪري ڪتاب جو نالو ڪافي رکيو ويو . انهي ڪتاب ۾ هڪ باب آهي " باب فيه نكت ونتف من التنزيل في الولاية " (يعني باب آهي انهي بيان ۾ ته امامت جي نزول بابت ڪيئن ويو آهي)

انهي باب ۾ هيٺيون حديثون ذڪر آهن :-

(١) عَن اَبي عبد الله عليه السلام في قول الله ومن يطع الله ورسوله في ولايت عَلِيّ وَالاَئِمَّة من بعده فقد فاز فوزا عَظِيما هاكذا نزلت "

يعني فرمايو امام جعفر صادق ته اصل آيت هن طرح نازل ٿي هُئي جنهن ۾ " في ولايت علي والائمة من بعده " ڪڍيو ويو . (هي حديث سيد مقبول احمد شيعي جي ترجمهٔ قرآن صفحي ... ۾ آهي)

(٢) عَن ابي عبد الله عليه السلام في قوله ولقد عهدنا الىٰ آدم من قبل كلمات في محمد وَعَلِيّ وفاطمة والحسن والحسين والاَئِمَّة من ذريتهم فنسيٰ هاكذا والله انزلت عَلىٰ محمد

يعني فرمايو امام جعفر صادق ته اصل آيت حضرت جن تي هن طرح نازل ٿي هُئي پر پوءِ اُن مان (كَلمات في مُحَمَّد كان مِن ذريتهم تائين ڪڍيو ويو آهي) ترجمهٔ مقبول ص ٥٠٩

(٣) عن ابي جعفر عليه السلام قال نزل جبريل بهذه الآية عَلىٰ مُحَمَّد صلعم بِئسما اشتروا به انفسهم ان يكفروا بما انزلنا في عَلِيّ بغيا " فرمايو امام محمد باقر ته جبريل هن آيت کي هن طرح آندو هو پر پوءِ اُن مان (فِي عَلِيّ) ڪڍيو ويو .

(٤) عِن ابي جعفر قال نزل جبريل بهٰذه الآية عَلىٰ مُحَمَّد هٰكذا اِن كُنتم فِي رَيب مِمَّا نَزَّلنا عَلىٰ عَبْدِنا فِي عَلِيّ فَأتُوا بسورة من مثله "

يعني فرمايو امام محمد باقر ته حضرت جبرئيل هيءَ آيت هنطرح آندي هئي پر پوءِ
اُن مان (في علي) ڪڍيو ويو آهي.

(٥) عن ابي عبد الله عليه السلام قال نزل جبرئيل على محمد بهذه الآية هكذا يا ايها
الذين اوتوا الكتاب آمنوا بما نزلنا في علي نوراً مبينا "
يعني فرمايو امام جعفر صادق ته هيءَ آيت جبرئيل هنطرح حضرت جني نازل ڪئي هئي
پر پوءِ انمان (في علي) ڪڍي ڇڏيائون.

(٦) عن ابي جعفر عليه السلام ولو انهم فعلوا ما يوعظون به في علي لكان خيراً لهم "
يعني فرمايو امام محمد باقر ته اصل آيت مان "في علي" ڪڍيو ويو آهي.

(٧) عن الرضا عليه السلام في قول الله عز وجل كبر على المشركين بولاية علي ما تدعوهم
اليه يا محمد من ولاية علي هكذا في الكتاب مخطوطة "
فرمايو حضرت امام رضا ته اصل قرآن ۾ هيءَ آيت هنطرح هئي ليڪن موجوده قرآن ۾
" بولاية علي يا محمد من ولاية علي " آهي ئي ڪونه. جوته انکي اصل قرآن مان ڪڍيو ويو آهي

(٨) عن ابي عبد الله في قوله تعالى فستعلمون من هو في ضلال مبين يا معشر المكذبين
حيث انبأتكم رسالة ربي في ولاية علي والائمة من بعده من هو في ضلال مبين
كذا نزلت " يعني فرمايو امام جعفر صادق ته هيءَ آيت هنطرح نازل ٿي هئي پر هن
قرآن ۾ " يا معشر المكذبين حيث انبأتكم رسالة ربي في ولايت علي والائمة من بعده "
موجود ناهي جو اصل قرآن ۾ هو " پڙهو ڏسو ترجمه مقبول احمد صفحه ٩٠٠

(٩) عن ابي عبد الله عليه السلام في قوله تعالى سال سائل بعذاب واقع للكافرين بولاية
علي ليس له دافع ثم قال هكذا والله نزل بها جبرئيل على محمد "
فرمايو امام جعفر صادق ته هيءَ آيت اصل هنطرح نازل ٿي هئي پر پوءِ اُن مان "بولاية علي"
ڪڍيو ويو آهي.

(١٠) عن ابي جعفر عليه السلام قال نزل جبرئيل بهذه الآية على محمد هكذا فبدل الذين ظلموا
آل محمد حقهم قولاً غير الذي قيل لهم فانزلنا على الذين ظلموا آل محمد حقهم رجزاً من
السماء بما كانوا يفسقون " يعني فرمايو امام محمد باقر ته هيءَ آيت اصل ۾ هنطرح نازل
ٿي هئي پر پوءِ اُن مان " آل محمد حقهم " کي ڪڍيو ويو آهي.

(١١) عن ابي جعفر عليه السلام قال نزل جبريل بهٰذه الآية هٰكذا ان الذين ظلموا آل محمد حقهم لم يكن الله ليغفر لهم ولا ليهديهم طريقاً الا طريق جهنم " يعني فرمايو امام محمد باقر ته هيءَ آيت دراصل هن طرح نازل ٿي هئي پر پوءِ اُن مان " آل محمد حقهم " کي ڪڍي ڇڏيائون.

(١٢) عن ابي جعفر عليه السلام قال نزل جبريل بهٰذه الآية هٰكذا فابیٰ اكثر الناس بولاية علي الا كفورا " يعني فرمايو امام محمد باقر ته اصل ۾ هيءَ آيت هن طرح نازل ٿي هئي پر پوءِ اُن مان " بولاية علي " ڪڍيو ويو آهي.

(١٣) قال ونزل جبريل بهٰذه الآية هٰكذا وقل الحق من ربكم في ولاية علي فمن شآء فليؤمن ومن شآء فليكفر " يعني دراصل آيت هن طرح نازل ٿي هئي پر پوءِ اُن مان " في ولاية علي " ڪڍيو ويو آهي.

(١٤) ان القرآن الذي جآء به جبريل الى محمد سبعة عشر الف آية " يعني فرمايو امام جعفر صادق ته تحقيق اهو قرآن جو جبريل محمد صلعم ڏي لاٿو اُن ۾ سترهن هزار آيتون هيون. حالانڪه هن موجوده قرآن ۾ ڇهه هزار ٻه سوءِ ڪجهه آيتون آهن (بقول شيعه) گويا ٻه حصا قرآن مجيد جا گهٽ ڪيا ويا آهن.

(١٥) ڪتاب احتجاج طبرسي (مصنف شيخ احمد بن ابي طالب شيعه) ۾ صفحه ١١٩ کان ١٣٢ تائين هڪ وڏي روايت لکيل آهي جنهن ۾ ڪنهن زنديق (بيدين) حضرت علي المرتضيٰ کان قرآن مجيد بابت ڪي سوال ڪيا آهن، جنهن جي اڪثر جوابن ۾ حضرت علي رض فرمايو آهي ته قرآن حميد ۾ ڦير گهير ٿيل آهي. مثلاً جڏهن هن زنديق اعتراض ڪيو ته آيت فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِي الْيَتَامٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ " ۾ شرط ۽ جزا جو پاڻ ۾ ڪو به ربط (لاڳاپو) معلوم نٿو ٿئي، تڏهن حضرت علي رض جواب ڏنو ته:-

فهو مما قدمت ذكره من اسقاط المنافقين من القرآن و

بين القول في اليتامىٰ وبين نكاح النسآء من الخطاب و

القصص اكثر من ثلث القرآن.

يعني اهو هن ڪري آهي جو مون اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي ته منافقن قرآن مجيد مان گهڻو ئي ڪڍيو آهي. جنهن ته في اليتامىٰ ۽ نكاح النسآء جي وچ مان قرآن جي ٽئين حصي

جيئن ڪيل يو ويو آهي - اڳتي هلي حضرت علي رضه ٿو فرمائي ته اي زنديق :-

(١٦) " ولو شرحت لک ما اسقط وحرف وبدل مما يجري هذا المجرى لطال وظهر ما تحظر التقية اظهاره "

يعني جيڪي ڪجهه قرآن مان ڪيڏيو ويو آهي ۽ تحريف تبديل ڪئي وئي آهي اهو جيڪڏهن سارو بيان ڪريان ته هوند دفترن جا دفتر ٿي پوي پر تقيه اهي ظاهر ڪرڻ کان روڪي ٿو.

(١٧) تفسير صافي جي ديباچه ۾ تفسير عياشي کان نقل آهي ته امام محمد باقر فرمايو ته :-

" ان القرآن قد طرح منه آي كثيرة "

تحقيق قرآن مان گهڻيون آيتون ڪڍيون ويون آهن.

(١٨) ساڳي تفسير ۾ آهي " ولو قرئ القرآن كما انزل لالفيتنا فيه مسمّين "

يعني جيڪڏهن اهو اصلي قرآن پڙهيو وڃي ته هوند اُن ۾ اسان جا نالا ڏسو - گويا اصلي قرآن ۾ امامن سڳورن جا نالا هئا جي ڪڍي ڇڏيا ويا آهن.

(١٩) تفسير قمّي (مصنف علي بن ابراهيم قمي امام حسن عسڪري جو شاگرد ۽ محمد بن يعقوب ڪليني جو استاد) ۾ آهي " أمّا ما هو محذوف عنه قوله لكنّ الله يشهد بما انزل اليك في علي كذا انزلت ...... ومثله كثيرة "

يعني اهي آيتون جي قرآن مان ڪڍيون ويون آهن انهن جو مثال هڪڙو هي به آهي جو مٿين آيت مان "في علي" ڪڍي ڇڏيو ويو، ٻيا اهڙا مثال گهڻا آهن.

(٢٠) ترجمهٔ مقبول احمد صفحه ١٢٩ ۾ آهي :- ڪافي مين جناب امام جعفر صادق سے منقول ہے کہ یہ آیت یون نازل ہوئی تھی فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ اِلٰی اَجَلٍ مُّسَمًّی فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَه " گويا " اِلٰى اجل مسمىٰ " ڪيڙو ويو آهي -

(٢١) کافی اور تفسیر عیاشی مین جناب امام محمد باقر سے یہ آیت اسطرح منقول ہے " قد جاء كم الرسول بالحق من ربكم في ولاية علي فآمنوا خيرا لكم وان تكفروا بولاية علي فان لله ما في السموات والارض " (ترجمه مقبول احمد صفحه ١٦٥) گويا هن آيت مان " في ولاية علي ۽ بولاية علي " ڪيڙو ويو آهي -

(٢٢) تفسیر قمی مین ہے کہ فرمایا امام جعفر صادق نے کہ اصل آیت یون نازل ہوئی تھی " له معقبات من خلفه ورقيب من بين يديه يحفظونه بامر الله (ايضاً صفحه ٣٩٨)

(۲۳) تفسیر قمی مین ہے کہ اصل نزول یون تھا " انی نذرت للرحمن صوماً و صمتاً "
(ایضاً صفحہ ۴۸۹) گویا "صمتا" جو لفظ کیدیو ویو آھی ۔

(۲۴) تفسیر قمی مین جناب امام محمد باقر سے منقول ہے کہ جبریل امین نے جناب رسول خدا
کو یہ آیت اسطرح پہنچائی تھی وقال الظالمون لآل محمد حقھم ان تتبعون الا رجلا مسحورا
(ایضاً ۵۲۴) گویا " لآل محمد حقھم " کیدیو ویو آھی ۔

(۲۵) وانذر عشیرتک الاقربین تفسیر قمی مین ہے کہ اسکے آگے " و رھطک منھم المخلصین "
بھی نازل ہوئی تھی (ایضاً صفحہ ۵۹۹) گویا "و رھطک منھم المخلصین" کیدیو ویو آھی

(۲۶) تفسیر قمی مین ہے "سیعلم الذین ظلموا آل محمد حقھم ای منقلب ینقلبون"
واللہ یہ آیت اسطرح نازل ہوئی تھی " (صفحہ ۶۰۰) گویا (آل محمد حقھم) کیدیو ویو آھی

(۲۷) کتاب ثواب الاعمال مین جناب امام جعفر صادق سے منقول ہے کہ سورۂ احزاب
سورۂ بقر سے زیادہ طویل تھی مگر چونکہ اسمین عرب کے مُردون اور عورتون کی
عموماً اور قریش کی خصوصاً بداعمالیان ظاہر کی گئی تھین اس لیئے اسے کم کردیا گیا اور
اسمین تحریف کردی گئی (ایضاً صفحہ ۶۸۲)

(۲۸) تفسیر قمی مین جناب امام محمد باقر سے منقول ہے کہ یہ دونون آیتین یون اتری تھین
ولن ینفعکم الیوم اذ ظلمتم آل محمد حقھم انکم فی العذاب مشترکون (صفحہ ۷۸۰)
گویا ھنمان "آل محمد حقھم" کی کیدیو ویو آھی ۔

(۲۹) تفسیر مجمع البیان مین ہے کہ اسکے بعد یہ آیت نازل ہوئی فاما نذھبن بک فانا
منتقمون بعلی بن ابی طالب (ایضاً ۷۸۵) گویا ھن آیت مان "بعلی بن ابی طالب" کیدیو ویو آھی

(۳۰) تفسیر قمی مین جناب امام جعفر صادق سے منقول ہے کہ اصل تنزیل یون ہوئی تھی
آمنوا بما انزل علی محمد فی علی " (ایضاً ۸۰۸) گویا "فی علی" کی کیدیو ویو آھیا

(۳۱) تفسیر قمی مین جناب امام محمد باقر سے منقول ہے کہ جبریل امین نے جناب رسول خدا کو
یہ آیت یون پہونچائی تھی ذالک بانھم کرھوا ما انزل اللہ فی علی " (ایضاً ۸۰۹)
گویا ھن مان فی علی کی کیدیو ویو آھی ۔

(۳۲) کافی مین جناب امام موسیٰ کاظم سے منقول ہے کہ اصل مین یون نازل ہوا تھا
وذرنی والمکذبین بوصیک (ایضاً ۹۱۰) گویا "بوصیک" کی کیدیو ویو آھی ۔

(٣٣) ڪافي مين جناب امام موسیٰ کاظم سے منقول ہے کہ اصل تنزيل يون ہوئی تھی "الا بلاغا من الله و رسالاته في علي" (ايضًا صفحه ٩١٥) گويا آيت مان "في علي" کي ڪڍيو ويو آهي.

(٣٤) ڪتاب احتجاج طبرسي ۾ زنديق وارن سوالن ۾ حضرت علي رض هي بہ فرمايو :-

"والقصد لتغير الكتب الذي جاء به اسقاط ما فيه من فضل ذوي الفضل"

يعني هنن جو قصد هو ته قرآن مجيد ۾ ڦير گهير ڪن ۽ اهو حصو ڪڍي ڇڏين جنهن ۾ اهل فضيليت جي فضيلت لکيل هئي.

٣٥ اصول ڪافي ۾ آهي " عن جابر عن ابي جعفر عليه السلام قال قلت له لم سُمّي علي بن ابيطالب امير المومنين قال الله سمّاهُ وهاكذا انزل في كتابه واذ اخذ ربك من بني آدم من ظهورهم ذريتهم واشهدهم على انفسهم الست بربكم وان محمد رسولي وان عليا امير المومنين"

گويا انهي آيت مان " وان محمد رسولي وان عليًا امير المومنين " کي ڪڍيو ويو آهي.

٣٦ اصول ڪافي ۾ آهي " عن معلیٰ رفعه في قول الله فباي آلاء ربكما تكذبان ابالنبي ام بالوصي نزلت في الرحمٰن " گويا هن آيت مان " ابالنبي ام بالوصي " ڪڍيو ويا اٿن.

٣٧ اصول ڪافي ۾ آهي ته آيت " وما ارسلنا قبلك من رسول ولا نبي ولا محدث " هن طرح نازل ٿي هئي پر پوءِ انهن مان " ولا محدث " کي ڪڍي ڇڏيو اٿن.

٣٨ تفسير عياشي ۾ آهي ته فرمايو امام محمد باقر ته هي آيت هن طرح نازل ٿي هئي :-

"وَاِذْ اَخَذَ الله ميثاق امم النبيين" پر پوءِ انهن لفظ "امم" جو ڪڍيو ويو.

٣٩ ابن شهر آشوب مازندراني ڪتاب المثالب ۾ ٿو لکي " اِنّ سُورة الولاية اُسقطت بتمامها " يعني ولايت واري سڄي سورة ڪڍي ويئي آهي.

٤٠ ملا خليل قزويني (متوفي ١٠٨٩) اصول ڪافي جي شرح باب فضل القرآن ۾ ٿو لکي :-

"مراد اين ست كه بسياری ازان قرآن ساقط شده و در مصاحف مشهوره نيست" يعني انهي اصلي قرآن مان گهڻو ئي ڪڍيو ويو آهي جو مشهور مصحفن ۾ ناهي.

٤١ شيعن جو علامه محسن ڪاشي تفسير صافي صفحه ١٤ ۾ ٿو لکي :-

"ان القرآن الذي بين اظهرنا ليس بتمامه كما انزل على محمد ...... وانه قد حذف عنه اشياء كثيرة" يعني تحقيق اهو قرآن جو هنيئر اسان وٽ آهي پورو ناهي ڇو ته انهي قرآن مان جو محمد صلعم تي نازل ٿيو هو گهڻو ئي ڪڍيو ويو آهي.

٤٢ علامه نوري ڪتاب فصل الخطاب ۾ ٿو لکي :- ”وَمِن جهت الزيادة والنقيص“ يعني حضرت عليؓ واري قرآن ۽ هِن موجوده قرآن کان زيادتي خواه گهٽتائي ڪري خلاف هو.

٤٣ شيعن جو مجتهد مولوي دلدار علي ڪتاب صوارم الالهيات ۾ ٿو لکي :- ”شيعي امامي را بنابرين چه تقصير اگر بگويد که قرآن زيادتي از آنچه هست داشت و تمام آن پيش جناب علي بن ابي طالب بوده“ يعني شيعي اماميءَ جو ڪهڙو قصور آهي جيڪڏهن چوي ته اصل قرآن هِن کان زياده هو ۽ اهو ڪامل قرآن جناب عليؓ ابن ابيطالب وٽ هو.

هِنن مٿين مڙني حوالن مان معلوم ٿيو ته جيڪو قرآن مجيد خدا تعاليٰ جي طرفان جناب محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم تي نازل ٿيو هو اُهو بلڪل گهٽ ڪيو ويو آهي ۽ جهجهو نيجو اهو نڪتو ته هِي موجوده قرآن ناقص ۽ غير معتبر آهي. پر اسين ناظرين کي يقين ٿا ڏياريون ته اِهي مٿيون شيعن جون حديثون امامن سڳورن کان هرگز بيان ٿيل نا هن پر اُهن تي بهتان آهن. پر جنهن صورت ۾ ته اِهي حديثون ۽ روايتون شيعه صاحبن وٽ معتبر ۽ صحيح آهن، تنهنڪري اسين اُهن جي آڳيان اِهي مٿيون حديثون حجت طور پيش ڪري سگهون ٿا ۽ اِهن جي آڌار تي چئون ٿا ته هِي قرآن شيعن وٽ ناقص آهي —

فصل چوٿون

(اصل قرآن ۾ زيادتي جون شيعن کان روايتون)

٤٤ احتجاج طبرسي واري مٿي ذڪر ڪيل روايت ۾ هِي به آهي ته جڏهن هڪ زنديق اهو اعتراض ڪيو ته قرآن ۾ حضرت محمد صلعم جي توهين بيان ڪئي وئي آهي، تڏهن حضرت عليؓ جواب ۾ فرمايو ته ” والذي بدأ في الكتاب مِن الازراء علَى النبّي مِن فريق الملحدين “ يعني اها توهين ۽ بي عزتي رسول صلعم جي اُهن بي دينن (اصحابن) جي افترا ڪيل آهي يعني پنهنجي طرفان وڌايل آهي.

٤٥ ساڳي روايت ۾ آهي ” انهم اثبتوا في الكتاب مالم يقله الله ليلبسوا علَى الخليقة “ يعني اُهن قرآن مجيد ۾ اُهي ڳالهيون لکيون آهن جي خدا نه چيون هيون اِهو هِنڪري ته خلق کي ڌوکو ڏين.

٤٦ ساڳي روايت ۾ حضرت علي رضه ٿو فرمائي ته تَقِيَّةَ جي ضرورت ايتري آهي جو نه آءٌ اُهن جا نالا ٻڌائي ٿو سگهان جن قرآن مجيد ۾ تحريف ڪئي آهي ۽

وَلَا الزِّيادَة فِي آياتہ علیٰ ما اثبتوہ من تلقائھم في الکتاب " نہ انھن زيادتي بہ
ٻڌائي ٿو سگهان جيڪا انهن پنهنجي طرفان قرآن مجيد ۾ داخل ڪئي آهي.

۴۷ ساڳي روايت ۾ آهي :- وَتضمينہ من تلقائھم ما يقيمون بہ دعائم کفرھم"
يعني قرآن مجيد ۾ انهن اهي ڳالهيون زيادہ ڪيون آهن جن سان انهن جي ڪفر
جا ٿنيا قائم ٿيا آهن.

۴۸ شيعن جي تفسير صافي ۾ تفسير عياشي کان نقل آهي تہ امام محمد باقر فرمايو :-
لَوْلَا انَّہ زِيدَ فِي القرآن ونقص ما خفي حقّنا " يعني قرآن مجيد ۾ جيڪڏهن
زيادتي ۽ ڪمي ٿيل نہ هجي ها تہ اسان جو حق لڪل نہ رهي ها.

۴۹ شيعن جو مجتهد محمد تقي ڪاشاني پنهنجي ڪتاب هداية الطالبين صفحہ ۲۵۶ ۾ لکي ٿو :-
ودیگر برای آنکہ قرآن اور اکہ جمع نمودہ بود طلب نمود کہ با قرآن خودش
کہ کم و زیادہ درو کردہ بود موافق گرداند " يعني حضرت عثمان رض
حضرت ابن مسعود جو قرآن هن ڪري گهرايو تہ انکي پنهنجي قرآن سان موافق ڪري
جنهن ۾ گهٽ وڌائي ڪئي هوائين.

۵۰ "وَاُوتِينَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ" (نمل) هن آيت بابت شيعن جي معتبر ڪتاب بصائر ۾
آهي تہ امام جعفر صادق فرمايو تہ هن آيت ۾ دراصل "مِنْ" جو لفظ ڪونہ هو ۽ اصل
ڪلام هن طرح نازل ٿيو هو "وَاُوتِينَا كُلَّ شَيْءٍ" (ترجمہ مقبول احمد صفحہ ۶۰۲)

۵۱ ڪتاب فصل الکتاب صفحہ ۹۷ ۾ آهي " وَمِنْ جِهَةِ الزِّيَادَةِ وَالنَّقِيصَةِ " يعني اهو
اصلي قرآن هن موجودہ قرآن جي خلاف هو زيادتي خواہ ڪمي ڪري -

فصل پنجون

(اصل قرآن ۾ لفظن جي مٽ سٽ واريون روايتون)

۵۲ شيعن جو علامہ علي بن ابراهيم تفسير صافي ۾ ٿو لکي تہ موجودہ قرآن مجيد ۾ اصل
نزول جي برخلاف هيءَ آيت آهي "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ" حالانڪہ دراصل
اُمَّة جو لفظ نہ هو پر اَئِمَّة هو -

۵۳ ساڳي تفسير ۾ آهي تہ دراصل "وَجَعَلْنَا لِلْمُتَّقِينَ اِمَامًا" نازل نہ ٿيو هو پر
"وَجَعَلْنَا مِنَ الْمُتَّقِينَ اِمَامًا" نازل ٿيو هو - گويا مِنْ جي بدران لِ ڪيو ويو

٥٤ اَفَمَنْ كَانَ عَلىٰ بَيِّنَةٍ مِنْ رَّبِهٖ وَيَتْلُوهُ شَاهِدٌ مِنْهُ وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتَابُ مُوسىٰ اِمَامًا وَّرَحْمَةً
(هود) تفسير قمي ۾ جناب امام جعفر صادق کان منقول آهي ته اصل آيت هن طرح نازل
ٿي هئي " اَفمن كان عَلىٰ بينة من ربه ويتلوه شاهد منه اماما ورحمة و
من قبله كتاب موسىٰ " (ترجمه مقبول صفحه ٣٥٥) گويا لفظ منه کانپوءِ اماما ورحمة
کي ڦيرائي "كتاب موسىٰ" جي پٺيان لڳايو ويو آهي -

٥٥ لَهٗ مُعَقِّبَاتٌ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ يَحْفَظُونَهٗ مِنْ اَمْرِ اللهِ (رعد) تفسير
قمي ۾ آهي ته امام جعفر صادق کان ڪنهن پڇيو ته اصل آيت ڪئن آهي جواب ڏناءِ ته
هن طرح نازل ٿي هئي " لَهٗ معقبات من خلفه ورقيب من بين يديه يحفظونه
بِاَمْرِ اللهِ " (ترجمه مقبول احمد صفحه ٣٩٨) گويا "مِن خلفه" کي اڳ کان ڦيرائي
بين يديه جي پٺيان ڪيو ويو آهي ۽ بامر الله مان ڦيرائي مِن امر الله ڪيو ويو آهي

٥٦ اصول ڪافي ڪتاب الحجة جزء ٽئي ۾ آهي " قَرَأَ رَجُلٌ عِنْدَ اَبِي عبد الله عليه قال اعملوا
فَسَيَرَى الله عملكم ورسوله والمؤمنون فقال ليس هكذا هِيَ اِنَّمَا هي والمأمونون
گويا هنن آيت ۾ مأمُونُونَ کي مٽائي مُؤمِنُونَ جو لفظ آندو ويو آهي -

فصل ڇهون

(حرفن ۽ اعرابن جي ڦيرگهير جون روايتون)

٥٧ "وَفِيْهِ يَعْصِرُونَ" (يوسف) تفسير قمي ۾ آهي ته جناب امام جعفر صادق کان
منقول آهي ته جناب امير المؤمنين فرمايو ته خدا تعالىٰ هيءَ آيت هن طرح نازل ڪئي
هئي " وَفِيْهِ يُعْصَرُونَ " (ترجمه مقبول احمد صفحه ٣٨٤) گويا ي جي پيش
کي ڦيرائي زبر ڏني وئي آهي -

٥٨ اَمَرْنَا مترفيها " (بني اسرائيل) تفسير عياشي ۾ جناب امام محمد باقر کان نقل آهي ته
هي لفظ اصل ۾ " اَمَّرْنَا " هو. تفسير صافي ۾ پڻ اهڙي روايت آهي (ايضاً صفحه ٤٥٢)
٥٩ اصول ڪافي ڪتاب الحجة جزء ٽئي ۾ آهي " عن ابي عبد الله عليه هٰذَا صِرَاطُ عَلِيٍّ مُسْتَقِيمٌ
۽ موجوده قرآن ۾ "هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيمٌ" آهي - (ايضاً ص ٤٥٢)
٦٠ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ " (بني اسرائيل) تفسير مجمع البيان ۾ آهي ته جناب امير المؤمنين عَلِمْتُ
بابت فرمايو ته هو دشمن خدا (فرعون) ڪجهه به نه ڄاڻندو هو البته حضرت موسىٰ عليه ڄاڻندو هو جنهن

فصل ستون

(سورتن ۽ آيتن جي ترتيب ۾ ڦير گهير جون روايتون)

٦١ علامه نوري طبرسي ڪتاب فصل الخطاب صفحه ٧٩ ۾ ٿو لکي " وَهُوَ مخالف لهذا القرآن الموجود من حيث التاليف وترتيب السور والآيات بل الكلمات ايضا ومن جهة الزيادة والنقيصة " يعني حضرت علي رض وارو قرآن هن موجوده قرآن جي خلاف هو، سورتن، آيتن خواه ڪلمن جي ترتيب تاليف خواه ڪمي بيشي ڪري "

هن روايت ۾ ٽنهي قسمن جي ڦيرگهير بيان ڪئي وئي آهي.

٦٢ علامه محسن ڪاشي تفسير صافي جي ديباچه ۾ تحريف قرآن جي روايتن ۾ ٿو لکي تہ هنن مڙني حديثن ۽ انهن کانسواءِ ٻيون جيڪي حديثون اهلبيت جي سندن سان نقل ڪيون ويون آهن انهن جو مطلب هي آهي تہ موجوده قرآن ايترو ناهي جيترو نازل ٿيو هو، پر ان ۾ ڪجهه خدا جي نازل ڪيل ڪلام جي خلاف آهي ڪجهه مُغَيَّر ۽ مُحَرَّف آهي يعني ڦيرگهير ۾ آندل ۽ يقينا انهن گهٽوتي ڪئي وئي آهي ۽ " وانه ليس على الترتيب المرضى عند الله وعند رسوله وبه قال علي بن ابراهيم يعني موجوده قرآن جي ترتيب خدا ۽ ان جي رسول جي پسند ڪيل ناهي ۽ انهي سيني ڳالهين جو علي بن ابراهيم قائل آهي.

٦٣ شيعن جو مجتهد اعظم مولوي دلدار علي (جهنکي مولوي حامد حسين آية الله في العالمين جي لقب سان ياد ڪيو آهي) ڪتاب عماد الاسلام ۾ ٿو لکي:-

مقتضي تلك الاخبار ..... وبحسب الترتيب في بعض المواقع بحيث لا يشك فيه مع تسليم تلك الاخبار " يعني اهلبيت جي روايتن موجب موجود قرآن مجيد جي ترتيب پوري ناهي تنهنڪري انهن روايتن کي قبول ڪندي قرآن جي تحريف ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي

٦٤ سيد محمد اسماعيل صاحب الهآبادي رسالہ شيعہ نمبر ٣ جلد ٧ ۾ ٿو لکي:-

کتاب الله کا بہت سا حصہ الٹا تھا جس سے یاروں کی قلعی کھلتی تھی اور انکے مقاصد کی کامیابی مین روڑا اٹکتا تھا لهذا بجز اس صورت کے کہ دوسرا راستہ ہی نہ تھا کہ کتاب الله کو اپنے قبضہ مین لیکر حسب

مطلب ترتیب دین چنانچہ ہر خلیفہ صاحب نے اپنے اپنے زمانہ میں جہان اور کام کیئے وہان کتاب کی ترتیب مین کتر بیونت سے کام لیا یہان کی آیات وہان اور وہان کی آیات یہان ٹھونسی گئین "

٦٥ مولوي احمد علي لاهوري پنهنجي ڪتاب الانصاف في الاستخلاف صفحه ۱۴۵ ۾ لکيتو
حضرت عثمان کا قرآن کی نقلون کو پھیلانا مسلم لیکن یہی ترتیب قرآن ان کی غلطت از اسلام کو طشت از بام کرتی ہے .... ہم نمونہ کے طور پر اس ترتیب کی چند غلطیون کو ظاہر کرتے ہین "

نوٽ :- هي مولوي احمد علي اُهو آهي جو حيدرآباد ۾ به پيرا شيعه صاحبن کرايو هو.

الحاصل مٿين مڙني حوالن مان معلوم ٿيو ته شيعن جي مذهب موجب قرآن مجيد ۾ پنجن قسمن جي ڦيرگهير ڪئي وئي آهي. وڌيڪ خاطري لاءِ اسين شيعن جي مجتهدن عالمن جي هر هڪ دؤر جون فتوائون پيش ٿا ڪريون جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهبو ته شروع کان وٺي هن وقت تائين شيعن جو قرآن شريف تي ايمان ڪونهي.

فصل اٺون

(دؤر اوّل)

هن دؤر ۾ شيعن جو محدث ابوجعفر محمد بن يعقوب ڪليني بس آهي. انهي علامه ڪان ڪافي ڪليني جون جيڪي حديثون اسان مٿي ڏنيون آهن (ڏسو نمبر ۱ کان ۱۴ تائين ۽ ۲۲ - ۳۳ - ۳۵ - ۳٦ - ۳۷ - ۵٦ - ۵۸) اُهي سڀ دؤر اوّل جون سمجهڻ گهرجن.

انهن کانسواءِ هيءَ به حديث آهي سالم بن سلمه ٿو چوي ته هڪ شخص امام جعفر صادق جي روبرو قرآن مجيد اهڙيءَ طرح پڙهيو جو ماڻهو ائين نه پڙهندا هئا. امام صاحب پڙهندڙ کي چيو ته اهڙي پڙهڻي هنيئر نه پڙه ۽ ماڻهن جي پڙهڻي وانگر پڙه جيسين امام مهدي پيدا ٿئي جو اصل پڙهڻي پڙهندو. پوءِ امام صاحب هڪ مصحف ڪڍيو جو حضرت علي رضه جو لکيل هو ۽ جو ماڻهن جي پيش ڪري چيو هئائين ته هيءُ ئي خدا جو ڪتاب آهي جنهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم تي نازل ٿيو هو ۽ جنهن کي مون جمع ڪيو آهي. پر ماڻهن چيو ته اسان وٽ قرآن موجود آهي، تنهن ڪري تنهنجي مصحف

جي ضرورت ڪانهي - هي ٻڌي حضرت عليؓ فرمايو ته اج ڪانپوءِ قسم آهي ته هي قرآن اوهين نه ڏسندا - مونتي فرض هو وهانکي آگاه ڪريان " (اصول ڪافي ڪتاب فضل القرآن جزء ٦)

هنمان معلوم ٿيو ته جيڪو اصلي قرآن حضرت عليؓ جمع ڪيو هو اهو هن وقت تائين ڪنهن به نه ڏٺو آهي سُنّي ته ڇڏيو پر شيعان عليؓ به انجي زيارت کان محروم آهن . هن وقت اهو مصحف شيعن جي مٿين حديث موجب غار ۾ امام مهدي وٽ آهي -

تنهن کانسواءِ ڪتاب احتجاج طبرسي وارين روايتون جيڪي اسان مٿي ڏنيون آهن (ڏسو نمبر ١٥ ، ١٦ ، ٤٤ ، ٤٥ ، ٤٦ ، ٤٧) انهن مان به معلوم ٿو ٿئي ته خود حضرت عليؓ هن قرآن شريف کي هر طرح ناقص سمجهندو هو جئن سندس زبان مبارڪ جا هي لفظ آهن

٦٧ وَاِنَّهُمَا مِن فعل المُغَيِّرِينَ وَالمُبَدِّلِينَ الَّذِينَ جَعَلُوا القُرآنَ عضين "

يعني اهو ڪم انهن ڦيرگهير ڪندڙن جو آهي جن قرآن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو -

٦٨ وَاِنَّهُمْ اَثْبَتُوا فِي الْكِتَابِ مَا لَمْ يَقُلْهُ اللهُ وَحَرَّفُوا فيه "

يعني هنن خدا جي ڪتاب ۾ اهي ڳالهيون لکيون جي خدا نه چيون هيون ۽ انهن ۾ ڦيرگهير ڪيا ٿون " وَلَو شرحت لڪ ڪُلّ ما اسقط وحُرِّفَ وبُدِّلَ مما يجري هذا المجرى لطال " يعني جيڪي اصل قرآن مان ڪڍيو ويو آهي ۽ مٽايو ۽ ڦيرايو ويو آهي اهو سڀ بيان ڪريان ته قصو وڏو وڃي ،

فائدو ڪتاب احتجاج جنهنجو مصنف شيخ احمد طبرسي آهي ، سو شيعن وٽ نهايت معتبر ۽ درس ۾ داخل آهي - جئن ته انجي مصنف ديباچه ۾ صاف لکيو آهي :-

" ولا نأتي في اکثر ما نورده من الاخبار باسناده اما الوجود الاجماع عليه....

يعني جيڪي حديثون اسين پنهنجي ڪتاب ۾ آڻينداسون انهن مان ڪيترين جي سَنَد بيان نه ڪنداسين ڇو ته اهي اهڙيون آهن جنتي اجماع آهي - پر جيڪي ابو محمد حسن بن علي عسڪري جون روايتون ڏينداسون انهي سَنَد سان لکنداسين "

هن مان ثابت ٿيو ته احتجاج واريون روايتون سڀ صحيح آهن - هاڻي اسين مٿين ٻنهي مصنفن محمد بن يعقوب ڪليني ۽ شيخ احمد طبرسي جي عقيدي بابت به صفائي ڪري ٿا ڇڏيون ، تفسير صافي صفحه ١٤ ۾ آهي :-

٦٩ اَمّا اعتقاد مشائخنا في ذالک فالظاهر من ثقة الاسلام محمد بن يعقوب ڪليني

طاب ثراه إنّه كان يعتقد التّحريف والنقصان في القرآن لانه روي روايات في هذا المعنىٰ في كتابه الكافي ولم يتعرض لقدح فيها مع انه ذكر في اول الكتاب انه يثق بما رواه فيه وكذالك استاده علي بن ابراهيم القمي فان تفسيره مملو منه وله غُلُوّ فيه وكذالك الشيخ احمد بن ابي طالب طبرسي قدس سره ايضًا نسج على منوالها في كتاب الاحتجاج "

يعني اسان جي مشائخن جو اعتقاد هن بابت هي آهي جو ثقة الاسلام محمد بن يعقوب كليني بابت ظاهر آهي ته هو قرآن ۾ تحريف ۽ نقصان (كمي) جو عقيدو ركندو هو جو ته هُن پنهنجي كتاب كافي ۾ اهڙيون روايتون آنديون آهن ۽ انهن تي كو به اعتراض نه ورتو اٿس جيئن ته شروع كتاب ۾ لكيو اٿس ته جيكي حديثون كافي ۾ آنديل آهن تي ڀروسو آهي ۽ انجي استاد علي بن ابراهيم قمي پنهنجي تفسير كي اهڙين روايتن سان ڀري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح شيخ احمد طبرسي به مٿين ٻنهي بزرگن جي پيروي كئي آهي كتاب احتجاج ۾ "

فصل نائون

(دؤرُ ثاني)

اتكل سادين ٽن صدين تائين دؤر اول جي شيعه مصنفن قرآن شريف جي ڦيرگهير جون روايتون امامن سڳورن جي نالي مڙهيون آهن ته هي قرآن ناقص ۽ ڦيرگهير كيل آهي. مگر ٻئي جي عالمن كي اچي دل ۾ هوركو لڳي ته قرآن مجيد كي غير معتبر ٺهرائڻ سان مرڳوئي اسلام تو هٿان وڃي تنهنكري چار عالم اهڙا پيدا ٿيا جن تحريف قرآن كان انكار كيو جي هي آهن :-

ابي جعفر محمد بن علي ابن بابويه شيخ صدوق (متوفي ٣٨١ هجري)

علم الهدىٰ امام مرتضىٰ (متوفي ٤٣٢)

شيخ الطائفه ابوجعفر طوسي (متوفي ٤٦٠)

ابوعلي طبرسي (متوفي ٥٤٨) .

٧٠ شيخ صدوق جو چوڻ آهي ته جيكو قرآن خدا تعالىٰ رسول كريم صلعم تي نازل كيو سو اهوئي آهي جو ٻن پٺن جي وچ ۾ ماڻهن جي هٿن ۾ آهي

۽ اُن کان زياده ناهي (رسالهٔ اعتقادات)

١) علم الهدیٰ مرتضيٰ جي فتويٰ بابت شيخ ابوعلي طبرسي پنهنجي تفسير مجمع البيان
جلد اول ۾ ٿو لکي ته قرآن ۾ زيادتي نه هئڻ تي اجماع آهي. البته گهٽ ٿيڻ
بابت اسانجي اصحاب جي هڪ جماعت ۽ حشويه عامه جي هڪ گروه اهڙي
روايت ڪئي آهي ته قرآن ۾ تغير تبدل ۽ گهٽتائي ٿيل آهي. پر اسانجي اصحاب
جو صحيح مذهب انجي خلاف آهي ۽ مرتضيٰ به انهي مذهب جي تائيد ڪئي آهي
جنهن نه مسائل طرابلسيات جي جواب ۾ هن ڳالهه تي مفصل بحث ڪيو اٿس
لکيو اٿس ته قرآن جي نقل ڪرڻ ۽ حفاظت جا سبب بلڪل گهڻا آهن ۽ اهڙي
حد تي پهتل آهن جو بي ڪابه شيءِ اُتي پهچي ناهي. اسلام جي عالمن قرآن
مجيد جي حفاظت ۽ حمايت بي حد ڪئي آهي. تنهنڪري اهڙي شد يد ضبط
۽ عنايت صادق هوندي ان ڪئن ڦيرگهير ٿي سگهي ٿي. رسول خدا صلعم جي
زماني ۾ قرآن مجيد اهڙو ئي مجموع ۽ مؤلف هو جهڙو هاڻ آهي. جونه
انوقت انجو سبق ڏنو ٿي ويو ۽ حفظ ڪيو ٿي ويو. اماميه ۽ حشويه مان جيڪي
هنجي خلاف آهن انهن جو ڪو اعتبار ناهي "

٢) ابوجعفر طوسي بابت تفسير صافي صفحه ١٥ ۾ آهي ته شيخ الطائفه طوسي ڪتاب
تبيان ۾ لکيو آهي ته قرآن مجيد ۾ زيادتي نه ٿي آهي ۽ انتي اجماع آهي
گهٽ ٿيڻ وارين روايتن جي خلاف مسلمانن جو ظاهر مذهب آهي ۽ اهو ئي
اسانجي صحيح مذهب جي لايق آهي ۽ انهي جي مرتضيٰ به تائيد ڪئي آهي ڪجي
جون روايتون آحاد آهن، جي علم جو ذريعو ناهن. انهن ۾ مشغول نه ٿيڻ
بهتر آهي جونه انهن جو تاويل ممڪن آهي "
ابوعلي طبرسي جو قول سندس تفسير جي حوالي سان مٿي ڏنو اٿئون ڏسو نمبر ٦٥
منيم خوانده شيعا ڏاڍي نلز سان اها دعويٰ ڪندا آهن ته اسان جا سڀ سارا حيار
مجتهد تحريف قرآن کان انڪاري آهن. پر ڪين اها خبر ڪانهي ته اِنهن
جنهن مجتهدن جن دعوائون بي دليل آهن. جنهن ته اُنهن کا هڪ به اهڙي
حديث پيش نه ڪئي آهي جا ڪنهن امام کان بيان ٿيل هجي. برخلاف اُنجي اسان

مٿين فصلن ۾ ڪئين ڏنل حديثن جا امامن سڳورن جي سند سان ڏنا آهن جنهن صاف ثابت ٿو ٿئي ته شيعه مذهب موجب موجوده قرآن شريف ۾ هر ڪنهن قسم جي ڦيرگهير ٿيل آهي. هاڻ ٻڌايو ته امامن جون فتوائون صحيح يا شيخ صدوق ۽ طوسي وغيره جو ذاتي راءِ درست؟ جيڪڏهن مٿيان مجتهد پنهنجي دعويٰ ۾ سچا هئا ته ڪين گهربو هو ته تحريف قرآن جي متعلق جيڪي حديثون امامن کان معتبر ڪتابن ۾ آيل آهن، انهن تي علم حديث جي قاعدن موجب نظر ڪن ها ۽ انهن حديثن کي موضوع (ڪوڙيون) ٺهرائين. شيعه مذهب جي پوزيشن صاف ڪن ها. درحقيقت مرتضيٰ جي اها دعويٰ ته "قرآن ۾ زيادتي نه هئڻ تي اجماع آهي" بلڪل غلط آهي، ڇو ته مٿي ڏنل حديثون ٻانگ دهل پڪاري رهيون آهن ته قرآن مجيد ۾ ٻنهي قسمن جي ڦيرگهير ٿي وئي آهي. اهڙي حالت ۾ اجماع جي دعويٰ باطل آهي. ڏسو شيعن جو موجوده لاهوري مجتهد علي حائري خود انهي اجماع کي غلط ثابت ڪري رهيو آهي جنهن ڪتاب قوانين الاصول کان نقل ٿو ڪري:-

٢٣ "فعن اكثر اخباريين انه وقع فيه التحريف والزيادة والنقصان وهو ظاهر من الكليني وشيخه علي بن ابراهيم القمي والشيخ احمد بن ابي طالب الطبرسي صاحب الاحتجاج"

يعني اڪثر محدثن کان ثابت آهي ته قرآن مجيد ۾ تحريف (ڦيرگهير) ٿيل آهي ۽ زيادتي ۽ گهٽتائي پڻ ۽ هي ظاهر آهي محمد بن يعقوب ڪليني، انجي استاد علي بن ابراهيم قمي ۽ شيخ احمد طبرسي کان"

تنهن کان سواءِ شيعن جي ٻين ڪيترن عالمن به انهن پنهنجن مجتهدن جي دعويٰ کي رد ڪيو آهي. جنهن ڪتاب فصل الخطاب صفحه ٣٢ ۾ آهي:-

٢٤ "والثاني عدم وقوع التغيير والنقصان فيه وان جميع ما نزل على رسول الله هو الموجود في ايدي الناس فيما بين الدفتين واليه ذهب الصدوق في عقائده والسيد مرتضى وشيخ الطائفة في التبيان ولم يعرف من القدماء موافق لهم"

يعني ٻيو ته قرآن مجيد ۾ ڪمي بيشي وغيره نه ٿي آهي ۽ جيڪو نازل ٿيو هو سو اڄ ماڻهن جي هٿن ۾ ٻن پٺن جي وچ ۾ موجود آهي جنهن ڏانهن شيخ صدوق، سيد مرتضيٰ

۾ طوسي جو چوڻ آهي، سو انهن سان متفق مين (اڳيان) عالمن مان ڪو به شامل ناهي

٢٥ سائبيءَ ڪتاب جي صفحه ٣٤ ۾ آهي " وَالىٰ طبقتهٖ (اى المرتضىٰ) لم يعرف الخلاف
مَرِيحًا اِلّامِن هَاذِهِ الْمَشَائخ الاربعة "

يعني سيد مرتضيٰ جي طبقه تائين هنن چئن ڄڻن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به صاف مخالفت نه ڪئي آهي (گويا هنن چئن ڄڻن کان سواءِ ٻين سڀني جو تحريف قرآن تي اجماع آهي)

اسين نه چئون ٿا ته انهن چئن مجتهدن جو اهو لکڻ به تقيه ڪري آهي. جو ته هڪ ته انهن پنهنجي دعويٰ تي ڪنهن به امام جي حديث پيش نه ڪئي آهي. ٻيو ته تحريف قرآن جي مڃيندڙن کي نه ڪافر ٺهرايو آهي نه گمراهه سمجهيو آهي ۽ نه وري تحريف وارين حديثن تي ڪا جرح ڪئي آهي. جنهن مان ثابت آهي ته انهن جو دلي عقيدو قرآن مجيد بابت ڪو ٻيو هو.

القصه پوين شيعه عالمن ڏٺو ته جيڪڏهن صاف لکون ٿا ته انهن چئن مجتهدن اجماع جي خلاف لکيو آهي ته اهڙن جليل القدر علامن جي بي عزتي ٿيندي ۽ جيڪڏهن کي سچو ٿا ٺهرايون ته اصحاب رسول صلعم جي ايمانداري ثابت ٿئي جن قرآن مجيد کي امانت باسلامت جمع ڪري امت تائين پهچايو ۽ انجي اشاعت ۽ حفاظت ۾ ضبط شديد کان ڪم ورتو. تنهنڪري نه جائي ماندن نه پائي رفتن موجب مجتهدن جي قولن جا بيجا تاويل ڪريو ~ رند کے رند رہے ہاتھ سے جنت نہ گئی
وانگر تحريف قرآن به ثابت ڪيائون ۽ مجتهدن جي به آبرو رکيائون. جيئن علامه محسن ڪاشي تفسير صافي ۾ سيد مرتضيٰ جي قول جو هن طرح تاويل ٿو ڪري

٢٦ " اَقُوْلُ القَائِلُ اَنْ يَقُولَ كَمَا اَنَّ الدَّوَاعِي كَانَتْ .... اما درسه وحسمه
فَاِنَّمَا كَانُوْا يَدْرُسُوْنَ وَيَحْفَظُوْنَ مَاكَانَ عِنْدَهُمْ لَاتَمَامَه "

يعني آءٌ تو چوان ته هڪ چوندڙ چئي سگهي ٿو ته جيئن قرآن جي حفاظت جا اسباب ايمان وارن جي طرفان زياده هئا تئين منافقن کان به گهڻا هئا، جن رسول خدا صلعم جي وصيت کي ڦيرائي خلافت کي ڦيرايو. قرآن مجيد ۾ تحريف تي به اسباب زياده هئڪري هئا جو قرآن مجيد انهن منافقن جي راءِ جي خلاف هو. قرآن ۾ تحريف ٿي آهي اما انهي کان اڳ ٿي آهي جو شهرن ۾ پکڙجي ۽ موجوده حالت تي

رهي ۽ انهاسخت حفاظت ڦيرگهير ڪرڻ کانپوءِ ٿي آهي. انهي صورت ۾ چوندڙ جيئن سگهي ٿو ته اصل قرآن ۾ تحريف نه ٿي آهي. تحريف فقط انجي لکڻ ۽ اُجارڻ ۾ ٿي آهي جو ته اُنهن اصل قرآن تان نقل ڪرڻ وقت تحريف ڪئي آهي ۽ اصل قرآن پنهنجي صحيح حالت ۾ امامن وٽ موجود آهي جو ڦيرگهير کان پاڪ آهي پر ڦيرگهير ۾ فقط اُهو آيل آهي جنهن کي انجي جمع ڪندڙن پنهنجي پوءِ لکڻ لاءِ ظاهر ڪيو آهي ۽ اِها ڳالهه ته قرآن مجيد نبي ڪريم صلعم جي وقت ۾ جمع ٿيل هو سو ثابت ناهي. جو ته جنهن صورت ۾ ته ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيندو هو تنهن صورت ۾ ڪئن جمع ٿي سگهندو؟ باقي رهيو هي سوال ته اُن وقت قرآن مجيد جو درس ۽ ختمو هو، سو اوتري جو هو جيترو هُن وٽ موجود هو۔

ناظرين! باعتڪين مٿيون حوالو نمبر ٦٥ وارو غور سان پڙهي ڏسن ته سيد مرتضىٰ ڇا چيو آهي ۽ انجو تاويل ڪئن ڪيو اٿن. هو چوي ٿو ته "إِنَّ الْقُرْآنَ كَانَ عَلَىٰ عَهْدِ رَسُولِ اللهِ مَجْمُوعًا وَمُؤَلَّفًا عَلَىٰ مَا هُوَ عَلَيْهِ الْآنَ" يعني تحقيق قرآن مجيد جهڙو رسول خدا صلعم جي زماني ۾ گڏ ٿيل ۽ تاليف ترتيب ٿيل هو تهڙو هو بهو هاڻي به آهي" پر علامه محسن ڪاشي ٿو چوي ته اِنهي اصل واري قرآن تان نقل ڪرڻ وقت ڦيرگهير ڪري هي موجوده قرآن تيار ڪيو ويو آهي ؎ ببين تفاوت ره از ڪجاست تا به ڪجا

تنهن کانسواءِ هي ڪٿي به ثابت ناهي ته موجوده قرآن مجيد امامن واري قرآن تان نقل ڪيو ويو آهي جيئن ته حضرت علي ڪرم الله وجهه وارو قرآن بقول شيعه نه ماڻهن قبول ڪيو ۽ نه حضرت عليؑ ئي ڏنو. پوءِ نقل ڪنهن تان ڪيئون؟

علامه صاحب ٿو لکي ته جڏهن قرآن ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيندو هو ته پوءِ جمع ڪئن ٿي سگهندو؟ اسين ٿا چئون ته جيئن جيئن نازل ٿيندو ٿي ويو تيئن تيئن حضرت جن صلعم جمع ٿي ڪرايو ۽ پوءِ جڏهن سارو قرآن شريف نازل ٿي چڪو تڏهن انجو درس ۽ ختمو به مڪمل ٿيندو ويو اعتراض ڇاجو؟ الغرض ؎ مرض بڙهتا گيا جون جون دوا ڪی

موجب جيئن جيئن شيعه عالمن جند ڇڏائڻ لاءِ هٿ پير پئي هنيا آهن تيئن تيئن ويا آهن سوگها ٿيندا. تنهن ڪري هيءَ علامه محسن ڪاشيءَ نيٺ ڦاٿ ڪاڏو ته اصل قرآن پنهنجي صحيح حالت ۾ امامن وٽ موجود آهي جو ڦيرگهير کان پاڪ آهي باقي هي موجوده قرآن ڦيرگهير کان خالي نا هي. بس اِهو ئي اسان جو مطلب هو جو

ثابت ٿيو ته شيعا صاحب تحريف قرآن جا معتقد آهن.

علامه نوري فصل الخطاب ۾ تحريف قرآن جي انڪارين جي قول جي ترديد ڪندي انهن جي رڪيڪ دليلن کي ٽوڙيندي شيخ صدوق بابت ٿو لکي :-

”قلت انه لشدة حرصه على اثبات مذهبه يتعلق بكل ما يحتمل فيه تائيد لمذهبه ولا تلتفت الى لوازمه الفاسدة التي لا يمكنه الالتزام به فان ما ذكره من الشبهة هي الشبهة التي ذكرها المخالفون بعينها واوردها على اصحابنا المدعين لثبوت النص الجلي على امامة مولانا علي عليه السلام واجابوا عنها بما لا يبقى معه ريب وقد احياها بعد طول المدة غفلة او تناسيا عما هو مذكور في كتب الامامية“

يعني ”آءٌ چوان ٿو ته شيخ صدوق پنهنجي مذهب جي ثابت ڪرڻ ۾ ايترو ته حريص آهي جو جنهن به ڳالهه ۾ پنهنجي مذهب جي ٿوري ڪا تائيد ٿو ڏسي ته انکي وٺيو وڃي پر انَ جي برن نتيجن ڏي نظر ڪانه ٿو ڪري. جو اعتراض هن تحريف قرآن تي ڪيو آهي اهو ساڳيو اعتراض آهي جو مخالف (سني) اسان جي اصحاب تي امامت علىؓ جي نص موجود هئڻ تي ڪندا آهن جنهنجو جواب عمدگي سان ڏنو ويو آهي پر شيخ صدوق ڪيتري زماني کانپوءِ انهي اعتراض کي وري جيئرو ڪيو آهي جيڪي اماميه مذهب جي ڪتابن ۾ لکيل آهي اُن کان غفلت يا فراموشي ڪئي اٿس“

نوٽ - علامه نوري جو صاف مطلب هي آهي ته جيڪڏهن شيخ صدوق جي لکڻ موجب قرآن مجيد ڏيرگهير کان پاڪ آهي ته پوءِ مڃڻو پوندو ته جن اصحابن انکي جمع ڪيو ۽ اشاعت ۾ آندو اهي نهايت امانت دار ۽ ديانت وارا هئا ۽ پوءِ خلافت وغيره فدڪ جي کسڻ جا سڀ الزام اُنهن تان لهي ويندا. انهيڪري ئي شيعه عالمن قرآن مجيد جي تحريف کي پيش ڪري اصحاب جي خيانت جو ثبوت ڏنو آهي ته جڏهن هو ڪتاب الله ۾ خيانت ڪرڻ کان ڪين ڳتا ته پوءِ خلافت وغيره ۾ ڪهڙي امانت ڪئي هوندائون. پر شيخ صدوق اسانجي جواب کي رد ڪري مخالفن جي ساڳئي اعتراض کي قايم ڪيو آهي. هِنمان هر ڪو عقل وارو انسان هي نتيجو ڪڍي سگهي ٿو ته شيعه مذهب ۾ تحريف قرآن جو عقيدو رکڻ اصحاب

رسول رضي الله عنهم جي عداوت ڪري پيدا ٿيو آهي.

٧٨ مجتهد سيد دلدار علي جو پٽ سيد محمد پنهنجي ڪتاب ضربت حيدريه جلد ٻئي ۾ ٿو لکي " فان الحق احق بالاتباع ولم يكن السيد علم الهدیٰ معصوماً حتیٰ يجب ان يطاع فلو ثبت انه يقول بعدم النقيصة مطلقاً لم يلزمنا اتباعه ولا ضير فيه " يعني لائق اهو آهي ته حق جي پيروي ڪجي. سيد مرتضيٰ ڪو معصوم نه آهي جنهنجي پيروي ڪريون. جيڪڏهن هُن وٽ ثابت آهي ته قرآن ۾ ڪو به نقص ڪونهي ته اُنجي پيروي ڪرڻ اسانتي لازم نه آهي ۽ هِن ۾ ڪو اند يشو نه آهي ".

پيارا ناظرين! هن وقت تائين اسان شيعه مذهب جي ٻئي صحيح روايتن سان ثابت ڪيو آهي ته شيعن وٽ قرآن مجيد ۾ پنجن قسمن جي تحريف يعني ڦير گهير ٿي آهي ۽ اِها تحريف حضرت جن صلي الله عليه وسلم جي وفات کانپوءِ ٿي آهي.

شيعن جي دؤر اوّل جا سڀ عالم تحريف قرآن جا قائل آهن. باقي دؤر ٻئي جا چار مجتهد قائل ناهن ۽ اهو اقرار به انهن تقيّه ڪري ڪيو آهي جو ته اُنهن جي قولن کي خود شيعن جي پوين عالمن مضبوط دليلن سان رد ڪيو آهي.

هت جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته شيخ الطائفه ابوجعفر طوسيؒ جي لکڻ موجب نقص قرآن وارين روايتون آحاد آهن يعني اهڙيون آهن جي روايت جي سلسلي ۾ مشهورت جي حد تائين پهتل ناهن جنمان يقين حاصل ٿي نٿو سگهي تنهنڪري اُنهن تي اعتبار ڪونهي هنجو هي جواب هي آهي ته ابوجعفر طوسيؒ فقط اِها خيالي دعويٰ ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڪو به دليل امامن جي سند سان پيش نه ڪيو اٿس. حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته تحريف قرآن بابت شيعي روايتون سڀ متواتر آهن جيئن ڪتاب فصل الخطاب صفحو ٢١١

٧٩ ۾ آهي :- الاخبار الكثيرة المعتبرة الصريحة في وقوع السقط و دخول النقصان في الموجود من القرآن زيادة علیٰ ما مرّ في ضمن الادلة السابقة وانه اقلّ من تمام ما نزل اعجازاً علیٰ قلب سيّد الانس والجان من غير اختصاصها بآية او سورة وهي متفرقة في الكتب المتفرقة التي عليها المعول عند الاصحاب جمعت ما عثرت عليها في هذا الباب " يعني ڪيترين ئي حديثن جي معتبر آهن ۽ قرآن ۾ ڪمي ۽ نقصان تي دلالت ڪن ٿيون. اُنهن کان سواءِ جيڪي دليل اڳي ذڪر ٿيا آهيون اُهي به هِن

ڳالهه جي تائيد ٿا ڪن ته موجوده قرآن نزول واري انداز ي کان گهٽ وڌ آهي
۽ ڦيرگهير ٿي ڪري ڪنهن خاص صورت يا آيت سان مخصوص ناهي. انهي حديثون مختلف
ڪتابن ۾ جمع ٿيل آهن جنتي اسانجي مذهب جو اعتبار آهي ۽ اهل مذهب جو انهن
ڏي رجوع. مون انهي سڀ حديثون گڏ ڪيون آهن جي مونکي معلوم ٿيون"
هن عبارت کانپوءِ علامه نوري ڪيترن ڪتابن جا نالا ڏنا آهن ۽ تحريف جي
روايتن جو انبار لڳايو اٿس ۽ ساڳئي ڪتاب جي صفحه ۳۰ ۾ سيد نعمت الله محدث
جزائري جو هي قول ڏنو اٿس :-

٨٠ "قال السيد المحدث الجزائري في الانوار ما معناه ان الاصحاب قد
اطبقوا على صحت الاخبار المستفيضة بل المتواترة الدالة بصريحها
على وقوع التحريف في القرآن كلاما و مادة و اعرابا و التصديق بها"
يعني محدث جزائري انوار ۾ چيو آهي ته تحقيق اصحاب اماميه انهن (تحريف جي
روايتن تي اتفاق ڪيو آهي جي مستفيض ۽ متواتر آهن (ايترين آهن جنکي عقل
ڪوڙ و ٺڳائي نٿو سگهي) ۽ تحريف قرآن تي دلالت ٿيون ڪن، ڪلام ۾، ماده ۾
۽ اعراب ۾ ۽ انهن جي تصديق تي اتفاق آهي" وري صفحه ۳۱ ۾ ٿو لکي :-
٨١ "وهي كثيرة جدا حتى قال السيد نعمت الله جزائري في بعض مؤلفاته
كما حكى عنه ان الاخبار الدالة على ذالك تزيد على الفي حديث
وادعا استفاضها جماعة كالمفيد والمحقق الداماد والعلامة المجلسي وغيرهم
بل الشيخ ايضا صرح في التبيان بكثرتها بل ادعى تواترها جماعة ياتي ذكرهم"
يعني تحريف قرآن جون روايتون بلڪل گهڻيون آهن تان جو سيد نعمت الله پنهنجن
ڪتابن ۾ لکيو آهي ته اهي تحريف جون روايتون ٻن هزارن کان زياده آهن ۽ هڪ جماعت
انهن حديثن جي مستفيض هجڻ جي دعوى ڪئي آهي جيئن شيخ مفيد ۽ محقق داماد
۽ علامه مجلسي وغيرهم پر شيخ تبيان ۾ صاف لکيو آهي ته تحريف قرآن جون ايترين
ته گهڻيون روايتون آهن جو محدثن انهن کي متواتر ثابت ڪيو آهي"
فائده - حديث مستفيض ۽ متواتر جو اهو مطلب آهي ته انجا روايت ڪندڙ ايترا ته
هجن جنجو ڪوڙ تي جمع ٿيڻ محال سمجهيو وڃي.

ناظرين کي معلوم هجي ته اهي حديثون کي جهڙن قسمن کتابن جون ناهن پر
علامه نوري جي نقل موجب شيعه مذهب جي معتبر کتابن جون آهن جيئن
لکي ٿو:- "واعلم تلك الاخبار منقولة من الكتاب المعتبرة التي ٨٢
عليها معول اصحابنا في اثبات الاحكام الشرعية و آثار النبوية"
يعني ڄاڻ ته اهي (تحريف قرآن) جون حديثون معتبر کتابن جون آهن
جنتي اسانجي اصحاب حديث جو اعتبار آهي شرعي حکمن جي ثابت ڪرڻ ۽ نبوة
جي آثار نقل ڪرڻ ۾"
بس مسئلو صاف ٿي ويو ته ابو جعفر طوسيءَ جي خالي چوڻ تي تحريف جون روايتون آحاد
نه ٿيندي پر شيعن جي وڏن وڏن محدثن جي تحقيق موجب اهي ٻن هزارن کان ٻاهر
حديثون مستفيض ۽ متواتر آهن جنکان ڪو به شيعو انڪار ڪري نٿو سگهي -
اسان مٿي هڪ روايت جو جي نمبر ٢٧ سان ڏني آهي ته شيخ صدوق وغيره جيئن
مجتهدن سان متقدمين عالمن مان کو به شامل ناهي ۽ اهي متقدمين ڪهڙا هئا
اهي جانڻ لاءِ ڪتاب فصل الخطاب ۾ علامه نوري جي آئيا آهن:-
ثقة الجليل محمد بن الحسن صفار (مصنف ڪتاب بصائر) - محمد بن ابراهيم نعماني
شاگرد ڪليني جو (مصنف ڪتاب الغيبة) ثقة الجليل سعد بن عبد الله قمي - سيد علي بن
احمد ڪوفي - شيخ الجليل محمد بن مسعود عياشي - (مصنف تفسير عياشي) شيخ فرات بن
ابراهيم ڪوفي - ثقة الاسلام محمد بن عباس ماهيار - شيخ المتكلمين ابو سهل اسماعيل
رئيس الطائفه ابو القاسم حسين (سفير امام مهدي) - فاضل متكلم حاجب بن ليس
شيخ الجليل فضل بن شاذان - شيخ الجليل محمد بن حسن شيباني (مصنف تفسير نهج البيان)
احمد بن محمد خالد برقي (مصنف ڪتاب المحاسن)
نوٽ - محقق طوسيءَ فهرست ۾ ۽ نجاشيءَ اسماء الرجال ۾ انجي تصنيفات ۾
"ڪتاب التحريف به لکيو آهي"
محمد بن خالد - عيسيٰ بن حسن بن ومال (جنهن کان علم حديث ۾ ڪابه غلطي ظاهر نه ٿي)
محمد بن الحسن صرفي - احمد بن محمد بن يسار - حسن بن سليمان الحلي - محمد بن عباس
بن علي بن مروان - ابو طاهر عبد الواحد بن عمر قمي - محمد بن علي بن شهر آشوب"

هن ناليءَ ڏيڍ ڪانپوءِ فصل الخطاب وارو لکي ٿو :-

٨٣ " وَهُوَمذهب جمهور المحدثين عثرناعَلى كلما تهم "

يعني اهو ئي مذهب جمهور محدثين جو آهي جن جي اقوال جو اسانکي پتو پيو آهي ـ
اُنهن کانسواءِ ٻيا هي به آهن :-

مولي محمد صالح ـ فاضل سيد علي خان ـ مولي محمد مهدي تراقي ـ محقق ڪاظمي ـ شيخ ابو الحسن
شيخ علي بن محمد مقابي ـ سيد علي طاؤس ۽ شيخ الاعظم محمد بن محمد بن نعمان مفيد "
عقل ۽ انصاف واري لاءِ ايترو بس آهي پر نيم خواندہ شيعہ صاحبن جي وڌيڪ خاطري
لاءِ اُهي روايتون ٿا لکون جن ۾ خاص لفظ تحريف جو موجود آهي ـ اگرچه مٿي به ڪيتريون
روايتون ڏيئي آيا آهيون جن ۾ لفظ تحريف جو آيل آهي ڏسو حوالا نمبر ١٦ ، ٢٧
٦٨ ، ٦٩ ، ٧٣ ، ٨٠

فصل ڏهون

(شيعن جون اُهي روايتون جن ۾ لفظ تحريف جو آيل آهي)

٨٤ ابو بصير کان روايت آهي تہ مون امام جعفر صادق کي چيو تہ خدا تعالىٰ جو هي قول آهي
هاذا كِتَابنَا يَنطِقُ عَلَيكُم بِالحَقِّ " امام صاحب فرمايو تہ ڪتاب ڳالهائيندو نا هي البتہ
رسول خدا صلعم ڪتاب سان ڳالهائيندو آهي درحقيقت " يَنْطِق " نا هي پر يُنطَقُ
آهي " فقال هاكذا والله نزل به جبريل علىٰ محمد ولكنه حُرِّفَ مِن كتاب عزّوجلّ "
(روضہ ڪافي صفحہ ٢٠) يعني جبريل حضرت جن صلعم تي ائين نازل ڪيو هو پر پوءِ اُن
۾ تحريف ڪئي وئي آهي ـ

٨٥ علي بن سويد حضرت امام ابو الحسن موسیٰ کي قيد ۾ هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن ڪي
مسئلا پڇيا ـ امام صاحب جواب ۾ لکيو :-

وَلاتلتمس دين من ليس من شيعتك ولاتحبن دينهم فانهم الخائنون
الذين خانوا الله ورسوله وخانوا امانا تهم وتدري ماخانوا امانا تهم
ائتمنوا علىٰ كتاب الله فحرّفوه وبدّلوه (روضہ ڪافي صفحہ ٦١)

يعني جيڪي تنهنجن شيعن مان نا هن انهن جي دين جي تلاش نہ ڪر ۽ نہ اُنهن جي
دين سان محبت رک ڇو تہ هو خيانت ڪندڙ آهن خدا ۽ رسول جي ـ هُنن امانتن ۾

خيانت ڪئي اُها هي جو خدا جي ڪتاب ۾ تحريف ۽ تبديل ڪيائون .

٨٦ تفسير صافي ۾ آهي " فما هُو عند العلماء به ليس بمحرف وانما المحرف ما اظهروا لاتباعهم "

يعني اصل قرآن پنهنجن عالمن (امامن) وٽ آهي جو تحريف کان پاڪ آهي ۽ تحريف ۾ فقط اُهو آيل آهي جنهنکي اُنهي جمع ڪندڙن پنهنجي پوئلگن لاءِ ظاهر ڪيو "

٨٧ ڪتاب بصائر الدرجات جلد ٨ باب ١٧ ۾ آهي " قال ابو جعفر اما ڪتاب الله فحرفوا واما الڪعبة فهدموا واما العترة فقتلوا "

يعني فرمايو امام محمد باقر ته اصحابن قرآن ۾ تحريف ڪئي . ڪعبي کي ڊاٺو ۽ عترت کي قتل ڪيو .

٨٨ سيد حامد حسين ڪتاب استقصاء الافحام ۾ لکي ٿو :-

اگر بيچاره شيعه بمقتضاي احاديث ڪثيره اهلبيت طاهرين مصرحه به وقوع نقصان در قرآن حرف تحريف بر زبان آرد هدف سهام طعن و تشنيع گردد "

يعني هو شيعو جيڪڏهن اهلبيت جي گهڻين حديثن موجب چوي ته قرآن ۾ تحريف ٿي آهي ته انتي ملامت وغيره ڪئي ٿي وڃي .

نوٽ - مولوي حامد حسين وٽ به ثابت آهي ته تحريف قرآن بابت اهلبيت جون ڪثرت سان روايتون آيل آهن -

٨٩ شيخ صدوق ڪتاب الخصال صفحه ٨٣ ۾ لکي ٿو ته جابر جو بيان آهي ته مون رسول خدا صلعم کان ٻڌو ته قيامت ۾ قرآن ، مسجد ۽ عترت بارگاه الاهي ۾ شڪايت ڪندا جن مان " يقول المصحف يا رب حرفوني " اي خدا مون ۾ ڦير گهير ڪئي .

٩٠ شيعن جو وڏو عالم علي بن عيسى اردبيلي پنهنجي مشهور ڪتاب ڪشف الغمه صفحه ٦٠ ۾ لکي ٿو ته امام زين العابدين فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت جن صلعم اصحاب کي چيو ته توهان ۾ هڪ اهڙو شخص آهي جو قرآن جي تاويل تي جنگ ڪندو جئن هو منهنجي همراهي ۾ تنزيل تي لڙندو رهيو آهي - حضرت ابوبڪر عرض ڪيو ته يارسول الله ڇا اُهو مان آهيان حضرت جن جواب ڏنو ته نه - اهڙيطرح حضرت عُمر کي به جواب ڏنائون ۽ حضرت علي ڏي اشارو ڪري فرمايئون ته هو تاويل تي جنگ ڪندو ، جڏهن منهنجي سُنت کي ترڪ ڪيو ويندو ۽ حرف ڪتاب الله " قرآن ۾ تحريف ڪئي ويندي -

٩١ شيخ الاسلام محمد باقر مجلسي ڪتاب حيات القلوب جلد ٻئي باب ٤٩ ۾ ٿو لکي :-
"اين سبب شد که منافقين ديگر غصب خلافت کردند پس يک خليفهٔ رسول خدا را
چنين کردند و خليفهٔ ديگر را که کتاب خدا بود تحريف کردند"
يعني حضرت جن صلعم جي ٻن خليفن مان هڪ جي خلافت کسي ويا ۽ ٻئي خليفي
يعني قرآن ۾ منافقن تحريف ڪئي.

٩٢ فاضل افضل مرزا محمد باقر موسوي ڪتاب بحرالجواهر خاقاني صفحه ٢٤٧ ۾ ٿو لکي :-
"وسبب زدن او آن بود که قرآن او را طلبيد که با مصحف خود که تحريفات و تغيرات
داده بود موافق گرداند" يعني حضرت ابن مسعود کي مارڻ جو اهو سبب هو ته هُو
(حضرت عثمان) ابن جي قرآن کي گهرائي پنهنجي تحريف ڪيل قرآن جي موافق ڪري ڇڏيا.

٩٣ شيعن جو زبدة المحققين حاجي محمد ڪريم خان ڪرماني ڪتاب ارشاد العوام جلد ٣ صفحه
١٢١ ۾ ٿو لکي :- "وآنچه از قرآن ساقط شده بود و تحريف و تبديل شده بود"
يعني اُهو جيڪي ڪي قرآن مان نڪتو ۽ تحريف تبديل ٿيو.

٩٤ سلطان العلماء سيد محمد مجتهد لکنوي ڪتاب ضربت حيدريه جلد ٢ صفحه ٧٦ ۾ ٿو لکي :-
"وقوع تحريف و نقيصت في الجمله از اخبار متواتره فريقين ولو تواتر معنويا ثابت"
يعني قرآن مجيد ۾ تحريف ۽ نقصان جو هئڻ ٻنهي فرقن جي متواتر حديثن ۾ آيل آهي"
(اهلسنت جي هڪ حديث ۾ ائين ثابت ناهي ته اصحابن قرآن مجيد ۾ ڪا گهٽتائي ڪئي آهي)

فصل يارهون

(شيعن جون اُهي روايتون جن ۾ لفظ تغير تبدل جو آيل آهي)

هن لاءِ مٿي آيل حوالا ڏسو نمبر ٣٤، ٦٢، ٦٧، ٦٨، ٧٤، ٨٥، ٩٢، ٩٣ ۾

٩٥ سيد علي اڪبر بن علي اصغر هڪ ڪتاب ناصرالدين قاچار جي زماني ۾ شيعن جي
عقيدن تي لکيو آهي جنهن ۾ آهي :- "واجب است اعتقاد نمودن باين که در
قرآن اصلی تغير و تبديل واقع نشده اگرچه از قرآنهای ديگر بعضی را از منافقين
انداختند يا تغير دادند و آن قرآن اصلی نزد امام عصر ميباشد" عقائد الشيعه
يعني شيعن کي هي اعتقاد رکڻ واجب آهي ته اصلي قرآن ۾ ڦيرگهير نه ٿي آهي پر ٻين
۾ منافقن ڪان ٿي آهي ۽ اهو اصلي قرآن امام مهدي وٽ موجود آهي.

٩٦ علامہ باقر مجلسي حيات القلوب جلد ٢ باب ٤٩ ۾ ٿو لکي :-

”وخليفۀ ديگر راکہ کتاب خدا بود تحريف کردند و تغيير دادند بہر وجہ کہ خواستند گردانيدند“

يعني ٻئي خليفي کي جو قرآن هو تحريف ۽ تغير ۾ آندائون ۽ پنهنجي مرضي موافق ڦيرايائون

٩٧ ساڳيو علامہ پنهنجي ٻئي ڪتاب رسالہ رجعت صفحہ ٣٢ ۾ ٿو لکي :-

پس بخواند قرآن را بہ نحوى کہ حق تعالىٰ بر حضرت رسول نازل ساختہ بى آنکہ تغير وتبدل شده باشد چنانچہ در قرآنهاى ديگر شده “

يعني پوءِ امام جعفر صادق قرآن پڙهيو اهڙي جيئن رسول خدا صلعم تي نازل ٿيو هو بنا ڪنهن ڦيرگهير جي جيئن ٻين قرآنن ۾ ڦيرگهير ٿيل آهي -

٩٨ اسعاف المامول بہ شرح زبدۃ الاصول صفحہ ١١٥ ۾ ٿو لکي :-

”وعرض الاخبار عليہ فلا ينافي ماذکر من وقوع التغير في الکتاب“

يعني اهي روايتون جن ۾ قرآن جي تمسڪ جو اشارو آيل آهي اهي قرآن ۾ ڦيرگهير ٿيڻ جي خلاف ناهن -

فصل ٻارهون

(موجوده قرآن مجيد جي ناقابل حجت جون متفرقہ روايتون)

٩٩ ڪتاب احتجاج طبرسي واري روايت ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو هي بہ قول نقل ڪيو ويو آهي :- وَکلوا تاليفه ونظمه الىٰ بعض من وافقهم علىٰ معاداة اوليآء الله فالفه علىٰ اختيارهم “ يعني انهن (خليفن) قرآن مجيد جي جمع ڪرڻ جو ڪم انهي شخص جي حوالي ڪيو جو خدا جي دوستن جي دشمني ۾ هنن سان شامل هو جنهن انهن جي مرضي موافق قرآن جمع ڪيو “

چاڪياءِ ان بابت شيعن جي علامہ محمد تقي ڪاشاني ڪتاب هدايت الطالبين ۾ هي فيصلو ڪيو آهي :- او (زيد) مناقب اهلبيت و مذمت دشمنان آنها را ازو انداخت واين قرآن کہ حالا درميان مردم است ومشهور بہ قرآن عثمانى است آن نسخہ ايست کہ ازان برداشتہ اند “

يعني انهي زيد رض قرآن مان اهلبيت جي تعريف ۽ انهن جي دشمنن جي برائي ڪڍي ڇڏي ۽ هي قرآن جو ماڻهن وٽ عثماني قرآن جي نالي مشهور آهي سو انهي زيد واري نسخي مان ورتل آهي

ھاڻ ڏسڻو آھي تہ جو ڪجھہ حضرت زيد ڪيل ھو اھو ڪيترو ھو. ان لاءِ حيات القلوب
جلد ٣ صفحہ ٤٤ ۾ علامہ باقر مجلسي ٿو لکي :-

در احاديث وارد شده (ڪافي وغيره) کہ ثلث قرآن در فضائل ايشان است و
ثلثي در مثالب دشمنان ايشان " يعني قرآن جو ٽيون حصو اھلبيت جي فضائل ۾ ھو
۽ ٽيو حصو انھن جي دشمنن جي برائي ۾ ھو ۽ اھڙو ذڪر حديثن ۾ آيل آھي -
گويا ھي پيتون قرآن جون ھضم ٿي ويون. جنھن لاءِ ڪافي جي حديث بس آھي ڏسو حوالو نمبر ١٠٠

١٠٠ سيد نعمت الله محدث جزائري ٿو لکي :-

وعثمان واضرابه ما كانوا يحضرون الا في المسجد مع جماعة الناس
فماكانوا يكتبون الاما نزل به جبريل بين الملأ واما الذي كان يأتي
به داخل بيته فلن يكتبه الا امير المومنين .... وهذا قرآن الموجود
الآن في ايدي الناس هو خط عثمان " (انوار نعمانيه)

يعني حضرت عثمان ۽ ٻيا اصحاب مسجد نبوي کانسواءِ ٻئي ھنڌ حاضر نہ ھوندا ھئا
تنھنڪري ھو فقط اھي آيتون لکندا ھئا جيڪي ماڻھن جي جماعت ۾ حضرت جبرئيل
آڻيندو ھو پر اھي آيتون جيڪي حضرت جن صلعم جي گھر ۾ نازل ٿينديون ھيون
اھي سواءِ حضرت علي رض جي ٻيو ڪو لکي نہ سگھندو ھو - تنھنڪري ھي موجوده
قرآن عثماني بياض آھي -

فائده - مٿين حوالي نمبر ٩٩ ۾ آھي تہ اصل قرآن مان زيد فضائل اھلبيت ۽ مذمت
اصحاب ڪيري باقي قرآن قائم رکيو ۽ ھت وري اِھا فتويٰ ڏني ٿي وڃي تہ حضرت عثمان
۽ ٻين وٽ جيڪي لکيل ۽ موجود ھو، اھو ھِن قرآن ۾ جمع ڪيو ويو - حضرت علي وارو - حيدرآبادي
شيعا مجتھد وري چون تہ اصل قرآن ۽ ھِن قرآن ۾ فقط ترتيب جو تفاوت آھي ٻيو
سڀ ڪجھ برابر آھي - ھاڻ انصاف ڪريو گھر جي تہ علامہ محمد تقي ڪاشاني سچو يا نعمت الله
جزائري سچو يا سنڌي مجتھد سچو -

مٿين عبارت مان ھي بہ نتيجو نڪتو تہ جيڪي آيتون حضرت جن صلعم جي حرم سرائي
۾ نازل ٿينديون ھيون اھي حضرت علي رضہ تائين محدود رھيون ۽ حضرت جن صلعم
انھن کي عام مسلمانن تائين نہ پھچايو گويا شيعن جي مذھب موجب حضور جن صلعم

قرآن مجيد جي تبليغ جو حق ادا ئي ڪونه ڪيو - استغفرالله - استغفرالله

۱۰۱ شيعن جو مجتهد مولوي دلدار علي جي فرزند سلطان العلماء سيد محمد لکنوي
ڪتاب ضربهٔ حيدريه جلد ٻئي ۾ لکيو آهي :-
چون ناظم نظم قرآني خليفهٔ ثالث اند احتجاج بآن بر شيعان راست نمي توانند شد"
يعني نظم قرآن جو منتظم جڏهن ته ٽيون خليفو آهي تنهنڪري ان سان شيعن تي
حجت وٺڻ درست نه آهي"

سلطان العلماء هن دعوى ته اها ڪئي آهي پر خود انجي ترديد به ڪئي الٽس جئين سا ڳئي

۱۰۲ ڪتاب جي صفحه ۸۱ ۾ ٿو لکي :- **ترتيب آيات موجوده الآن تا ظهور حضرت
صاحب العصر نزد فرقهٔ اماميه قابل تمسک و احتجاج ست از جهت اينکه ائمهٔ انام
شيعان خود را در زمان غيبت بنا بر ضرورت اجازت عمل بران داده اند"**
يعني قرآن مجيد جي هيءَ ترتيب امام مهدي جي ظهور تائين فرقهٔ اماميه وٽ حجت
۽ تمسک جي لائق آهي. هنڪري جو امام جي غير حاضري ۾ ضرورت ڪري امامن
انتي عمل ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي"

سبحان الله ! ؎ **منکر مئی بودن و همرنگ مستان زيستن** " تي سلطان العلماء
به عمل ڪري رهيو آهي. جناب حضرت علي المرتضى فرمائي ته جهن قرآن ۾ انجي جمع ڪندڙن
تحريف ڪري ڪفر جا ٿنڀ قائم ڪيا آهن ۽ سلطان العلماء وري اها فتوى ڏئي ته
ڪفر جي ٿنڀن تي عمل ڪرڻ گهرجي - سيد نعمت الله جزائري کي به اهڙو سوال آڏو
آيو هوندو جڏهن هي قرآن تحريف ٿيل آهي ته پوءِ انتي عمل ڪرڻ ڪيئن درست رهندو؟
انجو جواب محدث جزائري به اهڙو ڏنو آهي جهڙو سلطان العلماء ڏنو آهي آخرم
محدث جزائري ٿو لکي :-

۱۰۳ ويرتفع هذا القرآن من ايدي الناس الى السماء ويخرج القرآن الذي الفه
امير المومنين فيقرأ ويعمل باحكامه " يعني امام مهدي جي ظاهر ٿيڻ تي هي
قرآن ماڻهن جي هٿان آسمان تي کڄي ويندو ۽ اهي قرآن حضرت علي رض وارو ڪڍيو
ويندو جو ماڻهو پڙهندا ۽ انتي عمل ڪندا."

هنجو نتيجو اهو نڪتو ته هي قرآن فقط ائڪٽنگ (عارضي طور) طور آهي ۽ جڏهن

اصلي قرآن اچي ويندو تڏهن هن کي درست چارج ڪيو ويندو. (نعوذ بالله)
هت اهو سوال آهي ته جيڪڏهن ٻيءَ قرآن هڪ جهڙا آهن ته پوءِ هن قرآن کي
آسمان تي کڻائي وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ ٻيءَ جي موڪلڻ جو سبب ڇا؟ پر
جيڪڏهن هڪ ٻيءَ جي برخلاف آهن ته ٻنهي مان صحيح ڪهڙو؟ جي موجوده قرآن
صحيح ته ٻيو غلط ثابت ٿيو. جيڪڏهن ٻيو صحيح ته هي غلط ۽ پوءِ ٻارهن سؤ ورهن
تائين امامن سڳورن جو غلط قرآن تي عمل ڪرائڻ ۽ صحيح قرآن کي پاڻوٽ لڪائي
رکڻ دين سان دغا ڪرڻ آهي. هلو اڳتي

١٠٤ تفسير صافي صفحه ١٤ ۾ آهي " اقول يكفي في وجوده في كل عصر وجوده جميعا
كما انزل الله محفوظا عند اهله و وجود ما احتجنا اليه من عندنا و ان لم نقدر
على الباقي " يعني آءٌ تو چوان ته قرآن جو هر زماني ۾ موجود هئڻ لاءِ هي ڪافي
آهي ته سارو قرآن جيئن خدا تعالى نازل فرمايو هو. پنهنجي اهل وٽ موجود آهي ۽ ضرورت
جيترو اسان وٽ آهي ڀلي اسين باقي ٻيءَ کي حاصل ڪري نٿا سگهون "

نوٽ - هن مان معلوم ٿيو ته سارو مڪمل قرآن امام مهدي وٽ غار ۾ آهي ۽ هي
قرآن اڌو حصو آهي جو اسان جي ضرورت موافق مليل آهي - هاڻ هت اهو
سوال ٿو اُٿي ته ڇا اسان جون ضرورتون حضرت مهدي جي وقت ايترئون وڌي
وينديون ڇا جو هي قرآن ڪم ڏئي نه سگهندو؟ جي ها ته ڄڻ ته هي قرآن
ناقص آهي جو هر ڪنهن ضرورت لاءِ ڪافي ناهي - پر هي جو قرآن مجيد ۾ آهي
" اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّا اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ اِنَّ فِي ذَالِكَ لَرَحْمَةً
وَّذِكْرٰى لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ (عنكبوت) يعني ڇا انهن لاءِ اهو ڪافي ناهي جو
تحقيق اسان تو تي ڪتاب نازل ڪيو جو انهن تي پڙهيو ٿو وڃي. بيشڪ هن ۾
رحمت ۽ نصيحت آهي ايمان وارن لاءِ " ڇا اِمامن جي هٿرادو بناوت ڪيل
آهي؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ ٻيءَ قرآن جي ڪهڙي ضرورت آهي - اڳتي هلي ساڳيو
مفسر ٿو لکي :-

١٠٥ ومن ثم ترى قواعد العربية مثل كتابت الالف بعد الواو المفردة "
يعني نٿا ڏسو ته هن قرآن جي عربيت جا قاعدا عربي زبان جي برخلاف آهن جيئن

واو مفرد کا بدران الف لکڻ" گويا هي موجوده قرآن عربي قاعدن جي لحاظ سان به ناقص آهي نه فقط ترتيب جي لحاظ سان - مسلمان اجائي اهڙا دعوىٰ ڪندا آهن ته هي قرآن جهڙو بيو ڪو به فصيح بليغ ڪتاب ڪو نهي - حالانڪ شيعه صاحب ٿا چون ته هن قرآن ۾ عربي قاعدا به پورا نا هن - معاذ بهتانٌ عظيم

١٠٦ ساڳيو مُفَسِّر اڳتي هلي ٿو لکي :-

"وقد ارسل عمر بن الخطاب في زمن تخلفه الیٰ عليّ بان يبعث له القرآن الاصلي الذي هُوَ اَلَّفَه وكان يعلم انه انما طلبه لِاَجل ان يحرقه كقرآن ابن مسعود او يخفيهم عنده فلم يبعث به اليه وهو الآن موجود عند مولانا المهدي"

يعني حضرت عمرؓ پنهنجي خلافت جي وقت ۾ حضرت عليؓ کي چوائي موڪليو ته پنهنجو اصلي قرآن ڏياري موڪل - حضرت عليؓ سمجهيو ته هو انهي کري ٿو اهڙا گهر کري ته ابن مسعود جي قرآن وانگر هي اصلي قرآن به جلائي ڇڏي تنهن کري نه ڏنائين ۽ اهو اصلي قرآن هينئر امام مهدي وٽ آهي"

نوٽ - حيرت ته اهڙا آهي جو جڏهن حضرت عليؓ رضه پنهنجو قرآن پيش ڪيو (ڏسو حوالو نمبر ٦٦) تڏهن حضرت عمرؓ بين چيو ته اسان وٽ قرآن موجود آهي ۽ تنهنجي مصحف جي ضرورت نا هي ۽ هاڻ ٿو گهر ڪري - وري عجب ته اهو آهي جو لکن ٿا ته اصلي قرآن انهن کي مليو هو جنهن تان نقل ڪيا ٿون پر نقل ڪرڻ وقت ڦير گهير ڪيا ٿون (ڏسو حوالو نمبر ٦٧) ۽ مٿين عبارت ۾ آهي ته حضرت عليؓ رضه پنهنجو قرآن نه ڏنو" شيعه صاحب غور ڪن ته تحريف قرآن جي مسئلي سندن عالمن کي ڪهڙيون نه چڪريون ڪارايون آهن جو پنهنجي ڪهڻن به راءِ تي بيٺا نا هن

١٠٧ علامه خليل قزويني اصول ڪافي جي شرح ۾ ڪتاب فضل القرآن ۾ ٿو لکي :-

"دعوىٰ اينکه قرآن همين ست که در مصاحف مشهوره ست خالي از اشکال نيست واستدلال برين به اهتمام اصحاب و اهل اسلام به ضبط قرآن بغايت رکيک ست بعد از اطلاع بر عمل ابي بکر و عمر و عثمان "

يعني اهڙا دعوىٰ ڪرڻ ته قرآن اهوئي آهي جو مشهور مصحفن ۾ آهي سو اعترا من کان خالي نا هي چوته ٽن خليفن جيڪي ڪم ڪيا انهن جي معلوم ڪرڻ بعد

اصحاب ۽ اسلام وارن جي اهتمام ۽ ضبط قرآن جي دعوىٰ نهايت ضعيف آهي.

نوٽ - گويا ته خليفن جيڪي خيانتون ڪيون آهن اُهن جي هوندي يقين
ڪئن اچي ته هنن قرآن مجيد ۾ ڪا خيانت نه ڪئي هوندي -

شيعه صاحبو! ڏسو هت قرآن مجيد کي ڪم از ڪم مشڪوڪ ضرور ترايو ويو آهي
هن بحث جي متعلق آخر ۾ اسين سيد علي حائري مجتهد لاهوري جي به صفائي ڪري
ٿا ڇڏيون ته قرآن بابت انجو ڪهڙو رايو آهي :-

۱۰۸ تفسير لوامع التنزيل ۾ ٿو لکي :- "واعتقاد آنست که قرآن و عترت بعد
از رسول بجاى رسول هادى و رهبر براى امت آنجناب صلعم ست چه بالفروض
واضح ست که هرگاه قرآن محرف و متغير المعانى متبدل الالفاظ باشد مدار دين
واسلام برآن کردن چگونه صحيح باشد" يعني منهنجو اعتقاد هي آهي ته قرآن
۽ عترت رسول صلعم کانپوءِ انجي جاءِ تي هادي ۽ رهبر آهن پوءِ جيڪڏهن قرآن
مُحرّف ۽ مُتغيّر هوندو ته دين اسلام جو مدار انتي ڪئن درست رهندو ؟

برخلاف هن جي اسان مٿي حوالي نمبر ۸۷ ۾ هڪ حديث امام محمد باقر رضه جي ڏني
آهي ته رسول خدا ٻه شيون ڇڏيون ڪتاب الله ۽ عترت. پر پوءِ ڪتاب الله
۾ تحريف ڪيائون ۽ عترت کي قتل. هاڻي ناظرين خود انصاف ڪن ته مولوي حائري
جو اعتقاد درست آهي يا امام محمد باقر جي حديث صحيح. هي سڀ تَقِيّه جي ڪرامت آهي
جئن سيد ابوالحسن علي بن سيد نقي رضوي پنهنجي ڪتاب اسعاف المامول بشرح زبدة
الاصول صفحه ۱۱۵ ۾ ٿو لکي :-

۱۰۹ واما ان الاخبار الواردة عن الأَئِمَّة في التَّمَسُّك واتباعه فيَجُوز ان يَكُون قد
جوزوا العمل به من باب التَّقِيَّة" يعني اُهي حديثون جي قرآن جي پيروي ڪرڻ ۽
مضبوط جهلڻ بابت امامن کان آيل آهن اُهي سڀ تقيه ڪري آهن ته موجوده
قرآن تي عمل جايز رهي" نتيجو درحقيقت شيعه مذهب ۾ تحريف قرآن جون روايتون
ٻن هزارن کان مٿي آهن جي سڀ معتبر ڪتابن جون ۽ مستفيضه ۽ مُتواتر آهن
(ڏسو حوالو نمبر ۸۰ - ۸۲) جيڪڏهن علي حائري جو سچ پچ اهو عقيدو هجي ها
ته ضرور ڪا اهڙي حديث امام جي سند سان پيش ڪري ها جنهن ۾ اهو صاف

ارشاد هجي ها ته هي موجوده قرآن مُحرّف ناهي ۽ سندس شاگرد رشيد مولوي احمد علي
اها دعويٰ نه ڪري ها ته "هاڻي اسين عمومي طور موجوده قرآن جي ترتيب جون چند
غلطيون ظاهر ٿا ڪريون" (ڏسو حوالو نمبر ٦٥) معاملو بلڪل صاف آهي ته شاگرد کي
پنهنجي استاد جي اصلي عقيدي جي خبر هئي - هي سڀ فقط مسلمانن کي ڏيکاريو آهي
ته اسين شيعا قرآن مجيد کي مڃيون ٿا ته در اصل حقيقت ٻي طرح آهي ۽ جنهنجو مفصل
بيان هيٺين فصلن ۾ ڪري آيا آهيون ته مولوي علي حائري جي اعتقاد جي برخلاف
ٻين متقدمين ۽ مُتأخّرين شيعه عالمن جو عقيدو آهي . ٻيو ڏسو ته لکنوي مجتهد سيد
دلدار علي ڪتاب اساس الاصول ۾ تحريف قرآن کي شيعه عقايد ۾ شمار ڪيو آهي جنهن لکيو
١٠|| .... " اما الاعتقادات التي ليست من تلك المثابة كبعض خصوصيات الرجعة
وذهاب بعض الآيات عن كتاب الله " يعني اهي اعتقاد جن اعتقادن جي
درجي جهڙا ناهن جيئن رجعت جون ڪي خصوصيتون ۽ قرآن مان ڪن آيتن جو نڪري
وڃڻ " پڻ ڏسو حوالو نمبر ٦٩ جنهن ۾ صاف ذڪر ڪيل آهي ته
"اما اعتقاد مشائخنا رحمهم الله في ذالك فالظاهر من ثقة الاسلام محمد بن
يعقوب الكليني كان يعتقد التحريف والنقصان في القرآن "
هاڻ جڏهن شيعه مذهب جي وڏن مشائخن جو عقيدو اهو آهي ته قرآن مجيد ۾
تحريف ٿيل آهي ته پوءِ مولوي علي حائري جي عقيدي کي ڪهڙو وزن ڏجو ؟
الحمد لله اسان هڪ سئو ٽيهه حوالا ڏئي ثابت ڪيو ته شيعه مذهب ۾ قرآن مجيد
تحريف ڪيل آهي "

فصل ٽيرهون

(اهل سُنّت تي تحريف قرآن جا اعتراض ۽ انهن جا جواب)

ناظرين کي معلوم هجي ته هيئين مسئلي جي متعلق اهلسنت وجماعت جي طرفان ڪيترا ڪتاب
لکيل آهن جنمان به ڪتاب خصوصيت وارا آهن هڪ تنبيه الحائرين (مصنف مولوي
عبد الشڪور صاحب لکنوي) ٻيو تحفهٔ شيعه (مصنف مولانا مولوي نور بخش صاحب
توڪلي) جن ۾ ڪتاب موعظه تحريف مولوي علي حائري جا جواب ڏنل آهن . تحفهٔ شيعه ۾
اجا به زياده ٻين ڪيترن اعتراضن جا محققانه جواب ڏنل آهن جي قابل ديد آهن

كتاب تنبيه الحائرين ۾ پهريان ٥٤ صفحا شيعن جي تحريف قرآن وارين روايتن سان ڀريل
آهن ۽ ١٢٠ صفحه تائين اهلسنت پاران ڪيل اعتراضن جا جواب ڏنل آهن - مون ضروري ڄاتو
ته شيعه صاحبن جو اهڙو ڪو ڪتاب ڏسجي جنهن ۾ تنبيه الحائرين جي اعتراضن جا جواب
ڏنل هجن ۽ پوءِ جيڪڏهن اهي جواب معقول ۽ مُدَلَّل هجن ته از رُوئِ انصاف وري مٿن اهي
اعتراض نه ڪجن - آخرڪار ڪتاب تنبيه الناصبين بجواب تنبيه الحائرين مولوي اعجاز حسن
بدايوني جو نظر مان گذريو - مطالعه بعد حيرت جي حد نه رهي ڇو ته اُن ۾ اُنهن اعتراضن
کي ڪنيوئي نه ويو آهي جيڪي ڪتاب تنبيه الحائرين جي ٥٤ صفحن تائين شيعن جي روايتن
موجب تحريف قرآن بابت ڪيا ويا آهن - پر سارو ڪتاب اُنهن جوابن جي جواب ۾ آهي جيڪي
مولوي عبدالشڪور صاحب موعظهٔ تحريف جي اعتراضن جا ڏنا آهن . ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾
فقط شيعن کي خوش ڪرڻ لاءِ هي وعدو ڏنو ويو ته " تنبيه الحائرين کا ايک باب کا جواب
ديديا صرف دوسرا باب باقی هے انشاء الله اگر هماری زندگی باقی هے تو روز روشن کيطرح
دکھائينگے کہ شيعہ مذہب سے قرآن مجيد محرف نهين هے " ٢٨ شوال ١٣٤٢ هجري "
مگر افسوس جو ستن سالن جي عرصي ۾ به مولوي اعجاز حسن صاحب ٻئي باب جو جواب نه ڏئي
سگهيو ۽ آخر ايها حسرت پاڻ سان کڻي عالم بقا ڏي راهي ٿيو - هن مان مونکي يقين ٿيو ته تحريف
قرآن بابت شيعن جون حديثون ۽ اُنهن جي مجتهدن جون تواترون جيڪي اهلسنت جي طرفان
شيعن جي اڳيان رکيون وڃن ٿيون اُهي اهڙيون هماليه جبل وانگر مضبوط آهن جنکي ڪو به شيعو
عالم چوري نٿو سگهي . نه ته مولوي اعجاز حسن تي فرض هو ته تنبيه الحائرين جي جواب ۾
پهرين ترتيب وار اُنهن اعتراضن جا جواب ڏئي ها جيڪي تحريف جي ثبوت ۾ شيعه مذهب
تي ڪيا ويا هئا ته دنيا کي معلوم ٿئي ها ته شيعن وٽ اُنهن جا جواب موجود آهن -
پر برخلاف انهي مولوي اعجاز حسن رڳو موعظهٔ تحريف جي تائيد ۾ هيڏو سارو ڪتاب ڪڻي
رکيو ۽ اهلسنت جي اعتراضن جي جوابن کان عاجز ٿي ثابت ڪيائين ته انهي قلعه کي فتح ڪرڻ
شيعه مذهب جي عالمن کان ناممڪن آهي . تنبيه الناصبين جو جواب تنبيه الڪاذبين
جي نالي سان رسالهٔ النجم ۾ مولانا مولوي حبيب الرحمن جي طرفان ملي چڪو آهي -
هاڻي اسين اُنهن اعتراضن جا جواب ٿا لکون جي مسٽر ميوي مايئرمان سمجهي اهلسنت
تي پنهنجي ڪتاب ميزان الانصاف ۾ ڪيا آهن :-

اعتراض (١)

لاڙڪاڻي جي شيعن جي طرفان هڪ اشتهار جواب طلبيءَ لاءِ شايع ٿيل هو جنهن جي جواب جو بار اول ۾ لاڙڪاڻي جي علماء اهلسنت تي هو پر مسٽر واصف اڳرائي ڪري جواب پنهنجي سر ڪري ڇڏيا (ديباچه)

جواب

اشتهار ۾ اهڙي ڪا به تڪليف ڪانه هئي جنهن سوالن جا جواب مسٽر واصف نه ڏئي فقط لاڙڪاڻي جا عالم ڏين - پر جنهن صورت ۾ ته اشتهار عام هو جي اسان ڏي به موڪليا ويا ته پوءِ جواب ڏيڻ هر هڪ سنيءَ جو فرض آهي - لهذا مسٽر ميوي جو باطني تعصب ڪان ايئن نڪتو روا ناهي - اسين ڪانئس اهو سوال ٿا ڪريون ته اسان جا ڏنل جواب به جڏهن ته لاڙڪاڻي وارن شيعن لاءِ هئا ته پوءِ اوهان ڇو اڳرائي ڪري جواب جي زحمت گوارا فرمائي ؟ ڇا لاڙڪاڻي ۾ ڪو اهڙو شيعو فاضل ڪونه هو جو جواب ڏئي سگهي ها ؟

اعتراض (٢)

جڏهن شيعن جي امام جو اهڙو زبردست قول قرآن کي ميڙڻ جو خود مسٽر واصف پاڻ لکي چڪو آهي تڏهن حضرت امام باقر عليه السلام تي بهتان رکڻ ته امام صاحب بيءِ قرآن لاءِ فرمايو آهي ته هن قرآن جي ميڙڻ جو ثبوت ڪونهي...... سا مسٽر واصف جي شان جي شايان ناهي (ديباچه)

جواب

اشتهار جي جواب ۾ اسان ايئن ڪڏهن به نه لکيو آهي - اِها بهتان بازي مسٽر ميوي جي ورثي ۾ آيل آهي جيئن سندس مذهبي ڪتاب رجال ڪشي صفحه ١٤٦ ۾ آهي :-

يونس جو بيان آهي ته آءٌ عراق ۾ پهتس اُتي مون امام محمد باقر جي ڪن اصحابن کي ڏٺو ۽ امام جعفر صادق جا اصحاب به گهڻا ڏٺم. جن کان مون امامن جون حديثون ٻڌيون ۽ انهن جا ڪتاب ورتم پوءِ مون اُنهن کي حضرت امام ابوالحسن رضا جي پيش ڪيو - پاڻ انهن ۾ ڪيترين حديثن بابت فرمايئون ته هي حديثون امام جعفر صادق جون ناهن ۽ مونکي چيائون :- اِنّ ابا الخطاب ڪذب علىٰ ابي عبد الله " يعني تحقيق ابو الخطاب امام جعفر صادق تي بهتان ٻڌو آهي الله ابو الخطاب تي لعنت ڪري ۽ اهڙيءَ طرح ابو الخطاب جا اصحاب اڄ تائين اُهي حديثون امام جعفر صادق جي اصحابن جي ڪتابن ۾ داخل ڪندا آيا آهن پوءِ خلاف قرآن جي اسان تي

ڪجهه به قبول نه ڪريو ،، اهڙيطرح ساڳئي ڪتاب جي صفحه ٣٤٨ ۾ آهي :-
حضرت امام جعفر صادق ٿو فرمائي "ڪان المختار يکذب علیٰ علي بن الحسين " يعني مختار بن ابي عبيده حضرت امام زين العابدين تي بهتان ٻڌندو هو.
باقي اها ڳالهه ته امامن قرآن مجيد جي مجڻ جو زبردست قول آيل آهي سو هي به ڄڻ ڀاڪي وانگر آهي ؎ مگر موشي بخواب اندر شتر ديد " ان بابت به اسين پنهنجو فيصلو پيش نٿا ڪريون ڇو ته ؎ هم اگر عرض کرينگے تو شکايت هوگي " پر خود شيعه عالمن جو ٿا پيش ڪريون جو مٿي ذڪر ڪيل حوالي نمبر ١٠٢ ۾ موجود آهي جنهنجو هي مطلب آهي ته قرآن مجيد جي هيءَ ترتيب امام مهدي جي ظهور تائين فرقهٔ اماميه وٽ حجت ۽ تمسڪ جي لائق آهي جنهن ڪري جو امام جي غير حاضري ۾ ضرورت ڪري امامن انهي عمل ڪرڻ جي شيعن کي اجازت ڏني آهي" گويا هن قرآن مجيد کي مڃڻ جو هڪ سبب ته اهو ٿيو جو اصلي قرآن امام مهدي وٽ غار ۾ رکيل آهي ۽ ظاهر ٿي نٿو سگهي تنهڪري لاچاري حالت ۾ امامن هن قرآن تي عمل ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي ٻيو ۽ جڏهن ته قرآن ٻاهر ڪڍيو ويندو ته هن هي قرآن مڃيو نه ويندو - ٻيو سبب هي آهي ته امام جو اهڙو زبردست قول قرآن کي مڃڻ جو سنين جي خوف کان تقيه ڪري آهي جنهن لاءِ ڏسو حوالو نمبر ١٠٩ . جنهنجو مطلب هي آهي ته هن موجوده قرآن جي پيروي ڪرڻ ۽ انکي مضبوط جهلڻ جون روايتون امامن کان تقيه ڪري آهن ،،
هاڻ مسٽر ميري کي پتو پئجي ويو ته اسان امام تي بهتان نه ٻڌو آهي پر خود شيعه عالمن ايهو بهتان ٻڌو آهي ته امامن جون حديثون هن قرآن کي مڃڻ بابت لاچاري حالت ۽ تقيه ڪري آهن

اعتراض (٣)

جواب اهڙا نه ڏيڻ گهرجن جنجا رد سنڌن ئي ڪتابن کي ڏيا هجن - جواب اهڙا ڏيڻ گهرجن جو هر ڪو پنهنجو خواه پرائو پڙهي انهن کي صداقت سان نسبت ڏئي (صفحه ٢)

جواب

مسٽر ميوا ! اسان اهڙا جواب ڪڏهن به نه ڏنا آهن جنجا رد اسان جي ڪتابن ۾ موجود هجن اها خاطري ڪريو - پر اوهان کا پنهنجن جوابن جي خبر ورئي آهي ته انهن جا رد خود اوهانجن ڪتابن ۾ موجود آهن مثلاً اسان لکيو هو ته امامن جي فرمان موجب شيعن کي تبليغ مذهب کان منع آهي ۽ انهن کي تقيو ڪرڻ گهرجي - جنهنجي جواب ۾

اوهان لکيو هو ته اِها منع اڳئين زماني ۾ هئي .... پر الحمدﷲ جو هنيئر حڪومت برطانيه آهي جنهنجي زير سايه هر طرح مذهبي آزادي آهي تنهنڪري مذهبي تبليغ ۾ ڪو گناه ڪونهي (آخر حالانڪه انهي اوهانجي جواب کي اوهان جي ئي ڪتابن رد ڪري ڇڏيو آهي جيئن اوهان جو علامه شيخ صدوق رسالهء اعتقادات ۾ ٿو لکي " والتقية واجبة لا يجوز رفعها الى ان يخرج القائم " يعني تقيه ڪرڻ واجب آهي اهو ڪڏهن به ٿو سگهي جيسين امام مهدي پيدا ٿئي ۽ ٻيو مثال ته اوهان جواب ڏنو آهي ته جڏهن شيعن جي امام جو اهڙو زبردست قول قرآن جي محرف هجڻ جو خود مسٽر واصف لکي چڪو آهي (ميزان الانصاف ديباچه) حالانڪه اِنهيءَ رد خود اوهانجي ڪتابن ۾ موجود ڪري ڏيکاريو سين ته اهو زبردست قول امام جو بي سببن ڪيو آهي هڪ لاچاري حالت ڪري ۽ ٻيو تقيه ڪري نه ته هن قرآن جي غير معتبر ۽ محرف هئڻ تي امامن جون سوين حديثون موجود آهن . تنهنڪري اسين جواب ۾ اوهان جا چيل الفاظ امانت باسلامت وا پس ٿا ڪريون ته " جواب اهڙا هئڻ گهرجن جو پڙهندڙ پڙهي اُهن کي صداقت جي سند ڏئي "

اعتراض (٤)

هيٺ ڏنل صحيح بخاري جي حوالي مان روشن آهي ته آنحضرت جن جي زماني ۾ قرآن جمع ٿيل نه هو . جنهن لاءِ خود حضرت ابوبڪر صاحب جو چوڻ آهي ته آنحضرت جن جي زماني ۾ قرآن جمع ٿيل ڪونه هو ۽ اهو ڪم پيغمبر صلعم جن ڪونه ڪيو آءٌ ڪيئن ڪريان (صفحه ٤)

جواب

مسٽر ميوي بخاري شريف جي حديث جو مطلب سمجهيو ئي ڪونهي ؎

سخن شناس نهٔ دلبرا خطا اينجاست " حقيقت هيءَ آهي ته هت لفظ جمع جو معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي - هڪ ساري قرآن مجيد کي لکائڻ ڪئي اهو جدا جدا شين تي ٽڪرا ٽڪرا تي تڪميل هجي ٻيو ساري قرآن شريف کي هڪ هنڌ لکي يڪو ڪتاب بنائڻ . پهرين معنيٰ ۾ سارو قرآن مجيد حضرت جن جي زندگي مبارڪ ۾ جدا جدا شين تي تڪميل هو ۽ ماڻهن جي سينن ۾ نقش ٿيل - جيئن اتقان سيوطي جلد اول صفحه ٥٧ ۾ آهي :-

وَقد كان القرآن كتب كُلّه في عهد رسول الله لكن غير مجموع في موضع واحد " يعني تحقيق قرآن مجيد رسول خدا صلعم جي زماني ۾ سارو تڪميل هو پر هڪ ئي هنڌ گڏ ٿيل نه هو -

هن قول جي تائيد ۾ خود مسٽر ميور جي بن شيعه مجتهدن جو قول موجود آهي جيئن ته تفسير مجمع البيان جلد اول صفحه ۵ ۾ آهي :-

إنَّ القرآن كان على عهد رسول الله مجموعًا مؤلفًا على ما هو عليه الآن "

يعني تحقيق قرآن رسول خدا جي وقت ۾ اهڙوئي گڏ ٿيل ۽ ترتيب ڏنل هو جهڙو هينئر آهي - پر جدا جدا جاين تي لکيل هو جيئن ساڳي مسٽر ميور جي ڏنل بخاري واري حديث ۾ حضرت زيد جو قول موجود آهي " فتتبعتُ القرآن اجمعه من العسب واللخاف وصدور الرجال " يعني پوءِ مون قرآن جي ڳولا ڪئي ۽ گڏ ڪيم انهن کي وڻن جي پنن پٿرن ۽ ماڻهن جي سينن مان - (حافظن کان) ٻي معنيٰ ۾ حضرت ابوبڪر صديق جمع ڪرايو يعني هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ جيئن خود مسٽر ميور حديث جي ترجمي ڪندي صفحه، ستا ۱۱ ۾ لکيو آهي " منهنجي راءِ آهي ته توهان قرآن مجيد جي يڪجا جمع ڪرڻ جو حڪم ڏيو " نتيجو اهو نڪتو ته حضرت صديق رضه جو اهو مطلب هو ته جڏهن حضرت جن قرآن مجيد کي مختلف جاين تان هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ گڏ نه ڪيو آهي ته پوءِ مان ڪيئن ڪريان جيئن اتقان جلد اول صفحه ۵۰ ۾ آهي " ولم يكن القرآن جمع في شيءٍ پر پوءِ جڏهن حضرت عمر رضه جي تبادله خيالات بعد سمجهيائين ته بي ڪم امت لاءِ چڱو آهي تڏهن حضرت زيد کي گهرائي چيائون ته توهان اڳي به حضرت جن صلعم جو ڪاتب ٿي رهيو آهين تنهن ڪري :-

انا نريد ان نجمع القرآن في شيءٍ فاجمعه معنا " (فتح الباري شرح بخاري) يعني اسان جي مرضي آهي ته قرآن مجيد کي هڪ هنڌ ڪتاب ۾ لکون - پوءِ توهان اسان سان گڏجي اهو ڪم ڪر هنمان هي به ثابت ٿيو ته قرآن مجيد جي جمع ڪرڻ ۾ حضرت زيد سان گڏ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق به هئا . حضرت ابوبڪر صديق جناب فاروق اعظم جي صلاح سان اهو ڪم چڱو ڪيو انهن لاءِ خود حضرت علي المرتضىٰ رضه جو قول موجود آهي ڏسو اتقان جلد ۱ صفحه ۵۷ :-

" اخرج ابن ابي داؤد في المصاحف بسند حسن عن عبد خير قال سمعت عليًا يقول اعظم الناس في المصاحف اجرًا ابوبكر رحمة الله على ابي بكر هو اول من جمع كتاب الله " يعني حضرت علي رضه فرمائيندو هو ته قرآن بابت سڀني کان زياده اجر وارو ابوبڪر آهي - خدا جي انتي رحمت هجي - هو پهريون شخص آهي جنهن قرآن کي گڏ ڪيو " جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق والو جمع ٿيل قرآن رسول خدا صلعم جي ڏنل ترتيب جي خلاف هجي ها ته حضرت علي رضه ڪٿي اهڙي تعريف ڪري زياده اجر وارو ثابت ڪري ها

انصاف ڪرڻ گهرجي ته حضرت علي رضه جهڙو حق پسند ناحق جي تعريف ڪري سگهي ٿو ؟ هرگز نه

تنبيهه - هن جيڪڏهن ڪو چوي ته شيعن جي مٿين ٻن مجتهدن جي قولن مان معلوم ٿيو ته حضرت جن صلعم جي وقت ۾ قرآن مجيد جمع ٿيل هو ته پوءِ انکي وري جمع ڪرڻ جي معنيٰ ڇا ؟ هن جو هي جواب آهي ته اِهو جمع ۽ تاليف مختلف جاين تي هو. يعني سارو نازل ٿيل ڪلام جدا جدا شين تي لکايو ويو هو، جيئن بخاري شريف جي حديث ۾ آهي جنهن جي ثابتي لاءِ ڏسو شيعن جو علامه شيخ علي بن ابراهيم قمي پنهنجي تفسير صافي ۾ ٿو لکي :-

عن ابي عبد الله قال ان رسول الله صلعم قال لِعَليٍ يا عَليّ ان القرآن خلف فراشي في الصحف والحرير والقراطيس فخذوه واجمعوه " يعني حضرت جن صلعم حضرت علي رضه کي فرمايو ته اي عَلي قرآن منهنجي بستري جي پٺيان صحيفن، ريشم جي ٽڪرن ۽ ڪاغذن ۾ آهي تون اُهي ڪٺا ڪري هڪ هنڌ جمع ڪر " هيءَ روايت اگرچه شيعن جي آهي ۽ اسان لاءِ حُجّت ڪا نٿي سگهي پر تڏهن به هنمان ايترو ضرور ثابت ٿيو ته اسان جي دعويٰ جيا مطابق حضرت جن جي زماني ۾ قرآن مجيد گڏ نه هو پر جدا جدا جاين تي. هن جي زياده ثابتي لاءِ شيعن جي علامه باقر مجلسيءَ جو قول ڪتاب تحقيق الستين صفحه ۱۹۹ ۾ موجود آهي لکي ٿو :-

اور اس وقت تک قرآن متفرق تها چمڑون پر اور لکڑیون پر اور کاغذ کے ٹکڑون پر اور استخوانون پر لکها ہوا تها "

غرض اهلسنت جون اُهي روايتون جن ۾ اهو اشارو آهي ته قرآن مجيد جمع ٿيل نه هو، تن جو مقصد فقط هي آهي ته هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ جمع نه هو جيئن ته وحي جو نزول ٿيندو ٿي رهيو، پر جدا جدا شين تي لکيل ۽ حافظن جي سينن ۾ جمع ٿيل هو. معلوم ٿيو بلڪل صاف آهي پر شيعه صاحب صحابه ڪرام جي عداوت ڪري خواه مخواه قرآن مجيد تي اعتراض ڪري رهيا آهن

اعــتراض (۵)

مسٽر واصف جي پيش ڪيل حديث موجب ، جي جبرئيل پيغمبر صلعم کي نزولي ترتيب جي خلاف ٻي ترتيب لاءِ چيو نه ته اِهو علم نه رهيو آنحضرت جن وقت ۾ قرآن جمع ڪيو ويو متي بيان ڪيل شين تان. آنحضرت جن ڪاموءِ آخري حالت ۾ زيد بن ثابت کي ڪٿان خبر پيئي ته موجوده ترتيب جبرئيل جي چوڻ موجب صحيح آهي" (صفحه ۷)

جواب

الٹی سمجھ کسی کو بھی ہرگز خدا نہ دے ⁂ دے آدمی کو موت پہ یہ بدادا نہ دے

مسٽر ميوري کي اهڙي نہ بدحواسي ورني ويئي آهي جو اسانجي استفسار واري جواب کي سمجهيو ئي کونہ اٿس. اسان لکيو هو تہ جڏهن جڏهن کو کلام الاهي نازل ٿيندو هو تہ حضرت جن صلعم کاتب کي گهرائي حضرت جبريل جي ٻڌائڻ موجب وحي الاهي کي لکائي ڇڏيندا هئا ۽ ٻين کي ياد بہ ڪرائي ڇڏيندا هئا. بس اهڙي نموني سان معلوم ٿيو تہ موجوده ترتيب حضرت جن (صلعم) جي لکايل ۽ يادڪرايل آهي تنهنڪري بلڪل صحيح آهي. هن لاءِ اهلسنت جي عالمن جا قول پڻ موجود آهن مثلاً جلال الدين سيوطي اتقان جي ارڙهين نوع ۾ ٿو لکي :- "الاجماع والنصوص المترادفۃ علیٰ ان ترتیب الآیات توقیفی لا شبھۃ في ذالک اما الاجماع فنقلہ غیر واحد منھم الزرکشي في البرھان و ابو جعفر بن زبیر في مناسباتہ وعبارتہ ترتیب الآیات في سورھا واقع بتوقیفہ صلی اللّٰہ علیہ وسلم وامرہ من غیر خلاف في ھذا بین المسلمین"

يعني اهلسنت جو هن ڳالهہ تي اجماع آهي ۽ نصوص دلالت ٿا ڪن تہ قرآن مجيد جي آيتن جي ترتيب پيغمبر صلعم جي طرفان آهي ۽ انهيءَ ڪو شڪ ڪونهي. انهي اجماع کي گهڻن ماڻهن نقل ڪيو آهي جنمان هڪ علامہ زرڪشي آهي ۽ ٻيو ابو جعفر جنهن پنهنجي ڪتاب مناسبات ۾ لکيو آهي تہ قرآن مجيد جي سورتن ۽ آيتن جي ترتيب رسول خدا صلعم جي تعليم ۽ سندن حکم سان آهي ۽ هن بابت مسلمانن ۾ ڪو اختلاف ڪونهي" اهڙيطرح ابو جعفر نحاس جو قول آهي تہ "المختار ان تألیف السور علی ھذا الترتیب من رسول اللّٰہ صلعم" (اتقان صفحہ ۶۲)

يعني مختار قول هي آهي تہ سورتن جي هيءَ ترتيب رسول خدا صلعم جي ڏنل آهي. اهڙيطرح "وقال ابن الحصار ترتیب السور و وضع الآیات موضعھا انما کان بالوحي" (صفحہ ۶۲)

يعني ابن حصار جو قول آهي تہ سورتن جي ترتيب ۽ آيتن کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ وحي جي حکم سان هو" مسٽر ميوري کي صاف خبر پئجي ويئي تہ قرآن مجيد جي موجوده ترتيب رسول خدا جي ڏنل آهي ۽ خدا تعالیٰ جي وحي موجب. جنهجي خبر نہ فقط هڪ زيد کي هئي پر ٻين سڀن صحابن ڪرامن کي بہ هئي جي حضور جن صلعم جي وقت ۾ قرآن مجيد جا حافظ هئا

اعتراض (٦)

اهو ڪهڙو دستور آهي جو حديث جا بہ اکر" قال عثمان كان رسول اللّٰہ الخ لکي باقي اکر ترڪ ڪري

معنيٰ ۽ مطلب پنهنجي راءِ تي جيئن وڻيُ تيئن ڪري ڇڏجي (صفحه ١٠)

جواب

مسٽر ميوا! ”اين گناهيست ڪه درشهر شما نيز ڪنند“ جيئن اوهان خود پنهنجي ڪتاب ميزان الانصاف صفحه ٢١ ۾ اهو دستور قائم ڪيو آهي ڏسو لکو ٿا:-

تفسير ڪبير جلد ا صفحه ٤٦٣ ” انهم قد يروه فعلوا الخ “ باقي اڳ ترڪ ڪيا آهن اِنهي ڪري ته اصل عبارت کان ڪو واقف نه ٿئي - اهڙيطرح صفحه ٤٣ ۾ آيت ”يوميڪم الخ“ کي باقي حصو ڪري ڇڏيو آهيو - ڇا اوهان قرآن مجيد جي هيءَ آيت نه پڙهي آهي؛ يا ايها الذين آمنوا لم تقولون مالا تفعلون“ يعني اي ايمان وارؤ اوهين اهو ٻين کي ڪيئن ٿا چئو جو اوهين خود نٿا ڪريو“ اڳتي هلي مسٽر ميري اسان جي ذڪر ڪيل روايت جو ترجمو ڪيو آهي تنهن ۾ به ڪيتري خيانت ڪئي اٿس جيئن ته اصل عبارت ۾ حضرت ابن عباس حضرت عثمان کان ٿو پڇي ته ” ماحملڪم علي ان عمدتم يعني اوهان کي اِنهي ڳالهه تي ڪهڙي سبب آمادو ڪيو؟ پر مسٽر ميرو ٿو ترجمو ڪري ”اوهان کي ڇا ٿي ويو“ ناظرين غور ڪن ته ميزان الانصاف ۾ انصاف جو خون ڪيو ويو آهي -

خير اچو روايت تي جنهن مان خود حضرت عثمان ذي النورين جي ڪمال ديانت ثابت ٿئي ٿي جيئن ته ابن عباس کي هي جواب ڏنو اٿس ته ”جنهن صورت ۾ خود حضرت جن صلعم پنهنجي حياتي ۾ انهن ٻن سورتن جي وچ ۾ بسم الله لکڻ ڪو ڪو بيان نه ڪيو آهي تنهن صورت ۾ مونکي ڪهڙو حق آهي جو مان حضور جن صلعم جي ڪم ۾ دخل ڏيان يعني دستور موجب قياس کان ڪم وٺي بسم الله داخل ڪريان . حقيقت هيءَ آهي ته حضرت جن صلعم اِنهي سورة توبه لاءِ بسم الله لکائي ڪانه هئي ڇو ته نازل ئي نه ٿي هئي جيئن اِتقان صفحه ٦٥ ۾ آهي ” واخرج القشيري الصحيح ان التسمية لم تكن فيها لان جبريل عليه السلام لم ينزل بها فيها “ يعني صحيح هي آهي ته اِنهي سورة لاءِ بسم الله نازل ئي ڪانه ٿي هئي - هِي فيصلو خود شيعه مُفسرن ڪيو آهي جيئن ترجمهٔ قرآن سيد مقبول احمد صفحه ٢٩٧ حاشيه نمبر ٢ ۾ آهي:- تفسير مجمع البيان مين جناب امير المومنين سے منقول ہے کہ بسم الله الرحمن الرحيم سوره برأة کے اوّل مين نازل نہين ہوئی کيونکہ بسم الله امان اور رحمت کے لئے ہے اور سورهٔ برأة نازل اسلئے ہوئی تھی کہ امان اٹھائی جائے اور تلوار چلائی جائے ” اهڙو ساڳيو ذڪر اتقان صفحه ٦٥ ۾ پڻ حضرت ابن عباسؓ جي روايت سان حضرت علي رضي الله عنه کان آيل آهي -

شيعه صاحبو ! ہيءَ ڪان ته انصاف ڪريو ته پر ادهين ٻه ته ڪو انصاف ڪريو ته جنهن حضرت عثمان رض رسول خدا جي ناني رکيو بسم الله باٻت ايتري ديانت ڏيکاري آهي (جنهنجي شاهدي خود حضرت علي رض ڏئي رهيو آهي) سو ڪٿي ٿو قرآن مجيد ۾ پنهنجي طرفان ذرا به ڦيرڦار ڪري - جيڪڏهن خدا جو خوف ۽ شرم و حيا اڃا دنيا ۾ موجود آهي ته حضرت عثمان رض جن مِن هڪ ئي قول مان سبق حاصل ڪريو ته صحابه ڪرام ڪڏهن به قرآن مجيد ۾ پنهنجي طرفان ڪمي بيشي نه ڪئي آهي نه نه قياس ته ائين ٿو چوي ته الهي سورة توبه سان به بسم الله لکي وڃي ها جئن مسٽر ميوري صفحه ۹ ۽ ۱۰ ۾ ٻه روايتون بسم الله باٻت ڏنيون آهن - پر اسانکي يقين آهي ته اوهان جو انصاف سان ڪو واسطو ڪونهي جو ته

ے انصاف ہو کس طرح کہ دل صاف نہیں ہے

اعتراض (۷)

تفسير اتقان جلد پهرين صفحه ۱۳۶ ۾ ابوداؤد جي سند سان لکيل آهي ته خليفه عمر چيو ..... جيڪڏهن اهي ٻه آيتون ٽي هجن ها ته هجن ها ته جدا سورة ڪري لکجي ها پر هاڻي قرآن پاڪ جي آخرين سورة ڏسو ته ڪهڙي آهي ان ۾ اهي ٻه آيتون لکي داخل ڪريو ...... الخ حوالن مان ثابت ٿئي ٿو ته خليفه ابوبڪر واري زماني ۾ پڇاڙي واري سورة توبه هئي جنهن ۾ ٻه آيتون گڏيون ويون ليڪن موجوده ترتيب مطابق پڇاڙي واري سورة برب الناس آهي نه توبه " (صفحه ۸)

جواب

مسٽر ميوري اتقان جو ڪتاب ڏٺو ئي ناهي چو ته هو عربي ۾ لکي ۽ مسٽر ميوري عربي پڙهيل ڪونهي - اِها روايت ابوداؤد جي سند سان ناهي پر محمد بن اسحاق ۽ ٻين جي سند سان آهي - تنهن کانسواءِ ابوداؤد ناهي پر ابن ابي داؤد آهي - ٻيو ته حضرت ابوبڪر رض جي زماني ۾ پڇاڙي واري سورة توبه هئي جي بلڪل غلط آهي - مسٽر ميوري عبارت کي سمجهيو ئي ناهي - جيڪڏهن سمجهيو هجي ها ته اعتراض ڪين ئي نه ها - حقيقت هن طرح آهي اِهو قول حضرت عمر رض جو اُنهي وقت جو آهي جڏهن قرآن مجيد جمع ڪيو ٿي ويو ۽ سڀ جو ته "فانظروا آخر سورة من القرآن" اُنجو هي مطلب آهي ته نزول ۾ آخر سورة ڏسو جو ته اُن وقت اڃا سارو قرآن جمع ئي ڪونه ٿيو هو پر مسٽر ميوري جي اُلٽي سمجهه موجب ڪٿي چئجي ته حضرت ابوبڪر واري زماني جي آخري سورة توبه هئي - ثابت ڏسو متي ڏنل روايت

جا پچاڙي وارا لفظ هي آهن " عن أُبَيِّ بن كعب انهم جمعوا القرآن فلما انتهوا إلى الآية التي في سورة براة ثُمَّ انْصَرَفُوا صَرَفَ اللهُ قُلُوبَهُمْ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُونَ ظنوا ان هاذا آخر ما انزل فقال ابي ان رسول الله صلعم اقرأني بعد هاذا آيتين لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُولٌ إلى آخر السورة "

يعني ابي بن ڪعب کان روايت آهي ته جڏهن قرآن مجيد جمع ڪيائون ۽ سورة براة (توبه) جي هن آيت تائين پهتا تڏهن گمان ڪيائون ته هي آيت سورة توبه جي پڇاڙي ۾ نازل ٿي آهي ته اُبي بن ڪعب جي پٽ چيو ته مون کي رسول خدا انهي آيت کانپوءِ ٻه آيتون پڙهايون هيون لقد...

هاڻي ثابت ٿيو ته اهو اختلاف سورة توبه جي پڇاڙي بابت هو نه قرآن مجيد جي پڇاڙي بابت

تنهن کانسواءِ خود مسٽر ميوي پنهنجي ڪتاب جي صفحه ٤٢ ۽ ٥ ۾ بخاري شريف جي جيڪا حديث جمع قرآن بابت ڏني آهي انجا پويان لفظ هي آهن " فكانت الصحف عند ابي بكر حتى توفاه الله ثم عند عمر حياته ثم حفصه بنت عمر " يعني اهو صحابه ڪرام جو جمع ٿيل مصحف حضرت ابوبڪر رضه وٽ هو پوءِ حضرت عمر رضه وٽ رهيو پوءِ انجي ڌيءُ بي بي حفصه رضه جن وٽ رهيو جنهن کان حضرت عثمان رضه گهرائي نقط انجا نقل ڪرائي مڪي شريف ۽ شام - يمن - بصري - ڪوفي ۽ حبش ڏي ڏياري موڪليا ۽ ترتيب ۾ ڪو به تفاوت ڪين ڪيو ويو* جنهنجي نتيجو اهو نڪتو ته قل اعوذ برب الناس جيئن هن موجوده قرآن پاڪ ۾ آهي تيئن حضرت ابوبڪر رضه جي جمع ڪيل قرآن پاڪ ۾ به پڇاڙي جو هئي - اعتراض غلط -

اعتراض (٨)

ڪو به ڪتاب اهڙو ورلي هوندو جنهنجي شيرازي کي بدلائي شروعات کي وچ ۾ پڇاڙي کي شروعات ۾ ۽ وچ کي پڇاڙي ۾ جمع ڪجي - دنياوي (معمولي) ڪتابن ۾ جڏهن سلسلي جو لحاظ رکجي ٿو ته پوءِ خدا جو ڪلام جنهن ۾ نزول جيئن نمبروار ٿيو تيئن ترتيب ڏيڻ ضروري هئي يا انجي ابتڙ -

جواب

اسان جڏهن اشتهار جي جواب ۾ لکيو هو ته جنهن وقت به ڪا سورة يا آيت نازل ٿيندي هئي ته حضرت جن هر وقت ڪاتب کي گهرائي خدا جي امر موجب لکائي ڇڏيندا هئا جيئن اتقان صفحه ٦١ ۾ آهي " فقد كان جبريل يقول ضعوا آية كذا في موضع كذا " (تحقيق حضرت جبريل حضور صلعم کي ٻڌائيندو هو ته هيءَ آيت فلاڻي هنڌ رکو) تنهنڪري اهو اعتراض شيخ صاحب کي جناب رسول خدا صلعم تي ڪرڻ گهرجي جنهنجي ٻڌائڻ ۽ يادگار ترتيب موجب هن قرآن پاڪ

* جمع القاضي صفحه ١٣١ ۾ آهي " وقد اجمع الصحابة على نقل المصاحف العثمانية من الصحف التي جمعها واجمعوا على ترك ما سوى ذالك " يعني صحابن حضرت عثمان جي نقل ڪيل مصحفن تي اجماع ڪيو جي حضرت ابوبڪر واري قرآن تان نقل ڪيا

جي ترتيب قائم ڪئي وئي آهي جنهن اتقان صفحه ٦١ ۾ آهي :- عن ابن وهب قال سمعت
مالكا يقول انما الف القرآن على ما كانوا يسمعون من النبي صلعم " يعني ابن وهب
ٿو چوي ته مون امام مالڪ کان ٻڌو ته تحقيق قرآن مجيد انهي ساڳي ترتيب تي جمع ڪيو ويو آهي
جا اصحابن رسول خدا صلعم کان ٻڌي " اڳتي هلي لکي ٿو " فكان رسول الله صلعم يلقن
اصحابه ويعلمهم ما نزل عليه من القرآن على الترتيب الذي هو الآن في مصاحفنا بتوقيف
جبريل اياه على ذالك واعلامه عند نزول كل آية ان هذه الآية تكتب عقب آية كذا
في سورة كذا " يعني آنحضرت جن صلعم صحابه ڪرام کي قرآن جي تلقين ڏيندا هئا ۽ پاڙهيندا
هئا اُهو جيڪي ڪجهه مٿن نازل ٿيندو هو، انهي ساڳي ترتيب تي جا هنئير اسانجي مصحفن
۾ موجود آهي ۽ اها ترتيب حضرت جبرئيل جي چوڻ موجب قائم ڪئي هئائون. جنهن ته حضرت
جبرئيل سيڪنهن آيت جي نزول تي ٻڌائيندو هو ته هيءَ آيت فلاڻي آيت جي پٺيان فلاڻي سورة
۾ لکو " هنن ٻن حوالن مان صاف ثابت ٿيو ته قرآن مجيد جي شيرازه بنديءَ ۾ صحابه
ڪرام جو ڪو به دخل ڪونهي - اهو ڪم خود پيغمبر خدا صلعم ڪيو آهي جنهن جبرئيل جي ٻڌايل ترتيب
موجب صحابه ڪرام کي قرآن مجيد جي تلقين ڪئي ۽ لکايو - بس انهي تلقين ۽ تحرير موجب هن
قرآن شريف کي مُرتّب ڪيو ويو آهي - جنهن تي ڪنهن بيدين ملحد کان سواءِ ٻيو ڪو به
ڪلمه گو مسلمان اعتراض وڌي نٿو سگهي ؎ بس اسپر کهي نه وه سمجهي تو اُس بت کو خدا سمجهي
مسٽر ميوري نيٺ ڦاٽ ڪارڻ ته موجوده قرآن مجيد هڪ دنياوي معمولي ڪتاب
کان به گهٽ درجي تي آهي ڇوته معمولي ڪتاب ۾ به ترتيب جو لحاظ رکيو آهي پر هن قرآن ۾
اهو به ناهي - ڇا انهي عيب ڪڍڻ سان سندس دعوى صحيح ٿي سگهي ٿي ته شيعن جو ايمان قرآن
مجيد تي آهي سچ آهي ؎ مومن قرآن شدن بارفض دون ؏ اين محالست و محالست و جنون
دراصل حقيقت هيءَ آهي ته موجوده قرآن مجيد جي هيءَ ترتيب اُنهي قرآن پاڪ سان موافق
آهي جيڪو ساروئي هڪ دفعه بيت العزت ۾ داخل ٿيو هو ۽ پوءِ واقعات موجب ٿورو ٿورو
ٿي جبرئيل جي معرفت آنحضرت صلعم تي نازل ٿيو جنهن اتقان جلد اول صفحه ۴ ۾ آهي :-
عن ابن عباس قال انزل القرآن جملة واحدة الى سماء الدنيا ليلة القدر
ثم انزل بعد ذالك بعشرين سنة " يعني ابن عباس فرمايو ته قرآن ساروئي
هڪ دفعه سان ليلة القدر ۾ دنيا جي آسمان تي لٿو ۽ پوءِ ويهن سالن ۾ ٿورو ٿورو نازل ٿيو

ساڳئي صفحي ۾ آهي " انزل القرآن جملة واحدة حتّى وضع في بيت العزّة في السماء الدنيا ونزله جبريل على محمد صلعم بجواب كلام العباد واعمالهم " يعني قرآن مجيد پهرين ساري دنيا جي آسمان تي بيت العزت ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ ماڻهن جي جوابن ۽ اعمال موجب ٿورو ٿورو ڪري جبرئيل حضرت جن صلعم تي نازل ڪيو - هي ذڪر شيعن جي اول نمبر حديث جي ڪتاب ڪافي ڪليني جي ڪتاب فضل القرآن جزءِ ڇهين ۾ آهي " فقال ابوعبد الله نزل القرآن جملة واحدة في شهر رمضان الذي الى البيت المعمور ثمّ نزل في طول عشرين سنة "

يعني امام جعفر صادق فرمايو ته قرآن مجيد سارو يڪو رمضان جي مهيني ۾ بيت المعمور ۾ نازل ٿيو ۽ پوءِ ويهن ورهين ۾ ٿورو ٿورو ٿي لٿو "

پوءِ حضرت جبرئيل حضور صلعم کي سورتن ۽ آيتن جي ترتيب اهڙي ٻڌائيندو هو جهڙي بيت المعمور واري قرآن جي هئي. جنهنکي خدا تعاليٰ قرآن ڪري قيامت تائين قايم رکڻ ٿي گهريو جيئن اتقان جلد اول صفحه ٦١ ۾ آهي :- وقال القاضي ايضًا الذي نذهب اليه ان جميع القرآن الذي انزله الله وامر باثباته ولم ينسخه ولا رفع تلاوته بعد نزوله هو هذا الذي بين الدفتين الذي حواه مصحف عثمان وانه لم ينقص منه شيئ ولا زيد فيه وان ترتيبه ونظمه ثابت على ما نظمه الله تعالى ورتبه عليه رسوله " يعني قاضي ابوبڪر جو چوڻ آهي ته اهو سارو قرآن جنهنکي خدا تعاليٰ نازل فرمايو ۽ انجي قايم رکڻ جو حڪم ڪيو ۽ نه انکي منسوخ ڪيو نه انجي تلاوت نازل ڪرڻ کانپوءِ رد ڪيئي سو اهوئي آهي جو ٻن پٺن جي وچ ۾ آهي جنهنکي مصحف عثماني گهيرو ڪيو آهي اُنهن نه ڪجهه گهٽ ڪيو ويو آهي نه وڌايو ويو آهي ۽ انجي ترتيب ۽ تاليف به اُها ئي ساڳي آهي جا خدا تعاليٰ قايم ڪئي ۽ انجي رسول ترتيب ڏني " غرض ڪيترا حوالا ڏيون. ساري اسلامي دنيا (سواءِ شيعن جي) هن عقيدي واري آهي.

مسٽر ميرو هت سوگهو آهي جڏهن ته سندس اعتراض وارن لفظن مان اهو نتيجو نڪتو ته هن موجوده قرآن ۾ دنياوي معمولي ڪتاب جهڙو به لحاظ نه رکيو ويو آهي جو ته نازل ٿيل ڪلام کي اڳتي پوءِ ڪيو ويو آهي. ۽ هي ظاهر آهي ته ترتيب ڏيل ڪلام کي هيٺ مٿي ڪرڻ ۾ ڪتاب جي ساري تراکت نه چاپر عبارت جو سلسلو به ٽُٽي ويندو، جنهنکان فصاحت ۽ بلاغت به ناس ٿي ويندي. گويا هي موجوده قرآن مجيد ترتيب نزولي جي هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري فصاحت بلاغت ۽ مضمون جي سلسلي جي تراکت کان به خالي آهي. ائين نه شيعه صاحبو ؟

هاڻي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسو ته قرآن پاڪ کي محڪ جو اهو قانون آهي ؟ اوهان جو مثال به ان مريد جهڙو آهي جو پنهنجي مرشد لاءِ ته ائين چوي ته هي منهنجو مرشد ساءِ آهي پر ٽنگ ڀڳل اٿس. ٻانهن ڪپيل اٿس. وات ڦريل آهي. اک کان ڪاڻو آهي. ڪنن کان ٻوڙو. زبان کان گنگو گنجو گوپال آهي ۽ پير ڦريل اٿس. انصاف ! انصاف ! انصاف !

اعتراض (٩)

هاڻي اهڙي ترتيب مان ڏسڻ گهرجي ته برابر مضمون ۽ مطلب سلسله وار ڳنڍيل آهي يا ڇنل .... هرهڪ ماڻهو سمجهي سگهندو ته ٻن ٽن سال جي عرصي وارا آيت نازل ٿي ۽ پوءِ جيڪي مهينن ڏهن ڏينهن وارا ۽ ترتيب جو سلسلو به ائين ٿو لڳي. پر موجوده قرآن شريف ۾ اهڙي ابتڙ آهي (صفحه ١٢)

جواب

اسين مٿي بار بار لکي آيا آهيون ته موجوده قرآن مجيد جي ترتيب جناب محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم جي ڏنل آهي جنهن ۾ صحابه ڪرام ڪنهن به قسم جو دخل نه ڏنو آهي - جيئن ته مٿين عدة وارين آيتن جي ترتيب به حضرت جن صلعم جي ڏنل آهي جيئن علامه ابو جعفر ابن النحاس ڪتاب الناسخ والمنسوخ صفحه ١٨٥ ۾ ٿو لکي :- " وفيه البيان الواضح ان تاليف القرآن عن الله وعن رسول الله صلعم ولامدخل لاحد فيه " يعني هن ۾ روشن بيان آهي ته قرآن جي ترتيب خدا تعالیٰ جي حڪم ۽ رسول الله جي امر سان قايم ٿي آهي ۽ ڪنهن جو اُن ۾ دخل ناهي مسٽر ميوري جن آيتن جي ترتيب بابت اعتراض ورتو آهي ان بابت اتقان جلد اول صفحه ٦٠ ۾ هيءَ صفائي ڏنل آهي " ومنها ما اخرجه البخاري عن ابن الزبير قال قلت لعثمان والذين يتوفون منكم ويذرون ازواجا قد نسختها الآية الاخرى فلم تكتبها اوتدعها قال يا ابن اخي لا اغير شيئاً منه من مكانه " يعني قرآن مجيد جي ترتيب خدا ۽ رسول جي ڏنل آهي انهي دليلن مان هڪ هيءَ حديث به آهي جا بخاري ۾ آهي ته حضرت زبير جي پٽ حضرت عثمان رضه کي چيو ته آيت والذين يتوفون کي ٻي آيت منسوخ ڪيو آهي پوءِ اوهان منسوخ آيت کي ڇو ٿا لکو يا قايم رکو ؟ حضرت عثمان رضه جواب ڏنو ته اي منهنجا ڀائٽيا آءٌ قرآن مان ڪنهن به شيءِ کي پنهنجي جاءِ تان نه هٽائيندس " يعني جا ترتيب رسول خدا قايم ڪئي آهي ان کان ڦيرگهير نه ڪندس هاڻي جڏهن اها ترتيب مٿين ٻن آيتن جي خود شارع عليه الصلواة والسلام جي مقرر ڪيل

آهي ۽ حضرت عثمان رضه جي شاهدي موجب صحابه ڪرام اُن ۾ ڪو به دخل نه ڏنو آهي ته پوءِ اهو اعتراض مسٽر ميوي جو خدا ۽ رسول تي ٿيو نه صحابه ڪرام تي •

اعتراض (١٠)

(اهي مان به هر هڪ انسان چڱي طرح سمجهي سگهندو ته پهرين سڀ قرآن جي مثال ناهن جو حڪم نازل ٿيو ۽ پوءِ ڏهن سورتن جو ۽ آخر ۾ قرآن شريف جي فقط هڪ سورة پيش ڪرڻ جو ذڪر آهي ليڪن موجوده ترتيب موجب پهرئين پاره ۾ هڪ سورة ، ١٢ پاره ۾ ڏهن سورتن ۽ ١٥ پاره ۾ سڄي قرآن جو مثال پيش ڪرڻ جو حڪم آهي - هاڻي غور ڪريو ته نزولي ترتيب مضمون کي ملائي ٿي يا خيالي " (ص ١٣)

جواب

هي ساڳيو اعتراض مسٽر ميوي آئينهٔ حق نما ص ٥٤ ۾ به ڪيو آهي جتي زياده هيءَ به گوهر افشاني ڪئي اٿس " جي موجوده ترتيب کي تنزيل موجب تسليم ڪبو ته ڪلام الاهي جي فصاحت ۽ بلاغت ۾ وڏو فرق اچي ويندو " اعتراض جي جواب ڏيڻ کان اڳ اسين شيعه صاحبن کان پڇون ٿا ته قلم آهي اوهان کي پرورشالا جي پٽ جو نه هن اعتراض ۾ اوهان قبول ڪيو يا نه ته **موجوده قرآن مجيد ۾ نزولي ترتيب کي قيرائڻ ڪري فصاحت ۽ بلاغت اچي نه رهي آهي** يعني هي قرآن فصيح ۽ بليغ به نه آهي - چو ته جيڪي ني آيتون اوهان جي حيدرآبادي مجتهد ڏنيون آهن ، انهن جي ترتيب ڪو به سمجهدار ماڻهو قبول نه ڪندو (بقول مسٽر ميوه)

اي بار چهپاؤ لاکه مگر اب چهپ نهين سکتا رفض کا راز
تم ضبط تو کرتے جاتے هو الفاظ تو آتے جاتے هين

لبرا سان جي دعوىٰ ثابت ٿي ته شيعا صاحب قرآن مجيد جا منڪر آهن - ناظرين غور ڪن ته مسٽر ميوو ميٺي ڇيئ آيو آهي ته هي قرآن دنيا وي معمولي ڪتاب جهڙو به ناهي ۽ ٿت تو چوي ته هي قرآن فصيح بليغ به ناهي - هاڻ ٻڌايو ته قرآن مجيد جي نه مڃڻ کي ٻيا ڪهڙا سڱ ٿيندا ؟ پر وري افسوس ته اهو آهي جو مسٽر ميوي قرآن مجيد جي فصاحت بلاغت بابت پنهنجي عالمن جا ارا يا پڙهيا ئي ناهن - ڏسو شيعن جو علامه باقر مجلسي ڪتاب حيات القلوب جلد ٢ ص ١٦٠ ۾ قرآن پاڪ جي معجزن بابت ٿو لکي :-

حق آنست که اعجاز از چندين وجه بود - اول از جهت فصاحت و بلاغت و حلاوت که هر اعجمي که قرآن را مي شنود امتياز آنرا از سخنان ديگر مي فهمد و هر فقره ازان که درميان هر ڪلام فصيح واقع شود مانند ياقوت رماني و لعل بدخشاني مي درخشد " يعني حق ته اهيئن آهي جو قرآن مجيد جو

اعجاز گهڻن سببن ڪري آهي . هڪ فصاحت، بلاغت ۽ حلاوت جي ڪري آهي . جنهن ته جيڪو هو غير عربي قرآن کي ٻڌي ٿو، اهو معلوم ٿو ڪري ته هي ڪلام ٻين رواجي ڪلامن جهڙو ناهي ۽ هر هڪ فقرو جو سينگهن فصيح ڪلام ۾ ٿو اچي سو لعل ۽ ياقوت وانگر ٿو چمڪي ؟؟

هاڻ جيڪڏهن علامه باقر مجلسي تقيه نه ڪري سچ لکيو آهي ته پوءِ ثابت ٿيو ته موجوده قرآن مجيد جي ترتيب واقعي خدائي رحيم جي طرفان ۽ رسول ڪريم جي نشان قائم ٿيل آهي، جهڙي فصاحت ۽ بلاغت ايتري حد تي پهتل آهي . نه ته ٻي صورت ۾ صحابه ڪرام جي خيالي ترتيب ڏنل آهي جئن مسٽر ميوي لکيو آهي ته پوءِ ٻڌايو وڃي ته علامه باقر مجلسيءَ جي بيان ڪيل فصاحت ۽ بلاغت ڪٿان آئي ؟ جڏهن ته سندس فتوىٰ موجب "جي موجوده ترتيب کي تنزيل موجب تسليم ڪبو ته ڪلام الاهي جي فصاحت ۽ بلاغت ۾ وڏو فرق اچي ويندو"

هاڻي اسين ڪيل اعتراض جو تحقيقي جواب ٿا ڏيون ته موجوده قرآن پاڪ جي آهرين سورة بقره ۾ منڪرين قرآن کان هڪ سورة بنائي اچڻ جو مطالبو آهي ۽ اها سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي جتي اهڙو زوردار مقابلو نه هو جهڙو مڪه شريف ۾ فصيحن بليغن جو هو، تنهنڪري فقط هڪ سورة جو مطالبو ڪيو ويو آهي . ٻي سورة هود آهي جنهن ۾ ڏهن سورتن جو مطالبو آهي جا مڪه شريف ۾ نازل ٿي آهي جتي وڏن وڏن فصيح بليغ شاعرن ۽ اديبن جو مقابلو هو تنهنڪري انهن جي زوردار مقابله جي مد نظر ٿي ڏهن سورتن جو مطالبو آهي . ٽي سورة بني اسرائيل آهي پر ان ۾ مطالبو بلڪل ناهي . معترض ٻي سمجهي ڪري انکي آندو آهي جئن ته پهرين مطالبي ۾ هي چيلينج آهي " فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِّن مِّثْلِهِ " (آڻيو هن جهڙي ڪا سورة) ٻيءَ ۾ آهي " قُلْ فَأْتُوا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهِ " (آڻيو هن جهڙيون ڏهه سورتون) پر بني اسرائيل ۾ اهڙا مطالبي وارا لفظ ناهن فقط ايترو آهي ته جيڪڏهن جن ۽ انسان گڏ ٿيندا ته به هن قرآن جهڙو ڪلام آڻي نه سگهندا " ايئن هرگز ناهي ته مسٽر ميوي جي روپين واري مثال موجب هڪ ئي ماڻهو کان مطالبو ڪيو ويو آهي جو خلاف قياس ٿئي پر هڪ مطالبو مڪه شريف ۾ آهي ته ٻيو مدينه شريف ۾ ۽ سورة بقره واري مطالبي ۾ يهودي علماء وغيره کي چيلينج آهي ته حرام حلال وغيره شرعي احڪام واري اهڙي ڪا سورة آڻي ڏيکاريو . ليڪن سورة هود مڪه معظمه واري سورة ۾ تاريخي حالات وارين ڏهن سورتن جي پيش ڪرڻ جو مطالبو آهي تنهنڪري مسٽر ميوي جو اعتراض بلڪل لغو ۽ فضول آهي . اسين ڪيس نصيحت ٿا ڪريون ته :

آپ اس بحث مين تکليف نه فرمائين که آپ ؛ حامل فقه نهين واقف تفسير نهين

اعتراض (١١)

سچ ائين آهي ته پنهنجي راءِ موجب ترتيب ڏني ويئي آهي (صفحه ١٣)

جواب

مهربان! جيڪڏهن راءِ موجب صحابه ڪرام ترتيب ڏين ها ته سورة انفال ۽ توبه جي وچ ۾ ضرور بسم الله لکي ڇڏين ها پر جڏهن ته خود جناب رسول خدا صلعم جي ڏنل ترتيب هئي تنهنڪري انکي پنهنجي اصل تي قائم ڪيو ويو - ثابتي لاءِ اعتراض ۹ ۾ حضرت عثمان رضي الله عنه جو قول ڏنو اٿئون ته ”لا اُغير شيئاً منه من مكانه“ آءٌ قرآن مان ڪنهن به شيءِ کي پنهنجي جاءِ تان نه هٽائيندس ،، ۽ هيو حوالو اتقان جو ڏنو اٿئون ته ”ان تاليف القرآن عن الله وعن رسول الله صلعم ولا مدخل لاحد فيه“ يعني قرآن مجيد جي ترتيب خدا ۽ انجي رسول کان آهي ۽ ٻئي ڪنهنجو به انهن ۾ دخل ناهي ،، جيڪڏهن راءِ سان ترتيب ڏنل هجي ها ته خود حضرت علي المرتضیٰ رض حضرت ابوبڪر صديق رض جي جمع قرآن بابت تعريف نه ڪري ها ”تنهنڪري اعتراض غلط آهي -

اعتراض (١٢)

مسٽر واصف يانه رڳو .... پلاهڪ ماڻهو روزانه هڪ رڪوع قرآن جو پڙهي ٿو ته ان لاءِ چئي سگهبو يا نه ته هو قرآن شريف پڙهي ٿو يا ڪ جڏهن سڄو قرآن پڙهندو تڏهن اهو قرآن سمجهو نه ته نه .... عبدالله بن عمر لاءِ ڪهڙي سند آهي ته هن سڄو قرآن ياد ڪيو هو - مسٽر واصف ثابت ڪري سگهندو ته جهن وقت آنحضرت هن کي گهرائي چيو ته مهيني ۾ ختم ڪر تنهن کان پوءِ ڪابه آيت نازل ٿي (ص ١٤)

جواب

خدا ڪا شيعه صاحبن کي سمجهه ڏئي - ڪين اِها به خبر ناهي ته هڪ رڪوع پڙهڻ ٻيو ڳالهه آهي ۽ ختمو ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي - عبدالله بن عمرو واري روايت ۾ ختم قرآن جو ذڪر آهي جنهن هو چوي ٿو ”قال يا رسول الله في كم اختم القرآن“ يعني يا رسول الله ڪيتري وقت ۾ قرآن جو ختمو ڪيان - هن اهو سوال ڪيو نه ڪيو هو ته ڪيتري وقت ۾ رڪوع پڙهان - جيڪڏهن ختم قرآن جو مطلب شيعا صاحب ٿورو حصو قرآن جو وٺندا ته پوءِ پنهنجي ڪافي ڪليني جي هن حديث جي ڪهڙي معني بيان ڪندا ” وان ختم القرآن ليلاً صَلت عليه الملائكة حتى يصبح “(فضل القرآن جزء ٦) يعني حضرت حسين بن علي رض جو قول آهي ته جيڪڏهن ڪو هڪ ئي رات ۾ قرآن ختم ڪندو ته صبح تائين ملائڪ درود پيا پڙهندا ” مسٽر ميوي جي هنيري اها حواس باختگي آهي ته اڳتي ڪٿ

هلي سگهندو ؎ سحر ہے دور ترا رنگ افق ابھی سے ہے !

باقي رهيو اِهو سوال ته عبدالله بن عمرو اِهو سوال ڪهڙي وقت ڪيو. جواب هي آهي ته شيعه عالمن جي تصريح موجب حضرت جن صلعم جي عمر شريف ٦٣ ورهه هئي. جنهن ۾ ٥٣ سال مڪه شريف ۾ رهيا ۽ ڏهه سال مدينه منوره ۾. چاليهن سال کان نبوة عطا ٿي ۽ وحي نازل ٿيو جو مٿي ڏنل ڪافي ڪليني جي حديث موجب ٢٠ سال نازل ٿيندو رهيو سي ٿيا ٦٠ سال باقي ٣ سال رهيا جن ۾ ڪا به آيت نازل نه ٿي. پس انهي عرصي ۾ صحابه ڪرام قرآن مجيد جو ختم ڪين ندا هئا ۽ حضرت عبدالله بن عمرو به انهي وقت ۾ ختم قرآن جو سوال ڪيو. تنهن کان سواءِ حيات القلوب جلد ٢ صفحه ٨٤٠ ۾ آهي:-

"فرمود که جبرئیل در هر سال قرآن را یکمرتبه بر من عرض میکرد و درین سال دو مرتبه عرض نمود گمان دارم که این برای آنست که وفات من نزدیک شده است"

يعني حضرت جن فرمايو ته جبرئيل هر هڪ سال ۾ مون سان قرآن شريف جو دؤر ڪندو هو ۽ هن سال ٻه ڀيرا دؤر ڪيو اٿس. شايد اِهو هنڪري جو منهنجي وفات ويجهي آهي" اهڙو ذڪر اهلسنت جي ڪتابن ۾ به آهي ڏسو بخاري شريف ۽ اتقان سيوطي. پس هتان ثابت ٿيو ته پوئين سال جيڪو دؤر ڪيو ويو اهو با ترتيب ۽ مُڪمل قرآن جو هو، جنهن جو صحابه ڪرام ختم ڪيو ندا هئا ڇو ته پوين ٽن سالن جي اندر ڪا به آيت نازل نه ٿي. ناظرين سمجهي سگهن ٿا جيڪڏهن حضرت جن جي ٻُڌايل ترتيب جي خلاف صحابه ڪرام قرآن مجيد پڙهندا يا ياد ڪندا هجن ها ته ٽن سالن ۾ ضرور حضور پُرنور کي خبر پئجي وڃي ها ۽ انهي اصلاح ڪن ها پر قرآن مجيد جي آيت "وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ" موجب حضرت جن خود صحابه ڪرام کي قرآن مجيد جو درس ڏيندا هئا ۽ روبرو پڙهائي به ٻڌندا هئا جئن بخاري شريف جي حديث ۾ آهي پوءِ ڪئن پئجي ته جن حافظن جي شاهدي سان قرآن مجيد گڏ ڪيو ويو انهن رسول خدا صلعم جي ٻڌايل ترتيب جي خلاف قرآن مجيد ياد ڪيو هوندو -

اعتراض (١٣)

جي آنحضرت صلعم جن جي زندگي ۾ قرآن جمع ٿيل هو ۽ سڀئي قرآن جا حافظ موجود هئا ته پوءِ قرآن جي جمع ڪرڻ وقت ڪهڙي تڪليف محسوس ٿي جو ٻه عادل شاهد وٺڻو پيو دريافت ڪئي ويئي ته برابر اِهي آيتون قرآن شريف جون آهن يا نه" (ص ١٤)

جواب

حضرت جن جي زندگي مبارڪ ۾ سڄو قرآن مجيد جدا جدا جاين تي لکيو ويو هو ۽ انجا حافظ به موجود

"هئا جيئن اتقان ۾ آهي " بل كان الذين يحفظون مثل الذين حفظوه وازيد جماعة من الصحابة
باقي رهيو ته هن شاهدن وٺڻ جي سو ناظرين خود اندازو ڪري سگهن ٿا ته صحابه ڪرام قرآن مجيد
جي جمع ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر نه احتياط ۽ خبرداريءَ کان ڪم ورتو آهي. هو جيڪڏهن فقط متفرق
شين تي لکيل قرآن پاڪ کي گڏ ڪرڻ تي ڪفايت ڪن ها ته ممڪن آهي جو ڪو ٽڪرو تحرير جو هيٺ
مٿي ٿي وڃي يا سورتن ۽ آيتن جي ترتيب ۾ ڪو نقص پيجي وڃي. يا ڪو جيڪڏهن حافظن تي
مدار رکن ها ته ممڪن آهي جو ڪنهن قرآن پاڪ سان گڏ اجو تفسير به ياد ڪري ڇڏيو هجي تنهن ڪري
ڪمال دوراند يشيءَ سان لکيل ٽڪرن ۽ حفظ جي دليل سان ۽ انهن تي وري خدا تعاليٰ جي حڪم
موجب ٻه شاهد وٺي قرآن پاڪ کي هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪيو ويو جيئن ابن ابي داؤد جي
حديث ۾ آهي " قام عمر فقال من كان تلقي من رسول الله شيأ من القرآن فليأت به وكانوا يكتبون
ذالك في الصحف والالواح والعسب قال وكان لايقبل من احد شيأ حتى يشهد شاهدان "
يعني جڏهن قرآن مجيد جي جمع جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو تڏهن حضرت عمر رضه اٿي بيٺو ۽ چيائين ته
جنهن ڪنهن به رسول خدا کان قرآن پڙهيل هجي ته اهو کڻي اچي. جو ته صحابه قرآن پاڪ کي ڪاغذن تختين
۽ کجيءَ جي ڇڙين تي لکي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ ڪا به آيت قبول نه ڪئي ويندي هئي جيسين اُن
بابت ٻه شاهد گواهي نه ڏيندا هئا. فتح الباري شرح بخاري ۾ آهي :-
"وكان غرضهم ان لايكتب الامن عين ما كتب بين يدي رسول الله لا من مجرد الحفظ "
يعني اهو اهتمام هنڪري هو جو صحابه ڪرام جو اهو مطلب هو ته لکيو فقط اهو وڃي جو خود حضرت
جن صلعم جي روبرو لکيو ويو هجي ۽ رڳو ياد ڪرڻ تي مدار نه رکيو وڃي". تفسير اتقان جلد اول
۾ آهي :- ان ابابكر قال لعمر ولزيد اقعدا على باب المسجد فمن جاءكما بشاهدين على شيئ
من كتاب الله فاكتباه " يعني حضرت ابوبڪر صديق حضرت عمر ۽ حضرت زيد کي چيو ته اوهين
ٻئي مسجد نبوي جي در تي وڃي ويهو. پوءِ جيڪو ٻن شاهدن سان ڪا لکيل آيت آڻي ته اُها اوهين
لکجو". شاهدن کان ڪهڙي شاهدي ورتي ٿي وئي اُن بابت اتقان ۾ علامه سخاوي کان نقل
آهي :- المراد انهما يشهدان على ان ذالك المكتوب كتب بين يدي رسول الله "
يعني مراد اها هئي ته اُهي شاهد هن ڳالهه جي گواهي ڏين ته آندل لکيل ٽڪرو قرآن پاڪ جو رسول
خدا صلعم جي روبرو لکيو ويو هو " هن ساري ڪارروائيءَ ۾ خود جناب مرتضيٰ علي رضه به شامل
هو جنهن حضرت ابوبڪر صديق جي انهيءَ جمع قرآن واري ڪم جي تعريف ڪري وڏي اجر وارو ثابت ڪيو

هاڻ شيعه صاحبن کي خبر پئجي ويئي ته ٻه شاهد ڇا جي ڪري ورتا ٿي ويا - ٻن شاهدن وٺڻ جو حڪم خود خدا تعاليٰ ڏنو آهي جيئن سوره بقره ۾ آهي " وَاسْتَشْهِدُوا شَهِيدَيْنِ مِنْ رِجَالِكُمْ " ۽ ٻه شاهد هن ڪري به ورتا ويا ته غير مسلم دنيا کي خاطري ٿئي ته قرآن پاڪ باقاعده جمع ڪيل آهي ۽ عام جي اڳيان جيئن ڪورٽن ۾ شاهدن جي شاهدي سان ڪيس فيصل ڪيا وڃن ٿا -

اعتراض (۱۴)

غور ڪرڻ گهرجي ته ابوخزيمة جي اڪيلي راءِ تي آيت لکي ويئي ليڪن حضرت عمر رض جي راءِ تي آية الرجم نه قبول ڪئي ويئي - ائين هو ڇا ته ابوخزيمة وڌيڪ اعتبار وارو هو ؟ (ص۱۵)

جواب

اسان وٽ سڀئي صحابي سڳورا اعتبار وارا آهن پر هيءَ اصول ۽ قاعدي جي ڳالهه هئي جيئن ته هر هڪ آيت لاءِ ٻن شاهدن پيش ڪرڻ جي تجويز رکي ويل هئي - حضرت عمر رض سان جڏهن ته شاهدي جو نصاب پورو نه هو تنهن ڪري انهي آندل تحرير کي قاعدي موجب قبول نه ڪيو ويو پر حضرت خزيمة جي حق ۾ جڏهن ته خود رسول خدا صلعم جو خاص فرمان موجود هو ته ٻن شاهدن جو [illegible] سندس هيءَ به روايت جي ترجمه ۾ لکيو آهي ته پوءِ هو اڪيلي راءِ جو ڪيئن ٿيو ؟ - [illegible] جي ڳالهه ناهي - ڇا ڏسو ته خود حضرت علي رض کان قاضي شريح شاهد طلب ڪيا [illegible] ڪيس ۾ جنهنجو ذڪر سُني خواه شيعن جي ڪتابن ۾ موجود آهي ڇا مومن قاضي شريح حضرت علي کي غير معتبر ٿي ڄاتو؟ هرگز نه پر شريعت موجب هنکي هلڻو هو -

شيعه صاحبو ! هنن ته پاڻ حضرت زيد رض جي انصاف پسندي ۽ اصول جي پابندي ۽ بي ريائي ثابت ٿي جو حضرت عمر رض جهڙي جليل القدر صحابي جي اڪيلي شاهدي قبول نه ڪيا ۽ ے

خرد کا نام جنون رکھدیا جنون کا خرد ؎ جو چاہے آپکا حسن کرشمہ ساز کرے

اعتراض (۱۵)

جي ياد حافظ قرآن مجيد جا موجود هئا ته ابو خزيمة جي پيش ڪيل آيت لاءِ ڪنهن به گواهي نه ڏني تنهن مان ائين سمجهون ٿا ته سڀئي حافظ ڪان اها ڳالهه وسري ويئي هئي - ساڳي طرح حضرت عمر صاحب جي پيش ڪيل آية رجم لاءِ ڪنهن به حافظ شاهدي نه ڏني - تنهنجي معنيٰ ڪهڙي نڪرندي ته اها آيت منسوخ التلاوت هئي يا حضرت عمر قرآن مجيد ۾ وڌيڪ ٿي داخل ڪئي " (ص۱۶)

جواب

مهربان ! هي سارو معاملو هو تحريري ثبوت جو يعني لکيل نُکرن بابت - نه ته حضرت زيد رض خود قرآن مجيد جو حافظ هو - ٻيا حافظ به گواهي ڏيڻ لاءِ تيار هئا - پر حضرت عمر رضي الله عنه جي آندل آيت رجم بابت خود حضرت عمر رض جا حافظن کي خبر هئي ته اِها آيت منسوخ التلاوت آهي يعني قرآن ۾ نه لکبي اهي ڪري حضرت زيد انکي قبول نه ڪيو - حضرت عمر رض اِهي آيت رجم کي هنکري آندل ورنه عام مسلمانن کي خبر هئي ته آيت رجم نازل ٿي هئي پر پوءِ خود حضرت جن جي زندگي ۾ منسوخ التلاوت ٿي وئي ۽ صحابه ڪرام جي اتفاق سان قرآن مجيد ۾ نه لکي وئي مٿان پوءِ ڪوچوي ته آيت رجم ڪيڏا هن وئي - ٻيو هن ڪري به آندائي جو اهو حڪم ٿيل هو ته جهن وٽ به جيڪي لکيل هجي سو آڻي پيش ڪري - آيت رجم

اعتراض (١٦)

تفسير اتقان جلد ا صفحه ٥٨ ۾ آهي ته حضرت عمر رض هڪ آيت جي متعلق دريافت ڪئي ته معلوم ٿيو ته جهن شخص کي ياد هئي سو جنگ يمامه ۾ قتل ٿي ويو جنهن ڪري عمر رض صاحب انا لله پڙهيو. اهڙي مان پڌرو آهي ته سڄو قرآن انهي وقت ڪنهن کي به ياد ڪونه هو "

جواب

مسٽر ميوي اِهي عبارتون قرآن مجيد جي دشمنن جي ڪتابن تان ڪيٽي نقل ڪيون آهن - جيڪڏهن اصل ڪتاب تان نقل ڪري ها ته اعتراض ئي نه ڪري ها چو ته اتقان ۾ اهڙي اعتراض جي صفائي به ٿي پئي آهي پر عربي ۾ ۽ مسٽر ميوو وري عربي کان عاري - غرض اصل ۾ عبارت آهي " اخرج ابن ابي داؤد من طريق الحسن ان عمرَ سأل عن آية من كتاب الله فقيل كانت مع فلان قتل يوم اليمامة فقال انا لله وامر بجمع القرآن فكان اول من جمعه في المصحف اسناده منقطع " يعني حضرت عمر رض هڪ آيت بابت پڇيو ته ڪهڙن وٽ آهي جيا لوئن ته فلاڻي وٽ جو جنگ يمامه ۾ شهيد ٿيو آهي - حضرت عمر رض انا لله پڙهيو ۽ پوءِ حڪم ڪيائون ته قرآن جمع ڪيو وڃي هن روايت جي سَنَد منقطع آهي يعني حضرت عمر رض تائين سلسله وار ڳنڍيل نه آهي لهذا منقطع روايت حجت نه آهي - تنهن کانسواءِ حضرت عمر رض جو انا لله پڙهڻ فقط قرآن مجيد جي حڪم موجب انهي صحابي جي موت تي هو - ايئن نه آهي ته آيت جي وڃڻ تي پڙهيائون ته هاڻ اها آيت ملي نه سگهندي - چو ته قرآن مجيد جا حافظ اڃا به ڪيترا موجود هئا جي قرآن مجيد جي گڏ ڪرڻ وقت حاضر ڪيا ويا - حضرت عمر رض کي اِهو افسوس ٿيو ته حافظ فوت ٿيندا ٿا وڃن اهڙي ڪري قرآن مجيد کي هڪ هنڌ جمع ڪرڻ جي رٿ ڏنائون جيئن سيتي روايت ۾ آهي.

معترض جو دماغ اصل حقيقت کي سمجهي نٿو سگهي نه ته قصو بلڪل صاف آهي ۽ شرط انصاف -

اعتراض (١٧)

مڪي سورتن ۾ مدني آيتون ۽ مدني سورتن ۾ مڪي آيتون گڏيون ويون آهن (ص ١٧)

جواب

اهو ڪم حضرت جن ڪاٻيو ۽ صحابه ڪرام نه ڪيو آهي بلڪ جڏهن اسان بار بار لکي آيا آهيون ته جڏهن به ڪا سورة يا آيت نازل ٿيندي هئي ته خود حضرت جن صلعم حضرت جبرئيل جي ٻڌائڻ تي ان کي ان جي جاءِ تي لکائي ڇڏيندا هئا تنهنڪري اهو اعتراض بيوقوفي جو آهي. تنهن کانسواءِ خود مسٽر ميوي جي مفسرن هن ڳالهه کي تسليم ڪيو آهي جيئن تفسير مجمع البيان جلد ٢ صفحه ٢ ۾ آهي "سورة الرعد مکية کلها عن ابن عباس وعطاء وقال الکلبي ومقاتل مکية الا آخر آية" يعني رعد جي سورة ساري مڪي آهي سواءِ پڇاڙي واري آيت جي. خود علامه حائري به پنهنجي تفسير ۾ مڪي مدني هئڻ جو اختلاف هر جڳهه ظاهر ڪيو آهي. دراصل حقيقت هيءَ آهي ته قرآن مجيد ڀرپور سارو بيت المعمور ۾ لٿو ۽ پوءِ واقعات موجب ٿورو ٿورو ٿي لهڻ لڳو ۽ پوءِ جيڪڏهن مدني سورت مان ڪا آيت واقعه جي مدنظر مڪ شريف ۾ لٿي ته حضرت جن جبرئيل جي اشاري تي انهي آيت کي مدني سورة ۾ داخل ڪيو جا اصل انهي سورة جي هئي. لهذا ڪوا عتراض ڪونهي.

اعتراض (١٨)

حضرت علي رض نزولي ترتيب موجب سارو قرآن جمع ڪيو جنهنجو ثبوت صحيح بخاري باب فضائل القرآن ۾ هن رهيت آهي (ص ١٨) قرآن جمع ڪرڻ جي مسرت ڀرين ڀرين حضرت علي رض محسوس ڪئي ۽ قسم ڪيئو ته سواءِ جمعه نماز جي تيسين چادر ڪلهن تي رکي ٻاهر نه نڪرندس جيسين سارو قرآن جمع ... ص ١٨

جواب

صحيح بخاري ۾ باب فضائل القرآن ڪونه آهي پر ڪتاب فضائل القرآن آهي. جنهن ۾ هڪ به اهڙي حديث ناهي جنهن ۾ حضرت علي رض جي جمع قرآن جو ذڪر هجي. مسٽر ميوي کي اهڙي غلط حوالي ڏيڻ کان شرم اچڻ کپي. مان پاڻيان ٿو ته اهو حوالو شايد وحيدالزمان واري ترجمه جي حاشيه ۾ هوندو جنهنکي صحيح بخاري جو جوالو ڏيڻ حماقت جو دليل آهي. حقيقت هيءَ آهي ته بخاري شريف ۾ جمع قرآن از علي رض جو ڪو به ذڪر آيل ناهي. حضرت علي رض پرمن قرآن پاڪ جمع ڪيو سو بلڪل غلط آهي هنڪري جو خود حضرت علي ع جي فتوى موجود آهي ته "رحمة الله على ابي بکر هو اول من جمع کتاب الله" يعني خدا جي ابوبکر تي رحمت هجي جو سڀ کان پهريون شخص آهي جنهن الله جي ڪتاب کي جمع ڪيو. (اتقان)

علاوه هن خود جناب علي المرتضیٰ جو قول موجود آهي ته پوءِ ٻئي ڪنهن جي قول ڪهڙي قبول ڪبو ؟ حضرت علي رضه جي جمع قرآن جو ذڪر فقط ابن سيرين کان آيل آهي جو تابعي آهي - انهي قول بابت خود اتقان واري صفائي ڪري ڇڏي آهي جيئن لکي ٿو :- "قال ابن حجر هذا الاثر ضعيف لانقطاعه وبتقدير صحته فمراده بجمعه حفظه في صدره وما تقدم من رواية عبد خير عنه صح فهو المعتمد" (اتقان ج ١ ص ٥٩)

يعني ابن حجر چيو آهي ته ابن سيرين جي روايت ضعيف آهي سند جي انقطاع ڪري پر جيڪڏهن بطور محال ڪي صحيح به هجي ته به انجو مطلب آهي ته حضرت علي رضه نزولي ترتيب موجب دل ۾ ياد ڪيو هو نه ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪيو هو ۽ عبد خير واري روايت (جنهن ۾ حضرت علي رضه فرمايو آهي ته جمع قرآن ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه وڏو اجر وارو آهي خدا انهي رحم ڪري جنهن پهرين قرآن جمع ڪيو) زياده صحيح ۽ اعتبار واري آهي تنهن کان سواءِ اتقان صفحه ٥٨ ۾ خود ابن سيرين پنهنجي مٿئين قول جي برخلاف هيءُ قول بيان ڪيو آهي جيئن "واخرجه ابن اشتة في المصاحف من وجه آخر عن ابن سيرين وفيه انه كتب في مصحفه الناسخ والمنسوخ وان ابن سيرين قال تطلبت ذالك الكتاب وكتبت فيه الى المدينة فلم اقدر عليه" مطلب هي آهي ته حضرت علي رضه پنهنجي ڪتاب ۾ ناسخ منسوخ آيتون لکيون هيون ۽ پوءِ اهو ڪتاب به هٿ نه لڳو " خود ابن سيرين جي قول مان ثابت ٿيو ته حضرت علي رضه نزولي ترتيب موجب قرآن مجيد گڏ نه ڪونه ڪيو هو -

اعتراض (١٩)

صواعق محرقه تاريخ الخلفاء تفسير اتقان ۾ آهي ته حضرت علي رضه فرمايو ته خدا جو قسم ته اهڙي ڪا به آيت ڪانهي جنهن جي مون کي خبر نه هجي ته ڪٿي لاٿي ۽ ڪٿي نازل ٿي آهي ۽ ڪنهن لاءِ نازل ٿي آهي (ص ١٩)

جواب

اسان اهلسنت وجماعت کي جناب علي المرتضیٰ جي علم ۽ فضل جو اقرار آهي - پر انجو اهو مطلب نه آهي ته سواءِ انهن صحابه مان ٻئي ڪنهن کي به اهڙي خبر نه هئي - ڏسو بخاري شريف جزو ٣ ڪتاب فضائل القرآن باب القراء من اصحاب النبي ۾ هيءُ حديث آهي :-

"عن مسروق قال قال عبد الله والله الذي لا اله غيره ما انزلت سورة من كتاب الله الا انا اعلم اين نزلت ولا انزلت آية من كتاب الله الا انا اعلم فيم انزلت ولو اعلم احدا اعلم مني بكتاب الله تبلغه الابل لركبت اليه " يعني حضرت عبد الله فرمايو ته قسم آهي خدا جو ته ڪا سورة قرآن جي نازل نه ٿي آهي مگر جو مونکي خبر آهي ته ڪٿي نازل ٿي آهي ۽ ڪا به آيت نه لٿي آهي مگر جو مونکي خبر آهي ته ڇا لاءِ لٿي آهي - جيڪڏهن مون کان زياده ڪو قرآن جو ڄاڻو هجي ها ته مون اٺ سوار ٿي وڃان ها ته *

* هن ۾ خود حضور جن صلعم جي بزرگي آهي جو سندن اصحاب اهڙا ذهين ۽ حافظي وارا هئا - افسوس جو شيعن کي اُهو به ڪونه ٿو وڻي -

اعتراض (٢٠)

تاريخ الخلفاء سيوطي صفحه ١٢٦ ۾ آهي ته چيو محمد بن سيرين ته جيڪڏهن حضرت عليءَ جو جمع ڪيل قرآن اسان کي ملي ها ته بيشڪ انهن وٽ وڏو علم حاصل ٿئي ها ” (ص ١٩)

جواب

ابن سيرين جو تابعي آهي اُن جي قول جي اعتراض نمبر ١٩ جي جواب ۾ صفائي ڪري چڏي اٿئون ته اها روايت ابجي مُنقَطَع آهي ۽ ضعيف ـ تنهن کانسواءِ جڏهن خود مسٽر ميوري تڪيو آهي ته حضرت علي رضه جي قرآن ۽ هن قرآن ۾ فقط ترتيب جو تفاوت آهي ته پوءِ ابن سيرين جي قول ضعيف موجب ڪهڙو وڏيڪ علم حاصل ٿئي ها ؟ ڪٿي ايترو معلوم ٿئي ها ته سورتون ترتيب وار ڪيئن نازل ٿيون ۽ بس ـ سواءِ هو بيان به اتقان ۾ سيوطيءَ مفصل ڏنو آهي جو شاني ۽ ڪافي آهي ڏسو صفحه ٢٥ جنهن ۾ لکي ٿو :- ” عن جابر بن زيد قال اوّل ما انزل الله من القرآن بمكة اقرأ باسم ربك ثم نون والقلم ثم يا ايها المزمل ثم يا ايها المدثر ثم الفاتحه ثم تبت يدا ثم اذا الشمس كورت ثم سبح اسم ربك الاعلىٰ ـــــ الخ

اعتراض (٢١)

زيد بن ثابت کي جڏهن قرآن جي جمع ڪرڻ جو بار رکيو ويو تڏهن انکي ايتري تڪليف دَرپيش آئي جو چيائين ته جيڪڏهن مونکي جبل کي هڪ جاءِ تان کڻي ٻي جاءِ تي رکڻ جو چيو وڃي ها ته اهو ڪم مونکي آسان هو (ص ١٩)

جواب

حضرت سعدي عليه الرحمة سچ چيو آهي ؎ چشم بد انديش کہ برکنده باد ٭ عيب نمايد هنرش در نظر

حضرت زيد جو ائين چوڻ ابجي ڪمال انڪساري ۽ خبرداري جو دليل آهي ـ جنهن ته اهو ڪم وڏي ذمه داري جو هو ـ جنهن ته جيترو ئي ڏکو ڪم نازڪ ۽ اهم هوندو آهي اوترو ئي انهن ۾ احتياط رهندو آهي ـ ٻيو حضرت زيد جو ائين چوڻ بالڪل درست هو چو ته قرآن مجيد جا ٽُڪرا مُتفرق جاين تان گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ آڻڻ هڪ اهو ڪم بيشڪ ڏکيو هو ـ تنهن کانسواءِ اهو ڪم ڪنهن معمولي ڪتاب جو نه هو پر خدائي پاڪ جي پاڪ ڪلام جمع ڪرڻ جو هو، جنهن لاءِ بي پرواهي ڏيکارڻي نه هئي ـ

اعتراض (٢٢)

حضرت عليءَ جهڙي عالم علوم قرآني قرآن جمع ڪيو هو ته مسلمانن کي انهي (قرآن شريف) جي نه قبول ڪرڻ لاءِ ڪهڙو سبب هو ؟ (ص ٣٠)

جواب ـ اسان مٿي ثابت ڪري آيا آهيون ته حضرت علي رضه نه قرآن مجيد جمع ڪيو ۽ نه اُهو

مسلمانن جي پيش ڪيو. اهلسنت وٽ اهڙا ڳالهه ڪنهن به صحيح حديث ۾ ثابت نا هي. تنهن کانسواءِ شيعن جي روايتن موجب جڏهن اُن وقت جي ٻارهن هزار شيعن حضرت علي رضه جو گڏ ڪيل قرآن قبول نه ڪيو ته پوءِ ٻين مسلمانن تي ڪهڙي ميار آهي ـــ من از بيگانگان هرگز نه نالم ٭ که بامن هرچ کرد آن آشنا کرد

اعتراض (٢٣) حضرت علي جي موجودگي ۾ زيد بن ثابت کي قرآن جمع ڪرڻ لاءِ چونڊڻ جي معنيٰ ڇا

جواب ــ انجا ٻه سبب آهن. هڪ ته جناب رسالتمآب صلعم جي خدمت سڳوري ۾ گهڻو وقت ڪاتبي جي عهدي تي رهي چڪو هو. ٻيو هي آهي جو اتقان ج صفحه ۾ آهي ته تحقيق زيد بن ثابت حضرت جن صلعم جي آخري دور ۾ ٻي حاضر هو ۽ اهو دور قرآن پاڪ جو اهو هو جو قيامت تائين قايم رهڻو هو ۽ ماڻهن ڪيترا ماڻهو هٽائون ۽ لکايو هٽائون. انهي ڪري حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما انهي (زيد تي) ڀروسو رکيو ۽ قرآن جمع ڪرايو.“ جيڪڏهن مسٽر ميري جي اصول موجب حضرت علي رض جي موجودگي ۾ ٻئي ڪنهن کي ڪو ڪم ڏيڻ نه کپندو هو ته پوءِ خود جناب رسول خدا صلعم حضرت علي رض جي موجودگي ۾ عبيده بن الحرث کي سٺ سوار مهاجرن جو سردار ڪري مشرڪن سان جهاد ڪرڻ لاءِ ڇو موڪليو؟ وري ٻئي ڀيري زيد بن حارثه کي هڪ سؤ سوارن جو سردار ڪري ڪُفار جي مقابلي ۾ ڇا لاءِ موڪليا ٿون (ڏسو حيات القلوب ج٢ ص ٣٦٩-٣٦٨) ڇو ته ائين هو جو جناب علي رض کي جهاد جي ثواب کان محروم نه رکيو وڃي ها.

اعتراض (٢٤) جيڪڏهن نزولي ترتيب کي بدلائڻ جو حڪم جبرئيل آندو هو ته پوءِ ائين چئجي ڇا ته حضرت علي رض کي انجي خبر ئي ڪانه هئي؟ (ص٢٠)

جواب ــ حضرت علي رض کي بيشڪ اها خبر هُئي جنهن ٻين اصحابن کي هئي انهي ڪري نه جمع قرآن بابت حضرت علي سائين حضرت ابوبڪر صديق جي تعريف ڪئي آهي.

تنبيه هن جاءِ تي مسٽر ميري کي آگاهه ٿو ڪجي ته مهربان! اوهان جيڪي اعتراض آئينهٔ حق نما ۾ ڪيا هُئا انهن جا جواب الله تعالىٰ جي فضل سان ملي ويا جنهن جو انجام اسان انوار الهدىٰ ۾ ڪيو هو. وري نه لکيو ته جواب نه مليا. پر اسان جيڪي اعتراض ڪيا هئا، ڇا انهن جا اوهان جواب ڏنا آهن؟ اڳتي هلي اسان جي ذڪر آيت شريف "الذين آتيناهم الكتاب يتلونه حق تلاوته" تي فضول بحث ڪري ڪتاب جا صفحا وڌايا اٿس. حالانڪه اسان ائين ڪونه لکيو هو ته حق تلاوته جي فقط اها معنيٰ آهي ته قرآن مجيد ياد ڪري حافظ ٿجي پر ٻين معنن مان هي به هڪ حق آهي جو ڪثرت تلاوت کان اهو حفظ ٿي وڃي. ۽ قرآن پاڪ جي حافظ جي فضيلت خود مسٽر ميري جي ڪافي ڪليني جي ڪتاب فضل القرآن واري حديث ۾ ثابت آهي جنهن " قال ومن قرأ كثيرا وتعاهده بمشقة من شدة حفظه اعطاه

عزوجل اجرھذا مرتين " يعني فرمايو امام جعفر صادق ته جنهن قرآن کي گهڻو پڙهيو ۽ سخت تڪليف سان انکي ياد ڪيائين ته خدا تعالى انکي ٻيڻو اجر ڏيندو ،، هاڻ مڙهن خود حافظان قرآن جي فضيلت حضرت امام کان ذڪر ٿيل آهي ته پوءِ انهن کي "ڪمثل الحمار" سان تشبيهه ڏيڻ پنهنجي عاقبت کي برباد ڪرڻو آهي -

اعتراض (۲۵) هو الذي خلقکم من نفس واحدة " آيت جي حقيقي معنى آهي ته اسان ماڻهن کي هڪ نفس مان پيدا ڪيو آهي " ته نفس کي ڦيرائي جنس بنايو ويو - ايترو به خيال ڪونه ڪياءِ ته آنحضرت صلعم جن جو فرمان " اول ماخلق الله نوري " يعني پهرين خدا تعالى اسانجو نور پيدا ڪيو

جواب - نفس جي معنى جنس ني جو اعتراض ورتو ويو آهي انجو جواب باصواب اسان الڪشاف بجواب الانصاف ۾ ڏنو آهي ته شيعه عالمن به جنس جي معنى ورتي آهي - مسٽر ميري وٽ حضرت آدم عليه السلام شايد اسان جي جنس مان نه هو - حالانڪه قرآن مجيد ۾ کيس بشر سڏيو ويو آهي جئن سورة حجر ۾ آهي " واذ قال ربک للملائکة اني خالق بشرا " ۽ وري حضرت آدم عليه کي ابوالبشر ڪوٺيو ٿو وڃي جنهن مان ثابت ٿيو ته اسين به بشر ته اسان جو ابو به بشر - تنهن کان سواءِ خود شيعن جي عالمن به نفس جي معنى اجنس ڪئي آهي ڏسو علامه باقر مجلسي حيات القلوب ج ۱ ص ۳۳ ۾ آيت " خلقکم من نفس واحدة وخلق منها زوجها " جي تفسير ۾ ٿو لکي " از جنس و نوع آن نفس جفت اورا خلق کرد " اجان به صفحه ۸۴ ۾ هنگي منها کيو اٿس جئن لکيٿو " اوست آن کسی که آفریده ست شمارا از یک نفس و آفریده ست از جنس او جفت اورا " ڏسو هت "منها" جو ضمير نفس ڏي آهي جنهنجي معنى شيعن جي علامه جنس ڪئي آهي - پوءِ ڪيئن ٿو مسٽر ميرو لکي ته " واصف قرآن جي معنى نفس کي جنس لکي بدلائڻ کان به نٿو ڊڄي (ص ۴۲) هاڻ مهرباني ڪري شيعا صاحب ٻڌائين ته سندن عالمن نفس جي معنى جنس ڪري قرآن مجيد جي معنى کي ڇو بدلايو آهي - اسانجو مسٽر ميري کي عرض آهي ته مهربان اوهين پهرين پنهنجا ڪتاب پڙهو پوءِ واصف جي مقابلي ۾ اچو. نه ته قدم قدم تي ٺوڪر کائيندا پوندا ۽ خلق کلائيندا. انصاف ته اهو آهي جو آئينده وري اهڙو اعتراض نه وٺندا - پر هي ته ٻڌايو ته حديث اول ماخلق الله نوري جو پويون اڌ " وکل شيئ خلق من نوري " (۽ سڀڪا شيئ منهنجي نور مان پيدا ڪئي وئي آهي هضم ڇو ڪري ويو ؟ شايد انهي ڪري جو پنجتن جي خدا جي نور مان پيدائش ثابت نه ٿي ٿئي

سدي وڃان تنهنجي ته انهي عقل تان صدقي ۽ صدقي نه حديث جو وڃان نقل تان سدقي

اڳي هي لکي ٿو ته حافظ هر فرقه ۾ موجود آهن اسين دعوى سان ٿا چئون ته موجوده وقت ۾ به حافظن جي ٻيٽ کي ترجمو شيعه حافظ ..... نڪرندا تڏا ڪڏهن به پيش ڪري ڪين سگهندو

جواب - سبحان الله ! ع مگر موشي بخواب اندر شتر ديد " شيعه فرقه ۾ حافظ قرآن پاڪ جا هجن، اهو نه ڪڏهن ٿيو نه ٿيندو - ڇو ته جنهن خدائي ڪلام کي سو معمولي دنياوي ڪتاب جيترو به نٿا سمجهن تنهن کي ياد ڪيئن ڪندا - پري ڇو وڃون پنهنجي شهر حيدرآباد کي ڪٿي وٺو ته ڪنهن انهن جي گهٽي ۾ ڪو شيعو حافظ موجود آهي يا سني حافظ - پر ائين نه ٿيئي جو ڪنهن سني حافظ کي ڏاڙهي ڪٽي ٽوپي ۾ آندو وڃي - شيعو حافظ اهو آهي جو اڳي ڏاڙهي ڪان شيعو هجي نه سني ٿيو هجي ۽ پوءِ شيعو ٿيو هجي

اعتراض (٢٦) مسٽر واصف جي پيش ڪيل عبارت ۾ هي معنيٰ ڪري ڏسو ته اَلمُصِيبة لاءِ ڪهڙو اکر (مستعمل) آهي - لفظي معنيٰ مٿين عبارت جي آهي " هيءَ ترتيب قرآني ترتيب عثماني آهي اها (ترتيب) تان شيعن تي حجت وٺڻ نه گهرجي "

جواب - مسٽر ميوي خان نظم قرآني تي خوب چوهچند يا آهن ع آخر نه از گياه است او لغوي معنيٰ تي خامه فرسائي ڪندي آخر قبول ڪيائون ته هيءَ عثماني ترتيب شيعن کي قبول نه آهي - آخر اها ترتيب به ڪلام الاهي جي صورت ۾ آيتن جي آهي يا ڪا ٻي بلا آهي جنهن کان شيعا صاحب ايترو ڇرڪ ٿا ڀرين - اسان نظم قرآني کي بياض عثماني هن ڪري لکيو جو شيعه عالمن نظم قرآني جو ترجمو قرآن عثماني ڪيو آهي - جيئن علامه ڪاشاني ڪتاب هداية الطالبين ۾ ٿو لکي " واين قرآن که حالا درميان مردم است ومشهور به قرآن عثماني است " يعني هي قرآن جو هاڻي ماڻهن وٽ آهي ۽ عثماني قرآن سان مشهور آهي " هاڻي جڏهن هي قرآن عثماني قرآن آهي نه ربّاني قرآن نه پوءِ مسٽر ميوو ڪيئن ٿو لکي ته " نفس قرآن شيعن لاءِ حجت ناهي سو ڪٿي لکيل آهي صلا " جنهن صورت ۾ ته علامه ڪاشاني نظم قرآني کي قرآن عثماني ڪري لکيو ته پوءِ اسان جيڪڏهن ادب ڪري بياض عثماني اُن جو ترجمو ڪيو ته ڪهڙي خطا ڪئي سون - جيڪڏهن نظم عثماني شيعن تي حجت ناهي ته پوءِ قرآن عثماني کي حجت ڪري سمجهندا ؟ ڏسون ته هن جو شيعا صاحب ڪهڙو ٿا جواب ڏين -

اعتراض (٢٧) صافي شرح ڪافي ۾ اها عبارت ڪا نهي - معلوم ٿو ٿئي ته مسٽر واصف ڪنهن خارجي جي نقل جو نقل ڪيو آهي ..... اسان مثل نقاره جي چوٽ جي ڪيس ٻڌايون ٿا ته جي اها عبارت صافي ۾ ڏيکاري اٿو ته پوءِ پڪو حوالو ڏئي ٻڌايو ٻي صورت ۾ اهو ظاهر ٿيندو ته ڪوڙ ڳالهايو اٿو "

جواب - مسٽر ميوي ميزان الانصاف صـ٢ ۾ لکيو آهي ته تعجيل ڪاري هميشه نقصان جو باعث آهي" سچ آهي به ائين ع که تعجيل کار شياطين بود " اسان جي ڏنل حوالي بابت مسٽر ميوو جيڪڏهن خاطري ڪري ها ۽ ذريعو ڏهري ڊبل عينڪ چاڙهي صافي ۾ تلاش ڪري ها ته ضرور حوالو لڀي ها - يا مرزا

احمد علي يا خادم حسين کان ڪيئي ڀي هاڻ ته پيلي مهرباني ڪري ٻڌايو ته اِها عبارت ڪهڙي ۾ آهي يا نه. اسان کان نه ٿي پڇي - پر ٻنا سوچ ۽ ويچار جي تڪڙي نقاري تي چوٽ هڻي پنهنجي بي علمي کي بيانگ دهل ظاهر ڪري ٿو.
آهي جو ڪيو اٿس، جنهن ته اِها عبارت صافي شرح اصول ڪافي جي ڪتاب فضل القرآن جزء ڇهين ص ٥٠ سٽ ٢٥ ۾ موجود آهي - جنهنکي روبرو خاطري ڪري ڏسي سو ڪري سگهي ٿو - اسان جو شيعه صاحبن کي عرض آهي ته
اهڙو وهابي لشڪر جو زبان جي ڦڪي موجب اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن اهڙي بي علم کي ڪڍي ٿو ۽ نه ڪن جنهن کي پنهنجن ڪتابن جي به خبر نا هي - هاڻ اسان جي محترم حيدرآبادي شيعه مجتهد صاحب کي پتو پيو ڀي وڃو هوندو
ته اِها عبارت ڪهڙي خارجي جي نقل جو نقل ناهي پر سند سان شيعه پاڻ خليل قزويني جو قول آهي جنهنکي هو خارجي سڏي رهيو آهي - مسٽر ميوا خان ! ؎ در بساط نکته دانان خود نمائی خوب نیست

يا سخن دانسته گو مردی بخردی یا خموش

ڏٺو ته اسان کان حوالي جي مطالبه ۾ اوهان کي ڇا حاصل ٿيو سچ آهي ؎

اچها ہی پھر کھلینگی بد اعمالیاں کسی کی ؛ ہمسے مطالبہ کا سامان کرکے دیکھو

باقي اوهان جي حوالي ڏيڻ ۾ اهڙي ڏوڪ ٻاڙي آهي جهڙي بخاري شريف جي حوالي ڏيڻ ۾ ڪئي اٿو -

اعتراض (٢٨) - حضرت رسالت مآب صلعم جي اوصياڻن ۽ عام ماڻهن جي فهم ۾ ايڏو تفاوت آهي جو زيد بن ثابت ...... الخ (ص ٣٢)

جواب - مسٽر ميوا ! اين سخن را چون تو مبدء بوده ؛ گر بيفزايد تو اش افزوده
اسان کي ڪڏهن به اهو خيال نه رهيو آهي جو اوهان شيعن وانگر ادب کي ترڪ ڪري دين جي بزرگن تي نڪون پر چڙهن ته اوهان اهڙو ذڪر چو ڪيو آهي تڏهن لاچار اوهان شيعن جون ئي روايتون پيش ٿا ڪريون جنهان خلق کي معلوم ٿي ويندو ته شيعه مذهب موجب امامن سڳورن ۾ فهم قرآن ڪيترو هو :-
(١) ڪتاب احتجاج طبرسي واري روايت اسان هن ڪتاب جي شروع ۾ فصل ٽئي جي نمبر ١٥ ۾ ڏني آهي جنهن ۾ آهي ته هڪ بيدين سيدنا جناب علي المرتضیٰ وٽ قرآن مجيد تي ڪي اعتراض ڪيا جن مان هڪ هي هو ته آيت " ان خفتم الا تقسطوا في اليتامیٰ فانكحوا ما طاب لكم " ۾ ربط ۽ معنيٰ جو پتو ڪونه ٿو پوي - تنهتي حضرت علي رضه ساڻس کي جڏهن ربط ۽ معنيٰ سمجهه ۾ نه آيو تڏهن جواب ڏنائين ته في اليتامیٰ ۽ فانكحوا جي وچان منافقن گهڻو ئي ڪجهه ڪڍيو آهي ۽ تنهنڪري مضمون ميلاپ نٿو کائي - حالانڪه سنين جا معمولي عالم به شاگردن کي انهي آيت جو ربط ۽ معنيٰ عمرگي سان ذهن نشين ڪرائيندا آهن -
تفسير ڪبير ۾ انهي آيت بابت چار تقريرون ڪيل آهن جن مان پهرين تقرير آيت جي ربط ۽ معنيٰ ۾ جناب

بي بي عائشه صديقه جي نڪيل آهي - جنهن بي بي صاحبہ ايئن ڪونه چيو آهي ته آيت جو مضمون سمجهه ۾ نه اچي ٿو ته ٿي اهان ڪجهه ڪڍيو ويو آهي -

هاڻ اسين مسٽر ميوي ڪان اهو سوال ٿا ڪريون ته جيڪڏهن جناب علي المرتضى جو قول صحيح آهي ته ثابت ٿيو ته هي قرآن ناقص آهي ۽ مضمون جي ميلاپ نه ڪائڻ ڪري فصاحت ۽ بلاغت به نه رهي آهي - پر جيڪڏهن انهي آيت مان ڪجهه گهٽايو نه ويو آهي ته پوءِ ثابت ٿيو ته حضرت عليؓ مطلب سمجهي نه سگهيو - مٿي ٻنهي ڳالهين مان جيڪا وڻيو سا اختيار ڪريو ۽ ان کان اسانکي واقف ڪندا -

(٢) سورة النساء ۾ آهي " يا ايها الناس قد جاءكم الرسول بالحق من ربكم فآمنوا خيرا لكم "

يعني اي انسانو تحقيق رب وٽان اوهان ڏي حق سان رسول آيو پوءِ انهي ايمان آڻيو جو اوهان لاءِ چڱو آهي " پر ڪافي ۽ تفسير عياشي ۾ جناب امام محمد باقر کان هي آيت هن طرح نقل آهي " قد جاءكم الرسول بالحق من ربكم في ولاية علي فآمنوا خيرا لكم " يعني اي انسانو بيشڪ اوهان وٽ حق سان خدا جي طرفان رسول آيو عليؓ جي ولايت بابت پوءِ ايمان آڻيو جو اوهان لاءِ بهتر آهي - (ترجمه مقبول احمد ص ١٦٥)

حالانڪه هي معنى ڪو به عقلمند قبول نه ڪندو - ڇو ته حضرت عليؓ جي ولايت ۽ امامت جو ڳالهيو به ٿيو مسلمانن سان نه ڪافرن سان ۽ نه عام انسانن سان - تنهن کانسواءِ حضرت جن ملعم رڳو ولايت عليؓ جي تبليغ لاءِ رسول نه ٿيا ها پر خدائي دين جي تبليغ لاءِ - جا هن شيعي روايت موجب ثابت نه ٿيو ته حضرت امام محمد باقرؒ اهڙو به نه سمجهيو ته آيت ۾ في ولاية علي ٽنبڻ سان ڪلام الاهي جو مطلب بي مڪجو بيو بي پوندو - اسين نه چئون ٿا ته اهو بهتان آهي امام محمد باقرؒ تي ته هن اهڙي حديث بيان ڪئي آهي - مسٽر ميرو خان بار بار لکي رهيو آهي ته واصف تو امام تي بهتان رکي پر هاڻ پتو پيو ته حضرت امام تي شيعان عليٰ ڪهڙا ڪهڙا بهتان مڙهيا آهن -

(٣) سورة صف ۾ آهي " يريدون ليطفئوا نور الله بافواههم والله متم نوره ولو كره الكافرون "

يعني ڪافر چاهين ٿا ته الله جي نور کي ڦوڪون ڏئي اجهائين پر خدا پنهنجي نور کي پورو ڪرڻ وارو آهي ڀلي ڪافرن کي برو لڳي " پر ڪتاب ڪافي ۾ جناب امام موسى ڪاظم رضه کان منقول آهي ته " وه يه چاہتے ہيں کہ ولايت امير المؤمنين کو اپنی زبانی باتوں سے اڑا ديں اور خدا تعالى امامت کو پورا کرنے والا ہے "

(ترجمه مقبول ص ٨٨١) حالانڪه حضرت امام موسى ڪاظم ايهو خيال نه فرمايو ته امامت علي کي پهرين ٽن خليفن اڙائي ڇڏيو ۽ خدا تعالى امامت بلافصل کي پورو نه ڪيو ته ٿو ڪري واقعات جي خلاف اهڙو تفسير ڪئن ٿو ڪريان يا ته آيت جو صحيح مطلب امام صاحب کي سمجهه ۾ نه آيو - پر اسان جو ايمان آهي ته حضرت

امام کاملہ ئي سنين جو ھي بھتان آھي - اجان بہ بيون ڪيتريون روايتون موجود آھن جن مان ثابت ٿو ٿئي تہ شيعہ مذھب ۾ امامن کي فھم قرآن بلڪل نہ ھو -

اعتراض (٢٩) - مسٽر واصف تہ چئي ٿو پر سنڌ ۾ مذھبي چئن مُقلّن جا امام ھر ھڪ حنفي شافعي - مالڪي - حنبلي جن سڀني جي مادري زبان بہ عربي آھي تہ ڀي انھن بہ معنائن ۽ تفسيرن ۾ جيئني مان جن جي وچ ۾ ايترو تفاوت آھي جو ھڪڙو چوي تہ ھٿ کولي نماز پڙھجي تہ ٻيو چوي ٻڌي وغيرہ .... علاوہ ازين مفسرن جي تفسيرن مان روشن آھي تہ ڪنھن ڪھڙو مطلب ورتو آھي تہ ڪنھن ڪھڙو (ص ٣٨)

جواب - ساغر مئی کیطرح ای ساقی ؛ چھیڑئے مت کہ بھرے بیٹھے ہین

خبر من ! انھن چئن مجتھدن ۾ جيڪو اختلاف آھي سو فقط فروعي مسئلن ۾ آھي نہ اصول ۾ - ھٿ ٻڌي نماز پڙھڻ يا کولي ڪا نہ ٿئي پر ڪا ٿئي اسلام جو مدار ڪو نھي - انهن جي ڪنھن بہ مجتھد حرام کي حلال نہ ڪيو آھي البتہ شيعہ مذھب جي مجتھدن حرام کي حلال ڪيو آھي جيئن فروع ڪافي جلد ٢ صفحہ ٣ ۾ آھي :-

الذي يتزوج ذوات المحارم التي ذكر الله تحريمها في القرآن من الامهات والبنات الى آخر الآية كل ذالك حلال من جهة التزويج ولا يكون اولادهم من هذا الوجه حيلد الحد لانه مولود بتزويج شرعي

يعني جو شخص حرام ٿيل عورتن سان جنجو ذڪر قرآن مجيد ۾ آھي جيئن مائون ڌيئون آخر آيت تائين نڪاح ڪري تہ ھي سڀ حلال آھن نڪاح جي ڪري ۽ انھن مان پيدا ٿيل اولاد ھنڪري اولاد زنا ناھي ۽ جو شخص انھي اولاد کي ولد الزنا چوي تہ انکي شرعي سزا ڏيڻ وڃڻ ڏيڻي "

اھلسنت جي مجتھدن ۾ اختلاف فقط فروعي مسئلن ۾ آھي پر شيعہ مذھب ۾ خود اصولي اختلاف آھي جيئن امامت جي مسئلہ ۾ سخت اختلاف آھي :- شيعہ مذھب جي فرقہ **ڪربيبہ** جو عقيدو آھي تہ حضرت علي رضہ کا پٽ محمد بن الحنفيہ امام آھي - **زيديہ** جو عقيدو آھي تہ امام حسين رضہ کا پٽ حضرت زيد امام آھي - **ھاشميہ** جو عقيدو آھي تہ محمد حنيفي کا پٽ ابو ھاشم امام آھي - **باقريہ** جو عقيدو آھي تہ امام محمد باقر کا پٽ ٻيو ڪو بہ امام ڪو نھي جو تہ ھو زندہ آھي ۽ اھو ئي مھدي آھي - **قرمطيہ** جو ورڻي عقيدو آھي تہ امام جعفر صادق کا پٽ انجو فرزند اسمٰعيل امام آھي ۽ اھو ئي مھدي - **جعفريہ** جو عقيدو آھي تہ امام حسن عسڪري کي ڪو بہ اولاد نہ ھو تنھنڪري انجو ڀاءُ جعفر بن علي امام آھي ۽ مھدي -

ھي تہ ھو اصول ۾ اختلاف ۽ فروعي مسئلن ۾ ھي اختلاف آھي :-

(١) سیر و تفریح کے لئے کبوتر اڑانے مین اختلاف ہے اکثر علماء مکروہ کہتے ہین اور بعض حرام فرماتے ہین (کتاب تحقیق المتین ترجمۂ حق الیقین ص ٥٥)

(٢) لکڑي کا بیچنا حرام ہے اگر خریدار اس سے بُت یا آلاتِ قمار بنائے ..... مشہور یہ ہے کہ یہ بیع بھي مکروہ ہے اور بعض کے نزدیک حرام ہے لیکن جواز کی حدیثین بہت ہین (ایضاً ٧٠)

(٣) اور اکثر علما فرماتے ہین کہ اعمال واجب پر اجرت لینا جایز نہین مثلاً میت کو غسل دینا کفن بنانا نماز پڑھانا ۔ جناب سید مرتضیٰ نے ان کی اجرت لینا جایز فرمایا ہے ایسی ہی کہتے ہین کہ اذان کی اجرت حرام ہے مگر جناب سید مرتضیٰ جایز فرماتے ہین (ایضا)

(٤) مساجد اور متبرک مقامون کو سونے چاندی کی قندیلون سے آراستہ کرنے مین اختلاف ہے ایسی ہی دیوارون اور چھتون کو ان سے آراستہ کرنے مین اختلاف ہے (ایضاً ٧١)

(٥) بعض کے نزدیک بلا خیال شہوت نظر کرنا جایز ہے لیکن کراہت ہے اور بعض کہتے ہین مطلقاً حرام ہے اور بعض کے نزدیک ایک نظر دیکھنا جایز ہے (ایضاً ٧٣)

شیعہ مذهب ۾ تفسیر جو اختلاف

(١) "ومن الناس" تفسیر قمي مین جناب امام جعفر صادق سے روایت ہے کہ یہ آیت اول وثاني (ابوبکر و عمر) کے بارے مین نازل ہوئی ہے اور ایک اور روایت کے بموجب صرف ثاني (عمر) کے بارے مین آئی ہے اور ایک قول کے بموجب معاویہ کے بارے مین (ترجمۂ مقبول احمد صفحہ ٤٩ حاشیہ نمبر ٣)

ڏسو هڪ آیت جي شان نزول ۾ ڪیترو نہ شیعن ۾ اختلاف آهي جو هڪ امام هڪڙي ڳالهہ ٿو ڪري تہ ٻیو امام وري ٻي - مهرباني ڪري ٻڌایو وڃي تہ سچو ڪهڙو -

(٢) آیت "متاع بالمعروف" اس آیت کے معنون مین بہت کچھ اختلاف ہے کہ آیا ہر عورت جسکو طلاق دیدي جائے اسکے ساتھ سلوک کرنا لازم ہے یا کسی خاص قسم کے لئے (ایضاً ص٦١ حاشیہ نمبر ٢)

(٣) "وانتم اذلۃ" تفسیر قمي و تفسیر عیاشی مین جناب امام جعفر صادق سے منقول ہے کہ یہ آیت اسطرح نازل ہوئی تھی "وانتم ضعفاء" تفسیر عیاشی مین انھی حضرت سے منقول ہے کہ ابوبصیر نے یہ آیت آنحضرت کے سامنے پڑھی تو ان حضرت نے فرمایا کہ خدا نے اسطرح نازل نہین فرمایا بلکہ وہ یون نازل ہوئی ہے "وانتم قلیل" (ایضاً صفحہ ١٠٣ حاشیہ نمبر ٤)

ناظرین غور ڪن تہ هڪ آیت بابت هڪڙي امام ہہ ڳالهیون ڪري ویو. شیعا صاحب ٻڌائین تہ "انتم ضعفاء" واري روایت سچي یا "وانتم قلیل" واري سچي -

شیعہ مذهب ۾ حدیث جو اختلاف

مولوي دلدار علي مجتهد اعظم ڪتاب اساس الاصول صفحہ ٥١ ۾ ٿو لکي :—

الاحاديث الماثورة عن الائمة مختلفة جدا لايكاد يوجد حديث الا وفي مقابلته ما ينافيه ولا يتفق خبر الا وبازائه مايضاده حتى صار ذالك سببا لرجوع بعض الناقصين عن اعتقاد الحق كما صرح به شيخ الطائفة في اوائل التهذيب والاستبصار "

يعني حديثن ۾ جي امامن کان بيان ٿيل آهن ايترو سخت اختلاف آهي جو ڪا به حديث ڪانهي جنهن جي مخالف ٻي حديث نه هجي ۽ ڪا به اهڙي خبر ناهي جنهن جي خلاف ٻي خبر نه هجي تان جو انهي اختلاف جي ڪري ڪيترا ناقص حق جي اعتقاد کان ڦري ويا آهن جيئن شيخ الطائفه ڪتاب تهذيب ۽ استبصار جي شروع ۾ اهڙي چٽائي ڪئي آهي —

شيعا صاف غور ڪن ته سندن حديثن ۾ ڪيترو نه اختلاف آهي جو گهڻا انهي اختلاف ڪري شيعه مذهب تان دست بردار ٿيا آهن "

شيعه مذهب ۾ فقه جو اختلاف

اسان مٿي صفحي ٦٤ ۾ فقهي مسئلن جو اختلاف ڏيکاريو آهي ۽ هت هڪ گرڻ نئون حوالو ٿا ڏيون:

شيعن جو مجتهد مولوي دلدار علي ڪتاب اساس الاصول صفحه ٩١ ۾ ٿو لکي :-

" لو تاملت اختلافهم في هذه الاحكام وجدته يزيد على اختلاف ابي حنيفة والشافعي ومالك

يعني جيڪڏهن تون فقه جي احڪام ۾ اسان جي عالمن جي اختلاف ڪي غور سان ڏسندين ته ابو حنيفه شافعي ۽ مالڪ جي اختلاف کان زياده نظر ايندو "

شيعه صاحبو ! هاڻ ته پتو پئجي ويو ته شيعن جي مجتهدن ۾ جيڪو اختلاف آهي سو سُنين جي عالمن ۾ ڪونهي سچ آهي ؎ غير کی آنکھوں کا تنکا تجکو آتا ہے نظر ؛ دیکھ اپنی آنکھ کا غافل ذرا شہتیر بھی

مسٽر ميوا ! دانائي چيو آهي ته ٻئي جي ڪتي کي هٿ لائجي نه پنهنجو پٽ پٽائجي - هاڻ جيڪڏهن اوهان ۾ انصاف بلڪ شرم حيا هوندو ته وري اهڙو اعتراض نه ڪندا ؎ ہم نیک و بد حضور کو سمجھائے دیتے ہیں

اعتراض (٣٠) — مٿين حوالن ۾ ڪو به اڪرام ڙو ناهي جنهن مان پيئي قرآن جو ثبوت ملي سگهي ٿو (٢٨)

جواب — اشتهار جي جواب ۾ اسان شيعن جي ڪتاب بصائر الدرجات جي حوالي سان لکيو هو ته حضرت امام محمد باقر قرآن مجيد جي آيت " بل هو آيات في صدور الذين اوتوا العلم " پڙهي فرمايو ته " خدا نگفت که درمیان دو جلد مصحف ست بلکه گفت در سینه آنهاست که علم بایشان داده "

يعني خدا ائين نه چيو آهي ته قرآن هنن ٻن پٺن جي وچ ۾ آهي پر هو انهن جي سيني ۾ آهي جن کي علم ڏنو ويو آهي." هيءَ عبارت اهڙي مجمل ناهي جو ڪو سمجهي نه سگهي پر بلڪل صاف آهي ته مصحف سڳورو هنن ٻن پٺن وارو ناهي پر امامن جي سيني ۾ آهي. مسٽر ميوا ! انهي حوالي ۾ بلڪه جو لفظ موجود آهي

جو پهريئن مصحف جي نفي ڪري پيءِ جو اثبات ٿو ڪري - جا اوهان کي فارسي به نٿي اچي - هن حوالي مان
جيڪو اسان دليل ورتو آهي اُنجي تائيد خود مشيئن ڪتاب بصائرالدرجات جي هڪ بي روايت ڪري رهي آهي
جا هيءَ آهي :- "فَمَا هُوَ عِنْدَ الْعُلَمَاءِ بِهِ لَيْسَ بِمُحَرَّف" يعني اُهو قرآن جو هن جي عالمن (امامن) وٽ
آهي اُهو تحريف کان پاڪ آهي - مزيد تائيد لاءِ علامه خليل قزويني جي قول پڻ موجود آهي (جنهن لاءِ
مسٽر ميوي لکيو آهي ته اهو ڪنهن خارجي جي نقل جو نقل آهي) جو بيانگ دهل فتوي ٿو ڏئي ته :-

دعوی اینکه قرآن همین ست که در مصاحف مشهور ست خالی از اشکال نیست "(دستو حوالو ١٠٢)

يعني هيءَ دعوي ڪرڻ ته قرآن اهوئي آهي جو مشهور مصحفن ۾ آهي قابل اعتراض آهي -

الحاصل حضرت امام محمد باقر رض پيءَ قرآن لاءِ جيڪو آهي اهو اسان جو بهتان هرگز ناهي بلڪه خود امام صاحب جو
فيصلو آهي جيڪو هن سيد صاحبن ۾ هت آهي ته انکي رد ڪري ڏيکارين نه ته خالي لاف گزاف مان نه ورندو
تنهن ڪانسواءِ ڏسو فصل ٽئي جا حوالا نمبر ٣ ، ٤ ، ٦ ، ١٠ ، ١١ ، ١٢ ، ٢١ ، ٢٤ ، ٢٨ ، ٣٢ ، ٣٥ ، ٣٨ ۽ فصل
چوٿين جو حوالو نمبر ٤٨ ۽ فصل ڇهين جو حوالو نمبر ٥٩ - انهن مڙني حوالن ۾ خود امام محمد باقر رض جي فتوي آهي
ته هن موجوده قرآن ۾ تحريف ڪئي ويئي آهي - پوءِ ڪئين چئجي ته حضرت امام جو هن قرآن تي ايمان آهي
جيڪو هن اسان بهتان رکيو آهي ته پهريان ساري سنڌ جا شيعا حضرات گڏجي امام محمد باقر رض جي حديثن تي
علم حديث موجب روشني وجهي امام صاحب جي پوزيشن صاف ڪن نه ته بقول سعدي رح

بگفتہ ندارد کسی با تو کار ٭ ولیکن چون گفتی دلیلش بیار

مسٽر ميوي ياڪنهن پئي جي قول تي ڪن نه ڏين -

اعتراض (٣١) - پر ڪين (حضرت جن صلعم) يقين هو ته قرآن جو حقيقي عالم وارث علوم
نبوي مون کانپوءِ به موجود آهي جنهن ڪري ان ڳالهه جو ذرو به ڪين انتظار ڪو نه ٿيو (ص ٢٩)

جواب - هيءَ دعوي شيعه مذهب جي روايتن موجب بلڪل غلط آهي - مسٽر ميوي پنهنجو لٽريچر
پڙهيو هجي ته خبر پويس - ڪافي ڪليني ۾ اُنهن ٻارهن لفافن واري حديث موجود آهي جنهن ۾ هر هڪ امام
لاءِ سند سن حياتي جي واقعات جو هڪ هڪ لفافو سيل ٿيل نازل ٿيو هو جنهن کان حضرت جن
بخوبي واقف هئا ته مون کانپوءِ منهنجي وارث جو جمع ڪيل قرآن قبول نه پوندو تنهنڪري حضرت جن کي
لازم هو ته پنهنجي حياتي ۾ ئي ٽن سالن واري مدت اندر قرآن مجيد لکائي هڪ هنڌ ڪتابي صورت
۾ ڪري وڃن ها يا حضرت علي رض لاءِ اهو ڪم نه ڇڏين ها - دراصل حقيقت هن طرح آهي ته حضرت
جن کي خاطري هئي ته مون کانپوءِ صحابه ڪرام قرآن مجيد جي جمع ڪرڻ جو ڪم نهايت ايمانداري سان

پوروڪندا جنهن مون انهن کي پڙهايو ۽ يادڪرايو آهي - تنهنڪري انتظار جو ڪوضروري ڪونهي -

اعتراض (٣٢) - هاڻي هن ڳالهه تي خيال ڪرڻ ضروري آهي ته حضرت علي عليه السلام جو جمع ڪيل قرآن سواءِ نزولي ترتيب جي موجوده قرآن جهڙو هو يا ماڳهين اهو ڪو بيو قرآن هو ...... دراصل قرآن ساڳيو آهي فقط ترتيب ۾ تفاوت آهي - (ص ٣١)

جواب - ناظرين کي معلوم ٿيندي ته هي دعوىٰ مسٽر ميمڻ فقط پنهنجي مذهب کان لاعلمي ڪري ڪئي آهي - نه ته اسين شروع ڪتاب کان ١٠ حوالن تائين ثابت ڪري آيا آهيون ته موجوده قرآن ۾ پنجن قسمن جي ڦيرگهير اسيعا قائل آهن - هاڻي انصاف ڪرڻ گهرجي ته اهي ڦيرگهيرباب امامن سڳورن جي صحيح متواتر ۽ مستفيض حديثن جي هوندي ڪئن ترجيح وڃي ته هن قرآن ۽ علي جي قرآن ۾ فقط ترتيب جو تفاوت آهي - جڏهن ته خود جناب علي المرتضىٰ اقرار ٿو ڪري ته " فهو مما قدمت ذكره من اسقاط المنافقين من القرآن وبين القول في اليتامىٰ وبين نكاح النساء من الخطاب والقصص اكثر من ثلث القرآن " يعني اهو هنڪري جو مون اڳئين ذڪر ڪيو آهي ته منافقن قرآن ۾ گهٽتائي ڪئي آهي جئن في اليتامىٰ ۽ نكاح النساء جي وچان قرآن جي ٽئين حصي جيترو ڪيرائي ڇڏيائون (ڏسو حوالو نمبر ١٥) ٻين ڪانسواءِ علامه محسن ڪاشي تفسير صافي ۾ صاف لکيو آهي ته " ان القرآن الذي بين اظهرنا ليس بتمامه كما انزل على محمد " يعني تحقيق هي قرآن جو اسان وٽ آهي اوترو نه آهي جيترو محمد صلعم تي نازل ٿيو هو - (ڏسو حوالو ٤) اجايا وڌيڪ صفائي علامه نوري ڪتاب فصل الخطاب ۾ ڪئي آهي جئن لکيٿ :-

وهو مخالف لهذا القرآن الموجود من حيث التاليف وترتيب السور و الآيات بل الكلمات ايضًا ومن جهة الزيادة والنقيصة " (ڏسو حوالو ٦)

يعني اهو جناب علي وارو قرآن هن قرآن جي خلاف هو. تاليف ۽ ترتيب بلڪ زيادتي ۽ گهٽتائي ڪري ڪئن سمجهو صاحبو! اوهانجو حيدرآبادي مجتهد سچو يا حضرت علي ۽ علامه محسن ڪاشي ۽ علامه نوري سچا - مسٽر ميمڻ خان جيڪڏهن ڪافي ڪليني پڙهيو هجي ها ته اهڙا دعوا هرگز نه ڪري ها جئن ته ڪافي شرح اصول ڪافي ڪتاب الحجة جز ٻئي باب ڇهلم جي ٻي حديث ۾ آهي " **راوی گفت بعد از آن امام (جعفر مبارک) علیه السلام گفت ای ابو محمد بدرستی که نزد ماست جامعه و نمیدانند مخالفان که چیست جامعه راوی گفت قربانت شوم چیست جامعه گفت طوماریست که درازی آن هفتاد ذراع است** "

يعني امام جعفر صادق فرمايو ته اسان وٽ هڪ ڪتاب آهي جو سٺر گز ڊگهو آهي - ڇا هي قرآن به سٺر گز ڊگهو آهي ؟ هاڻ خدارا انصاف ڪرڻ گهرجي ته جڏهن شيعن جا عالم محدث

مُفَسِّر مجتهد امام بخاري جي چوڻ ته قرآن عليؓ جو هيو سو ۽ هي قرآن بيو آهي ته پوءِ فقط غريب واصف ئي الزام رکڻ ته هو پنهنجي پوئلڳن کي گمراهه ٿو ڪري ڇا اها انسانيت آهي ـ

اعتراض (٣٣) ـ مسٽر واصف کي علم هجي ها ته ڪڏهن به شيعن سان هن مسئله تي بحث نه ڇيڙي ها ـ پر جڏهن شيعن تي تحريف جو ڏوهه مڙهيو رهيو آهي ... (صفحه ٣٣)

جواب ـ انصاف ڪندڙ هن ڪتاب جي پڙهڻ سان فيصلو ڏيئي سگهندا ته واصف کي علم آهي يا مسٽر ميوي کي ـ ڇا علم الهي کي ڇڏيو آهي جو اسان جي ڏنل عبارت بابت عام ڳالهه نه ڪجي ۽ پنهنجي ويچار جي بيڪدم چيئي ڏجي ته "هي قول ڪنهن خارجي جي نقل جو نقل آهي" ۽ ايهو خيال بي نه رهيو ته متان حوالي ملڻ سان شيعن جو ئي هڪ علامه خارجي نڪري پوي ـ ڇا علم الهي کي ڇپيو آهي جو بخاري شريف جو اهڙو حوالو ڏجي جو ليپيئي نه ۽ هجيئي ڪونه ـ الغرض تحريف جو ڏوهه اسان شيعه صاحبن تي نه مڙهيو آهي پر سنڌ معتبر مُستَنَد مُتَواتر ۽ مستفيض امامن جي حديثن مڙهيو آهي جي ٻن هزارن کان مٿي آهن ـ اسان کي به ڏسڻو آهي ته مٿي ڏنل ١١ حوالن جو ڪهڙو تحقيقي جواب ڏنو ٿو وڃي ـ جيڪڏهن انهن حوالن جي مذهب اماميه موجب پوزيشن صاف نه ڪئي ويئي ته پوءِ اسين هي شعر پڙهي اجو ثواب شيعه بزرگن کي بخشيندا سون ؎

بهت شور سنتے تھے پہلو میں دل کا ؛؛ جو چیرا تو اک قطرۂ خون نہ نکلا

اعتراض (٣٤) ـ مٿين عبارت مان صاف ظاهر آهي ته ابن عمر جي چوڻ موجب گهڻو حصو قرآن جو گم ٿي ويو آهي جي ٻرگين منسوخ آيتن جي وچ ڪري ابن عمر ائين چيو آهي ته اهو چوڻ بلڪل بيجا آهي ..... الخ (ص ٣٥)

جواب ـ مرحوم مولوي نظاماڻيؒ جيڪو جواب ڏنو هو انجي ترديد ته ميوي کان ٿي نه سگهي ان بابت جيڪي لکيو اٿس سو هن شعر جي مطابق آهي ؎

بک رہا ہوں جنوں میں کیا کیا کچھ ؛؛ کچھ نہ سمجھے خدا کرے کوئی

اصل عبارت ۾ حضرت ابن عمرؓ ٿو فرمائي ته اوهين ائين نه چئو ته سارو قرآن اسان ورتو آهي پر چئو ته جيڪي ظاهر آهي ـ جو ته انمان گهڻو ويو هليو آهي ـ جنهن لاءِ "قد ذهب" جا الفاظ موجود آهن ـ ذهب جي معنيٰ مسٽر ميوي ڪئي آهي "گم ٿي ويو" (لاحول ولا قوت الا بالله) حالانڪه اها معنيٰ هرگز نه آهي جو ته گم ٿيڻ لاءِ عربي ۾ بيو لفظ "فقد" جو موجود آهي ـ جيڪڏهن ابن عمرؓ جو اهو مطلب هجي ها ته صاف چوي ها "قد فقد منه" پر ذهب جي معنيٰ عالمن منسوخ ٿيڻ جي ورتي آهي ـ صاف مطلب صحيح ابن عمرؓ جو هي

ٿيو ته اوهين ائين نه چئو ته سارو قرآن جيڪو نازل ٿيو هو سو سڀ اسان وٽ آهي ڇو ته انهن ڪيترين منسوخ التلاوت ٿي ويو آهي - هن جو مثال هي آهي ته هڪ مضمون نويس هڪ هزار مضمون لکيا - جنهن مان هو پنهنجي بياض ۾ سٺ سئو مضمون داخل ڪري ڪتاب ڇاپايائين ۽ باقي رد ڪري ڇڏي - هاڻي جن کي خبر هوندي ته مضمون نويس ڇاپيا به مضمون لکيا سو ڇئي سگهي ٿو ته فلاڻي جا فقط هي مضمون ڇاپ ۾ پڙهيا به هئا - هن ائين چئبو ڇا ته باقي مضمون پريس وارن گم ڪري ڇڏيا ؟ بس انهيءَ طرح جيڪو ڪلام الله نازل ٿيو هو ۽ پوءِ انهن جو ڪجهه منسوخ ٿي ويو اهو خود حضرت جن صلعم نه لکايو ۽ نه پڙهايو ۽ ياد ڪرايو - پر صحابه ڪرام کي اها خبر هئي ۽ حضرت جن صلعم آخر حياتي ۾ قرآن مجيد ايترو ئي ڇڏي ويو جيترو هن قرآن مجيد ۾ موجود آهي جنهن صحيح بخاري ڪتاب فضائل القرآن ۾ آهي ته عبدالعزيز بن رفيع ٿو چوي آئون ۽ شداد بن معقل حضرت ابن عباس وٽ وياسين ۽ کانئس پڇيوسين ته رسول خدا صلعم جن پيو به ڪجهه ڇڏيو آهي ؟ جواب ڏنائون "ماترڪ الا ما بين الدفتين" يعني حضرت جن اهو ئي ڇڏيو جو هن ٻن ڦٽن جي اندر آهي - ابن رفيع ٿو چوي ته وري اسين حضرت علي رض جي فرزند محمد بن الحنفيه وٽ وياسين انهن کان به اهو سوال ڪيوسين ۽ انهن به ساڳيو جواب ڏنو ته "ماترڪ الا ما بين الدفتين" هاڻي جڏهن صحيح حديث ۾ ثابت آهي ته قرآن مجيد مان ڪجهه به گم نه ٿيو آهي ته پوءِ ابن عمر جي قول جو اهو مطلب ڪئي وٺبو -

اعتراض (٣٥) - مسٽر واصف کي سچاڳ ٿيڻ گهرجي ته انهي آيت جي نڪري ويڃڻ جا قائل سني آهن يا شيعا جو لکي ٿو ته شيعا قرآن مجيد کي مڃيني ڪونه (ص ٣٦)

جواب - اسين بلڪل سچاڳ آهيون - اسان کي خبر آهي ته اهي آيتون نڪري نه ويون آهن پر منسوخ ٿيل آهن جنهن نه مسٽر ميري جيڪا صحيح مسلم جي حديث ڏني آهي اها هيءَ آهي :-

انها قالت کان فيما انزل من القرآن عشر رضعات معلومات يحرمن ثم نسخن بخمس معلومات فتوفي رسول الله وهي فيما يقرأ من القرآن " هن حديث جو هي مطلب آهي ته بي بي عائشه صديقه چيو ته قرآن جي نزول مان اها آيت به هئي ته ٿڃ پيڻ ۾ ڏهه ڀيرا ڌڃڻ حرمت ثابت ٿيون ڪن پوءِ اها آيت پنجن ڀيرن سان منسوخ ٿي ويئي. آخر حضرت جن وفات ڪري ويا پر اها آيت قرآن ڪري پڙهي ويندي هئي بي بي عائشه رض جي صحيح مطلب بيان ڪرڻ کان اڳ انهن پنهي آيتن بابت صحيح مسلم جي شرح جي عبارت تا پيش ڪريون جا هيءَ آهي " النسخ ثلاثة انواع احدها مانسخ حکمه وتلاوته کعشر رضعات والثاني مانسخت تلاوته دون حکمه کخمس رضعات " يعني آيتن جو منسوخ ٿيڻ ٽن قسمن تي آهي

هڪ پڙهڻ ۽ حڪم ٻنهي جو منسوخ ٿيڻ - جيئن ڏهن ڇڪڙن واري آيت - ٻيو پڙهڻ منسوخ ٿئي ۽
حڪم قائم رهي - جيئن پنجن ڇڪڙن واري آيت - گويا هي ٻئي آيتون منسوخ التلاوت آهن - (ڏسو لاءِ
ڏسو شيعن جو ڪتاب عدة الاصول جزء ٻيو مصنف ابو جعفر طوسي) هاڻ بي بي صاحبه جو هي چوڻ ته خمس
معلومات واري آيت حضرت جن جي وفات بعد به پڙهي ويندي هئي انجو سبب شرح مسلم ۾ هي ڏنل آهي
"ومعناه ان النسخ بخمس رضعات تاخر انزاله جدا حتى انه صلعم توفي وبعض الناس يقرأ خمس رضعات
ويجعلها قرآنا متلوا لكونه لم يبلغه النسخ لقرب عهده فلما بلغهم النسخ بعد ذالك رجعوا عن ذالك
واجمعوا على ان هذا لا يتلى" يعني پنجن ڇڪڙن واري آيت جو منسوخ ٿيڻ دير سان ٿيو هو جو پوءِ سگهو ئي
حضرت جن وفات ڪئي ۽ ڪي ماڻهو اڃا خمس رضعات واري آيت کي پڙهندا هئا ڇاڪاڻ ته انهن کي اها خبر
ڪانه هئي ته ڪا اها آيت به منسوخ التلاوت ٿيل آهي پر پوءِ جڏهن معلوم ٿين تڏهن انهي خيال کي ڇڏي
اجماع ڪيائون ته هيءَ آيت به پڙهي نه ويندي - بس هن بحث مان صاف ثابت ٿيو ته بي بي عائشه رض
وارو مطلب هرگز نه هو ته ڪو صحابن حضرت جن کانپوءِ اها آيت ڪيڏي ڇڏي آهي پر اهلسنت وٽ
انهي ٻئي آيتون منسوخ التلاوت آهن حڪم سميت - جيڪڏهن بي بي عائشه جو اهو عقيدو هجي ها ته ضرور
پنهنجي والد کي قرآن مجيد جمع ڪرائڻ وقت چيري ها ته پنجن ڇڪڙن واري آيت داخل ڪريو -

اعتراض (٣٦) - موجوده قرآن پاڪ ۾ جيڪا آيت "ان الله هو الرزاق" آهي سا حضور
صلعم جن "اني انا الرزاق" ڪري پڙهندا هئا" (ص ٣٦)

جواب - مسٽر ميور جڏهن ته عربي پڙهيل نا هي تنهنڪري قدم قدم تي ٿاٻو کاڌو اٿس
جيئن ته اصل عبارت ۾ آهي "قال اقرأني رسول الله صلعم" يعني چيائين ته پڙهايو مونکي رسول خدا -
پر مسٽر ميور تو ترجمو ڪري "حضور جن پڙهندا هئا" حالانڪ انهي لاءِ "كان يقرأ" هئڻ گهرجي -
خير اها ته ٿي حيدرآبادي محمد صاحب جي عربي داني۔ اعتراض جو هي جواب آهي ته حضرت جن تي
قرآن مجيد قريش جي لغت ۾ نازل ٿيو هو پر حضرت جن کي عرب جي مختلف قبيلن جي زبان موجب
ستن قسمن جي لغت جي اجازت ملي ته قرآن مجيد انهن لغتن ۾ پڙهي سگهجي ٿو - جنکي
سبع احرف توچئجي - هذا "اني انا الرزاق" واري پڙهڻي به انهن ستن قسمن مان آهي - ليڪن
فرق هي آهي ته اها پڙهڻي شاذ ۾ داخل آهي يعني گهٽ گهٽ ڪا نه نه مشهور ۽ متواتر
پڙهڻي "ان الله هو الرزاق" آهي جا هن موجوده قرآن ۾ آهي ۽ اها ئي حجت آهي جيئن شرح مسلم
جلد اول ۾ آهي " لكن مذهبنا ان القرأة الشاذة لا يحتج بها " يعني اهلسنت جو اهو مذهب آهي ته

شاذ پڙهڻ حجت ناهي - تنهنڪري شاذ قرأت ۾ لڳي تحريف ثابت ڪرڻ بلڪل غلط آهي - اهڙو ڪ
شيعه مذهب جي تفسير مجمع البيان جلد اول صفحا ۳۰ ۾ آهي جتي " وقرء في الشواذ غير المغضوب عليهم
بالنصب وقرء غير الضالين عمر بن الخطاب وروي ذالڪ عن عليّ " يعني شواذ قرأة ۾ غير المغضوب
عليهم کي زبر سان پڙهيو ويو آهي ۽ حضرت عمرؓ غير الضالين ڪري پڙهيو آهي ۽ حضرت علي رضه پڻ.
تنهن کانسواءِ شاذ قرأت بابت اتقان جلد اول ص ۷۵ ۾ علامه سيوطيؒ صفائي ڪري ڇڏي آهي ته:-
" الشاذ وهو مالم يصح سنده " يعني شاذ اهي تو جيڪي جنهن جي سند صحيح نه هجي -
هاڻ جڏهن شاذ قرأة جي سند ئي صحيح ناهي ته پوءِ انکي حجت وٺڻ ڪمال بيوقوفي آهي -

اعتراض (٣٧) - اخرجه الامام احمد في مسنده وابن اشتة في المصاحف من
طريق اسماعيل المالكي عن ابي خلف مولى بني جمح انه دخل معه عبيد بن عمر على عائشة فقال جئت
اسألك عن آية من كتاب الله كيف رسول الله يقرأها قالت أيّ آية قال الذين يؤتون ما اتوا فقالت
ايهما احب اليك قلت والذي نفسي بيده لاحديهما احب الامن الدنيا جميعا قالت ايهما قلت "
الذين يأتون ما اتوا فقالت اشهد ان رسول الله كذلك كان يقرأها وكذالك انزلت ولكن الهجاء حرف
عبيد بن عمير چوي ٿو ته مان بي بي عائشه وٽ هن غرض سان ويس ته ان کان سوال ڪريان ته ڪ
قرآني آيت جو ته رسول الله ڪئين پڙهندا هئا - بي بي صاحبه پڇيو ته اها ڪهڙي آيت آهي مون چيو ته
الذين يؤتون ما اتوا " آهي يا الذين يأتون -....... بي بي صاحبه چيو ته رسول خدا الذين يأتون
پڙهندو هو ۽ نازل به ائين ٿي هئي مگر ڪتاب (قرآن) ۾ تحريف ڪئي وئي " انصاف شرط آهي ته
خود بي بي عائشهؓ صاف تحريف جو اقرار آهي پئي ڪري ڏيکاريو آهي ته قرآن ۾ تحريف ڪئي وئي آهي (م ٣)

جواب - معلوم هجي ته موجوده قرآن ۾ ... " آهي جا متواتر مشهور ۽ عام
قرأة آهي - ۽ "الذين يأتون" شاذ قرأة آهي جنهن جي ... جنهن ته انهي روايت ۾ هڪ
راوي ابوخلف آهي جنهن بابت ميزان ۾ آهي ته " قيل اسمه حازم كذبه يحيى بن معين - وقال
ابوحاتم منكر الحديث " يعني انهي ابوخلف کي ابن معين ڪوڙو ڄاڻايو آهي - ابوحاتم چيو آهي ته
ابوخلف اهڙو آهي جنهن جي حديث قبول ناهي " تنهن بلڪل صفائي ٿي وئي ته اِها روايت ابوخلف ڪوڙي
جي آهي جا قبول ڪري نٿي سگهجي - مسٽر ميرو جيڪڏهن عربي پڙهيل هجي ها ته روايت جا آخري
لفظ ولكن الهجاء حرف سمجهي وڃي ها ۽ اعتراض ونئي تحريف جو ناٿو زبان تي نه آڻي ها پر جا ڪجهه
جو عبارت آهي عربي ۾ ۽ هو عربي جي عين ڪان به واقف ناهي - حقيقت هيءَ آهي ته لفظ هجاء

جي معنيٰ آهي شڪل يا صورت ۽ لفظ حرف جي معنيٰ آهي لغت - يعني سبع اَحرُف (ستن لغتن) مان هڪ لغت آهي - جنهن جو ذڪر شيعن جي تفسير منهج الصادقين ۾ علامه فتح الله ڪاشاني هن طرح ڪيو آهي

"مبني باشد بر حل معاني قرآن بر طبق قرائت سبعه ڪه مسلّم الثبوت است" (ديباچه جلد اول)

يعني تفسير لکندس قرآن جي معنائن جي حل ڪرڻ ۾ ستن قرائتن موجب جي مقبول آهن، جنکي سبع احرف تو چئجي جيئن اتقان جلد اول ص ۴۵ ۾ آهي ته فرمايو رسول خدا ته "اقرأني جبريل على حرفٍ فراجعته فلم ازل استزيده ويزيدني حتى انتهى الى سبعة احرف" يعني جبريل مونکي هڪ لغت ۾ قرآن پاڙهيو ۽ پوءِ منهنجي بار بار چوڻ تي ستن لغتن تائين پهتو - هاڻي بي بي عائشه صديقه جو اهو مطلب هو ته "الذين يؤتون" واري پڙهڻي ستن لغتن مان هڪ صورت ۽ نموني جي لغت آهي -

ڪيترا هن قرائت جو قسم ڪيترا هن تحريف جو دليل - "ببرين عقل و دانش ببايد گريست"

هاڻي ناظرين سمجهي ويا هوندا ته شيعه صاحبن ۾ عربي عبارتن جي سمجهڻ جو ڪو به سليقو ناهي -

اعتراض (۳۸) - ڪنهن به شيعه ڪتاب مان ڪو به حوالو ڏيکاري ڏيو انس جنهن مان ثابت ٿئي ته فلاڻو اکر نڪتو ويو آهي يا گڏيو ويو آهي يا قرآن مان ڪجهه حصو گم ٿيو آهي جو خلق خدا کي گمراهه ڪرڻ لاءِ لکو ٿا ته شيعه قرآن مجيد کي مڃني ڪو نه" (ص ۳۸)

جواب - مسٽر ميوي "دروغ گفتن بروي تو" وارو معاملو ڪيو آهي - جنهن ته اسان سندس ڪتاب آئينه حق نما جي جواب ۾ ڪتاب انوار الهدىٰ جي صفحه ۱۶ ۾ شيعن جي ڪتاب وحي في الدبر ۽ ڪتاب هداية الطالبين ۽ صفحه ۱۷ ۾ ڪتاب استقصاء الافحام ۽ حيات القلوب ۾ ۽ صفحه ۱۸ ۾ ڪتاب بصائر الدرجات، صفحه ۱۹ ۾ ڪتاب ڪافي ڪليني ۽ ڪتاب فصل الخطاب ۾ ۽ انوار نعمانيه ۽ صفحه ۲۰ ۾ اصول ڪافي جا حوالا ڏنا آهن جن ۾ ثابت ڪيو اٿئون ته شيعه مذهب موجب قرآن پاڪ ۾ پنجن قسمن جي ڦير گهير ڪئي وئي آهي - پوءِ به شرم کي وندرائي لکيو ته ڪنهن شيعه ڪتاب جو حوالو نه ڏنو ويو آهي - حالانڪه خود ميزان الانصاف صفحه ۱۲ ۾ اقرار ٿو ڪري ته مسٽر واصف انوار الهدىٰ صفحه ۱۸ ۾ لکي ٿو ته شيعن جون ٻه هزار روايتون آهن جن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته هي موجوده قرآن هر طرح ناقص آهي ۽ تحريف ڪيل - ناظرين غور ڪن ته مسٽر ميوي ميزان الانصاف لکي انصاف جو خون ڪيو آهي يا نه - جواب ڏئي پاڻ نه سگهي ۽ ڏوهه ٿو رکي واصف تي - ڪيڏي صاف اقرار ڪري ته اسان وٽ انهن حوالن جا جواب ناهن - پهرين هاڻ ته سندس دعوىٰ جي ترديد ۾ سي ڪنهن قسم جي تحريف بابت ۱۱۰ روايتون ڏيون ٿا ڏسون ته انهن جو ڪهڙو جواب ڏئي شيعه مذهب جي لڄ ٿو رکي

اڳتي هلي لکي ٿو "زبان سان قرآن جي محفوظ هجڻ جي دعوى ڪرڻ سولي آهي پر محفوظ لاءِ جيڪو عقيدو سُني گهرجي تنهن ۾ ايا گهڻو ٿورو گهرجي" بيشڪ ائين آهي، پر ڏسڻ گهرجي ته قرآن پاڪ جي محفوظ لاءِ جيڪو عقيدو سُني گهرجي سو سُنين جو آهي يا شيعن جو :- اگرچه هن لاءِ مٿيان ١١٠ حوالا بس آهن پر ٻن ٽن به هت ڪجهه ڏيون ٿا -

سُنين جو عقيدو قرآن بابت

وانا للذكر الذي انزلناه على محمد لحافظون يعني من الزيادة فيه والنقص منه والتغيير و التبديل والتحريف فالقرآن العظيم محفوظ من هذه الاشياء كلها وهذا مختص بالقرآن بخلاف السائر الكتب بمنزلة فانه قد دخل على بعضها التحريف والتبديل والزيادة والنقصان ولما تولى الله حفظ هذا الكتاب بقى مصونا على الابد و محروسا من الزيادة والنقصان (تفسير خازن ج ۴ ص ۳۴)

يعني اسين (الله) بيشڪ هن ذڪر (قرآن) جي (جهنڪي محمد صلعم تي نازل ڪيو اٿئون) حفاظت ڪندڙ آهيون. ڪهي بيشي تبديل ۽ تحريف کان. بس قرآن پاڪ هنن سڀني ڳالهين کان پاڪ آهي ۽ هي خصوصيت فقط قرآن مجيد جي آهي ۽ ٻين ڪتابن ۾ (توريت انجيل وغيره وين) تبديل تحريف ٿي ويئي آهي ۽ هن قرآن جي حفاظت جو جڏهن ته خدا تعالى ذمه ڪيو آهي تنهنڪري هو هميشه ڪمي بيشي وغيره کان محفوظ رهندو

شيعن جو عقيدو قرآن بابت

قال السيد المحدث الجزائري في الانوار ما معناه ان الاصحاب قد اطبقوا على صحة الاخبار المستفيضة بل المتواترة الدالة بصريحها على وقوع التحريف في القرآن كلاما ومادة واعرابا والتصديق بها (كتاب فصل الخطاب صفحه ۳۰)

يعني محدث جزائري سيد نعمت الله ڪتاب انوار ۾ لکيو آهي ته اصحاب اماميه انهن روايتن تي اتفاق ڪيو آهي جي مستفيض ۽ متواتر آهن ۽ تحريف قرآن تي دلالت ڪن ٿيون ڪلام ۾ ۽ مادة ۾ اعراب ۾ ۽ اتفاق آهي انجي تصديق تي"

وري صفحه ۹۷ ۾ آهي :- وهو مخالف لهذا القرآن الموجود من حيث التاليف وترتيب السور والآيات بل الكلمات ايضا ومن جهة الزيادة والنقيصة"

يعني قرآن علي هن قرآن جي خلاف هو خواه سورتن ۽ آيتن جي ترتيب تاليف ٻڌڪ ڪلمن ۽ زيادتي ۽ گهٽتائي ڪري -

اعتراض (۳۹) - پر محفوظ يا نه محفوظ هن مان به روشن ٿيندو ته خدا جي پاڪ ڪلام کي ساڙائڻ کان بدتر ٻيا ڪهڙا آهن نه هڪ يا ٻه پر ڪيئين قرآن حضرت عثمان صاحب جي زماني ۾ ساڙيا ويا (ص ۴۰)

جواب - هن بابت اهلسنت جي عالمن تصريح ڪئي آهي ته "والذي يروي عن عثمان رض انه فعل ذالك بالمصاحف المختلفة حين اراد جمع الناس على مصحف واحد لايكاد يصح فالذي ظهر منه من تعظيم الحرمة الكتاب الله والمداومة على تلاوته آناء الليل والنهار دليل على انه

لا اصل لہٗ الا الحديث ” (شرح سير كبير جزء ثاني صفحہ ٢٧٧) يعني اِهو جو حضرت عثمان بابت
روايت آهي تہ هُن مختلف نسخن کي جلايو، جڏهن تہ هڪ قرآن تي مسلمانن کي گڏ ڪيو ها، ان کا
سوا اها روايت صحيح ناهي. هن کري جو حضرت عثمان کي جيڪا قرآن مجيد جي تو
تلاوت ڪندو هو سا ڳالهہ ثابت ٿي ڪري تہ قرآن سڙائڻ واري روايت بي بنياد آهي “
جيڪڏهن بالفرض ڪيئي قبول ڪجي تہ بہ حضرت عثمان انهن نسخن کي هرگز جلايو ناهي پر احتياطاً
انهن کي ڌوئي اکر ڊاهي پوءِ خالي پنا جلارايا آهن. جيئن خود شيعن جا عالم ٿا لکن. ڏسو علامہ
اردبيلي ڪتاب حديقة الشيعہ ۾ ٿو لکي :- بعضي گويند مروان بن حكم و زياد بن سمره را كه كاتب
وے بودند حكم كرد كه از جميع مصاحف بر داشتند و هر تصرفے كه خواستند كردند و باقي را در ديگي
نهاده بشست و بعد ازان در آتش نهاده سوخت “ يعني حضرت عثمان مروان ۽ زياد کي قرآني
مصحفن تان نقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ مرضي موافق دخل ڏئي ديگ ۾ وجهي مصحفن کي ڌوئي پوءِ
خالي پنا جلارائين “ مرزا محمد باقر موسوي بہ پنهنجي ڪتاب بحر الجواهر جا ثاني ۾ ساڳيو اهڙو ذڪر ڪيو آهي
هن مان ثابت ٿيو تہ حضرت عثمان ڪلام الاهي کي هرگز جلايو ناهي پر انهن مختلف نسخن (جي ڪن
اصحابن بطور ياد داشت پاڻ وٽ لکي ڇڏيا هئا) کي پهرين ڌوئاري اکر ڊهرائي پوءِ انهي پنا سڙائي
ڇڏيا تہ امت محمديہ لاءِ آئينده ڪو فتنو نہ جاڳي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو وڃي ها تہ ممڪن آهي جو ڪنهن
زماني ۾ قرآن جي دشمنن کي اهي پنا هٿ اچي وڃن ها ۽ پوءِ پنهنجي طرفان انهن ۾ ناجائز
فائدو وٺن ها. جيئن ڊاڪٽر منگانا سنہ ١٩١٤ع ۾ هڪ رسالو ”ليوز فرام ٿري انشنٽ قرآنز“ نالي
ڇاپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ هُن ڏيکاريو تہ موجوده قرآن جي برخلاف قديم زماني جا ڪي نسخا هٿ
ڪيا ويا آهن. جنهن جي حقيقت هيءَ هئي جو هڪ مصر سنہ ١٨٩٥ع ۾ سوئز ۾ هڪ پراڻي سامان واري دڪان
تان ڪجهہ ڇپيونا لکيل چمڙي جا ٽڪرا هٿ ڪيا. جي رفتہ رفتہ ڊاڪٽر منگانا جي هٿ لڳا. انهن پرچن
۾ هيءَ نگي ٿيل هئي جو اصل عبارت کي ميٽي پيٽ سان رهڙي پوءِ انهي ڪجهہ الٽ پلٽ قرآن مجيد کي دريا
ڪنهن زماني ۾ انهن تي پين ڪجهہ لکي اهڙي طرح ظاهر ڪيو ويو جڻ تہ هي ڪي صحابہ ڪرام جي زماني
جا لکيل قرآن شريف جا ٽڪرا آهن جي هن مصحف جي برخلاف آهن. غرض خدا تعاليٰ جي وعدي مبارڪ
موجب الهي رسالي کي ڪنهن بہ وڃڻ نہ ڏنو ۽ قرآن پاڪ اول کان آخر تائين محفوظ رهيو.
شيعہ صاحبن جو بہ اهو مطلب آهي تہ حضرت عثمان جيڪڏهن اهي نسخا ڌوئاري نہ جلارائي ها تہ اسان
جي هٿ چڙهي وڃن ها ۽ ڏهہ انهن کي موجوده قرآن پاڪ جي مقابلي ۾ ميدان تي آڻيون ها. جيئن

مولوي سيّد الفت حسين صاحب پنهنجي رسالي منع تبرّا صفحي ٦ ۾ ٿو لکي :-

"کیا سورهٔ علی وسورهٔ ولایت وسورهٔ فاطمہ بعض مطبوع وبعض قلمی غالی شیعوں کے گھر میں نہیں ہیں کیا لکھنؤ میں حاجی حسن علی نے یہ سورتیں نہیں چھاپیں مگر ایک ہی دو سورتیں چھپنے پائی تھیں کہ تنبیہ کی گئی" تنهن کانسواءِ قرآن مجيد جي ساڙڻ جي حرڪت خود شيعن به ڪئي آهي جنهن ڪتاب طعن السنان ۾ آهي :- "حیرت ہے کہ جناب طوسی نے بعض ظلمہ کو بھڑکا کر سنیوں کے مدرسے کو خالی قرآن اور حدیث سے نرکٹے پھونکوائیں"

باقي اسين حضرت عثمان رضه جي انهي ڪارروائي بابت انهي بزرگ هستيءَ جو فيصلو پيش ڪريون جنهنکي علي ابن ابي طالب اسد الله الغالب سڏبو ٿو وڃي :- ڪتاب فتح الباري شرح بخاري جزء ۹ صفحي ١٥ ۾ آهي

وفي رواية سويد بن غفلة عن عليّ قال لا تقولوا لعثمان في احراق المصاحف الا خيرا

يعني حضرت علي رضه فرمايو ته حضرت عثمان مصحفن جي جلائڻ بابت جو ڪجھ ڪيو ان بابت سندس حق ۾ نيڪي کانسواءِ ٻيو ڪجھ به نه چئو" وري ابن ابي داؤد جي روايت آهي :-

"قال عليّ لا تقولوا في عثمان الا خيرا فوالله ما فعل الذي فعل في المصاحف الا عن ملاء منّا"

يعني حضرت علي رضه فرمايو ته حضرت عثمان جي حق ۾ سواءِ نيڪي جي ڪجھ به نه چئو جو ته مصحفن بابت جيڪي هن ڪيو سو اسان جماعت جي صلاح سان ڪيو آهي" بس ايماندار مسلمانن جي لاءِ جناب علي المرتضى رضه جون هي ٻه روايتون ڪافي آهن جن ۾ جناب عثمان رضه جي پوزيشن جي نهايت صاف ڪيو ويو آهي پر بي ايمان لاءِ ڪيترو به ڪجي ته اهو ٿورو آهي -

اعتراض (٥٠) - مسٽر واصف بزاز سگهند وشر سيپاره معنى ٣٠ ٽڪرا ڪهڙي وقت قرآن شريف جا ڪيا ويا ۽ ڪن جي حڪم سان شيعن جي يا سنين جي ؟

جواب - افسوس جو مسٽر ميرو قرآن مجيد جي عداوت ۾ اهڙو ته حواس باخته ٿي ويو آهي جو اهو خيال ئي نٿو ڪري ته قرآن مجيد جي عام ۽ خاص جي تلاوت جي سهوليت لاءِ حصن مقرر ڪرڻ ۾ نفس قرآن کي ڪهڙو نقصان پهتو ؟ قرآن پاڪ اهو ئي آهي ۽ ايترو جيترو پيڪي ڪتاب ۾ آهي - پيهه حصا قرآن پاڪ جا هنڪري ڪيا ويا آهن ته مهيني ۾ ختم ڪرڻ لاءِ هڪ حصي جي پڙهڻ جي سهوليت پيدا ٿئي ۽ مڪتبن ۾ ننڍن ٻارن لاءِ آساني ٿئي - ٻي طرح ۾ شروع زماني ۾ ته قرآن مجيد تي زيرون زبرون وغيره اعراب به ته ڪونه هئا - جيڪڏهن اهي به نه ڏجن ها ته مسٽر ميري جهڙا عربي کان نابلد هڪ آيت به صحيح پڙهي نه سگهن ها - شايد شيعه صاحبن جي مصحفن ۾ پيڪي عربي بنا زير زبر

جي ٻڳي ٻيءِ هوندي ۽ ڪٿهن رڪوع وغيره جو نشان ڪونه هوندو -

ٻيا ٽي جو مستر ميوي ٻي قول قرآن مجيد جي تعريف ۾ ڏنا آهن جنهن مان هڪ قول نهج البلاغت جا آهن ۽ هڪ ڪافي جو - هڪ قول ۾ حضرت عليؑ ٿو فرمائي :-

"قرآن توهان وٽ موجود آهي - هو اهڙو خطيب آهي جنهنجي زبان ٿڪجڻ واري نه آهي ۽ اهڙو مضبوط قلعو آهي جنهنجا ٿنڀ ڊهڻ وارا نه آهن ۽ اهڙو عزت جو نقطو آهي جنهنجا طرفدار شڪست کائڻ وارا نه آهن"

هن روايت ۾ جناب علي المرتضيٰ قرآن مجيد کي خطيب جو لقب ڏنو آهي يعني ليڪچرار پر اسان اشتهار جي سوال ٤ جي جواب ۾ شيعن جي معتبر ڪتاب تحقيق المبين جي عبارت ڏني هئي جنهن ۾ خود حضرت عليؑ جو قول آهي ته آءٌ ڳالهائيندڙ ڪلام الله آهيان ۽ هي قرآن خاموش آهي"

هاڻي ناظرين انصاف ڪن ته حضرت عليؓ هڪ هنڌ قرآن کي خطيب ٿو سڏي ۽ ته وري ٻئي هنڌ انکي صامت يعني خاموش ٿو ثابت ڪري - هن مان ثابت ٿيو ته شيعه عالمن جو اهو قول درست آهي ته امامن قرآن بابت جيڪا تعريف ڪئي آهي اها تقيه ڪري آهي يعني سنين جي روبرو انهن جي خوف کان تعريف ڪئي اٿن نه ته سندن اصل عقيدو اهو آهي جنهنجو اظهار هڪ سئو ڏهه حوالن ۾ ڪري آيا آهيون -

ڏسو ٽئين روايت ۾ حضرت عليؓ ٿو فرمائي ته قرآن مضبوط قلعو آهي جنهنجا ٿنڀ ڊهڻ وارا نه آهن پر زنديق واري روايت ۾ بلڪل ظاهر ڪيو اٿن ته "منافقن قرآن ۾ ڪفر جا ٿنڀ قائم ڪيا آهن - (ڏسو فصل ٤ حوالو نمبر ٧٨) جيڪڏهن سچ پچ حضرت عليؑ هن قرآن جو مداح هوندو ته پوءِ قرآن ۾ ڪفر جا ٿنڀا ڇو ڏنائين جو زنديق کي اهڙو جواب ڏنائين - جيڪو قرآن گمراهي ۽ ڪفر جو مرڪز هجي اهو مضبوط قلعو ۽ عزت وارو نقطو ۽ خدا جي مضبوط رسي - نوراني روشني ۽ شفا ڏيندڙ دوا ڪئين ٿي سگهندو ؟ ظاهر آهي ته اها تعريف امامن تقيه ڪري ڪئي آهي -

الله تبارڪ وتعاليٰ جي مهرباني سان ميزان الانصاف جو جواب باصواب پورو ٿيو الحمدلله

کهان مين اور کهان يه نکهت گل ؛ نسيم صبح تيري مهرباني

ٻيا ٽي جو اسين سنڌ جي شيعه صاحبن کي هي عرض ٿا ڪريون ته جيڪڏهن ڪو به سنڌ جو شيعي مجتهد هن ڪتاب جو جواب لکي ته هو هيٺين ڳالهين جو خيال رکي (١) اسان جي ڏنل هڪ سئو ڏهه روايتن تي پنهنجي مذهبي تحقيق موجب روشني وجهي - (٢) جيڪي امامن جون اسان قرآن پاڪ جي غير معتبر هئڻ تي حديثون ڏنيون آهن انهن جي صحيح يا غلط هئڻ تي علم حديث موجب جرح تعديل ڪري (٣) قرآن جي تحريف قائل تي پنهنجي مذهبي روايتن جي ڪهڙي حڪم يا ڳرامي جو فتوا لکي -

بجواب خلافت اسلام

هِن ڪتاب ۾ شيعه خواه سُني مذهب جي معتبر روايتن مان ثابت ڪيو ويو آهي ته حضرت عَلي رضي الله عنه بلا فصل خليفو نه هو پر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه هو - ۽ حديث خُم غدير تي صحابيت ومناحت سان بحث ڪري انهي حديث کي جُڙتو ثابت ڪيو ويو آهي - قيمت ۲ آنا

انوار الهُدىٰ بجواب آئينهٔ حق نما

هِن ڪتاب ۾ تَقيه وغيره شيعن جي مختلف مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي ۽ ماتمداري جي خوب ترديد ڪيل آهي قيمت ۲ آنا

الڪشاف بجواب الانصاف

هِن ڪتاب ۾ به شيعن جي ڪيترن اعتراضن جا جواب ڏنا ويا آهن خاص ڪري لفظ شيعه تي عمده پيرايه سان روشني وڌل آهي ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي شيعه هئڻ ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي شيعه تي خوب بحث ڪيو ويو آهي، قيمت ۱ آنو -

شيعن جي ڏهن سوالن جا جواب

هي ڪتاب به قابل ديد آهي - هن ۾ خاص طرح خلافت تي معقول بحث ڪيل آهي قيمت ۱ آنو -

مِلڻ جو پَتو

مسلم ادبي پريس حيدر آباد سنڌ